# هنگلاج ۽ لاهوت

ڏندڪٿائن جي پس منظر ۾

بدر ابڙو

# هنگلاج ۽ لاهوت

(ڏند ڪٿائن جي پس منظر ۾)


## بدر ابڙو



## سنگم پبليڪيشنس

پوسٽ باڪس نمبر 13071

ڪراچي - 75350

سنگم پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 36

ڪتاب : هنگلاج ۽ لاهوت
تحقيق ۽ تصنيف : بدر ابڙو
نقشا ۽ اسڪيچ : ليکڪ
تصويرون : ليکڪ ۽ محمد علي قادري
ٽائٽل سيٽنگ : خدا بخش ابڙو
ڪمپوزنگ : امان الله - يو بي ايم ڪمپوزرس
گيٽ اپ : نظام الدين انصاري
پيشڪش : ڪرم الاهي چنا
پبلشرز : ميرس سنگم پبليڪيشنس
پوسٽ باڪس نمبر 13071 ڪراچي - 75350
پرنٽر : واحد آرٽ پريس - ڪراچي
ڇاپو پهريون : سيپٽمبر 1991ع
قيمت - 50/- روپيا

TITLE : HINGLAJ & LAHOOT
(Study of mother Goddess cult and mythes related to creation)
Reserch work by : BADAR ABRO
Presentation : KARAM ILLAHI CHANNA
Publishers : M/s SANGAM PUBLICATIONS
P.O. BOX NO : 13071, KARACHI. 75350
Printer's : Wahid Art Press, Karachi .


تصوير ۾ نظر ايندڙ ماڳ هنگلاج مندر ۽ آسا پورا جي وچ ۾ واقع ڪالي مندر جو آهي جتي ياتري پوڄا پاٺ ۾ مصروف آهن. پس منظر ۾ نظر ايندڙ سوراخن تي هاريل رت جا لينگها ڏسي سگهجن ٿا جيڪو اصل ۾ ڪاليءَ کي ريجهائڻ لاءِ ٻڪر جي قرباني ڪري انهن سوراخن تي هاريو ويو آهي.
ٽائٽل ٽرانسپيرنسي : محمد علي قادري

# امان جي نالي

جنهن جا الاهي روپ آهن. جنهن جو هڪ روپ مونکي جنم ڏيندڙ امڙ جو روپ آهي، جنهن جي پيار ۽ پالنا مونکي ديوين ۽ ديوتائن جي صفتن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏني.

ساڳي امڙ جي نالي، جنهن جو هڪ روپ "اُما" آهي، ٻيو روپ "تاني" آهي، ٽيون روپ "حوا" آهي، چوٿون روپ "ڌرتي ماتا" آهي، پنجون روپ ...... ڇهون روپ........، جنهن جا بيشمار روپ آهن.

ان امڙ جي نالي، جيڪا آمري ۽ ڪوٽڏيجي جي اڳاٽين تهذيبن ۾، موهن جي دڙي واري سنڌو تهذيب ۾، هنگلاج ۾، هر گهر ۾ موجود آهي ۽ جيڪا سنڌ جي صورت ۾ اسان کي پالي نپائي رهي آهي.

# ٻه اکر

سنگم پبليڪيشنس پاران، سنڌ جي ثقافتي، روحاني ۽ تاريخي ماڳن جي اشاعت واري سلسلي ۾ نوجوان صحافي، اديب ۽ محقق جناب بدر ابڙي جي ڪوجنائن جو ثمر "هنگلاج ۽ لاهوت" پڙهندڙن آڏو حاضر آهي. هن کان اڳ به ادارو سندن تحقيقي ڪتاب "رني ڪوٽ" شايع ڪري چڪو آهي، جنهن کي تمام گهڻي پذيرائي ملي. وڌيڪ ته بدر ابڙي صاحب واعدو ڪيو آهي ته هو اداري سان اڳتي به سهڪار جاري رکندو. ان لاءِ ادارو سندن ٿورائتو آهي.

بدر ابڙي جي شخصيت ۽ فن کي هن ڪتاب ۾، ٻن ناميارن ليکڪن سائين قمر شهباز ۽ سائين تاج صحرائي نهايت خوبصورت چٽيو آهي. ان لاءِ به ادارو سندن ٿورائتو آهي.

اميد ته جلد ئي ان سلسلي جا وڌيڪ ڪتاب اوهان جي هٿن ۾ هوندا.

ساٿ سلامت
ڪرم الاهي چنا
8 سيپٽمبر 1991ع

# فهرست


* مهاڳ ——— تاج صحرائي 9
* هيرا تہ ڏسو ——— قمر شهباز 15
* انسان ذات جا گڏيل ورثا 21
* هنگلاج ڪٿي آهي؟ 26
* دڳ 26
* هنگلاج ۾ ڇا آهي ؟ 27
* هڪ ڪٿا جو پس منظر 28
* ڪشترين جي ديوي 31
* ديويءَ جا ٻيا نالا 32
* هنگلاج ديويءَ بابت هڪ ٻي ڪٿا 34
* سميري ننِ 38
* نانيا ديوي 42
* ايران جي اناهيتا ديوي 49
* هنگلاج ديويءَ جو نالو 52
* هنگلاج جون رسمون 55
* چندر ڪوپ 56
* اگور نديءَ تي 58
* آسا پورا 58
* ڪالي مندر 59
* هنگلاج مندر 62
* انيل ڪن 66

* هنگلاج ڪيترو پراڻو ماڳ آهي؟ 69
* لاهوت ڪٿي آهي؟ 71
* سيوهڻ کان لاهوت جو رستو 72
* لاهوت ۾ ڇا آهي؟ 76
* نوراني باغ 78
* گوڪل جو وات 79
* شاهه بلاول نوراني ڪير هو؟ 79
* لاهوت وارو ماڳ 81
* عقيدي جي تبديلي 85
* قيامت جو تنبيو 86
* تخليق بابت اوائلي نظريا 92
* قديم مصر جو عقيدو 94
* ڪنعاني عقيدو 96
* يهودين جو عقيدو 96
* چينين جو عقيدو 98
* آرين جو عقيدو 99
* قديم ايرانين جو عقيدو 101
* قديم سنڌو ماٿريءَ جي ديو مالا 102
* شوُ سڀ کان قديم ديوتا 111
* طاقتور هستين جو تصور 112
* حوالا 118
* تصويرون 121

## تاج صحرائي

# مهاڳ

اهو چئي نہ ٿو سگهجي تہ ڏند ڪٿائون يا ديومالائي ڪهاڻيون ڪهڙي ملڪ يا قوم يا وقت کان شروع ٿيون. پر جيتري قدر منهنجو انساني سڀاءُ، مزاج، جبلتن، خصلتن، ضوبين ۽ ڪمزورين جو اڀياس آهي تہ مان سمجهان ٿو تہ پهرين انسان جي پهرين ڪوڪ، انسان جي پهرين زبان هئي ۽ پهريون اشارو، ان جي رقص جي پهرين ادا هئي يا انگ هو. اهڙي طرح انسان پنهجن جبلتن جو اظهار ڪندو رهيو. وري جڏهن انسان ڳالهائڻ لڳو ۽ هو وڏيڪ کان وڏيڪ اکر ۽ لفظ گهڙڻ سگهيو، تڏهن هو آکاڻين ٻڌائڻ جي فن کان واقف ٿيو ۽ انسان پهريون آکاڻيون اهي ٻڌائيون جيڪي سندس ذات، سندس گروهہ سان واسطو رکندڙ هيون، شڪارن جو آکاڻيون هيون. جهنگلي جانورن سان ويڙهن جون ڪهاڻيون هيون. هوائن، زلزلن، ٻوڏن، برساتن، ڪنوڻن، باهين وغيره وغيره جون ڪهاڻيون هيون. انهن واقعن وچ ۾ ڪي اهڙا اوچتا ۽ اتفاقي واقعا بہ ٿيندا رهيا جي ان اوائلي ۽ منڍ واري انسان جي سمجهہ کان ٻري ۽ مٿاهان هوا. انسان انهن واقعن جي سببن ۽ محرڪن کي سمجهڻ کان مجهول ۽ معذور هو. ان ڪري، هن انهن واقعن کي ڪن مٿاهين غير معمولي انسانن جي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ، ڏمر ۽ ڏاڍ ( خوف) ۽ خوشي ۽ خوشنودي (اميد) سان لاڳاپي ۽ ڳنڍي ڇڏيو. آهستي آهستي ٿي انسانن پهرين انهن جا ڪي خيالي خاڪا ۽ ليڪون ۽ لڪيرون ۽ تصويرون ٺاهيون ۽ پوءِ انهن جا بت، بوتا ۽ مجسما گهڙيا.

### مختلف ملڪن جا ديو، ديوتائون ۽ ديويون

اهڙي نموني سان دنيا تخليقي ڏند ڪٿائن ۾ بابل جا ديومالائي ديوتا مردڪ(Marduk ) ۽ تيامت ( Tiamat) ملن ٿا. سميرجي مٿالاجي ۾ ديوميوزي(Dumuzi)، اننا(Inanna)، انڪي (Enki) ،ننهرسگ(Ninhur sag) جلجامش(Gilagamesh) ، زو (Zu)وغيره، مصر جي مٿالاجي ۾ اوسيرس (Osiris) ري (Re)، نلوٽڪ (Nilatic) وغيره، هيبريو مٿالاجي ۾ جوشايا (Goshua) ، اليجاهہ (Elijah)، اليشا (Elisha)، وغيره يونان جي مٿالاجي ۾ زيوس (Zeus)، هرڪيولس (Hercules)، يولسز (Ulysses)، وينس (Venus) ڪيوپڊ(Cupid)، پرومٿيوز(Prometheus)، آرنيوز(Orpheus)، مارس(Mars)، ميوز(Muse) اپولو (Apollo) وغيره وغيره ملن ٿا. ساڳيءَ طرح ويدن ۽ آرين جي مٿالاجي ۾ برهما (Brahma) ،شو (Siva) ۽ وشنو (Vishnu) جن کي گڏي تموُرتي جا ديوتائون سڏيو ويو آهي،سرسوتي(Sarasvati)،لڪشمي(Lakshi)، پاروتي(Parvati)، درگا (Durga)، اما

اُما (Uma)، اگني (Agni) وغيره وغيره ديوين (Goddesses) جا نالا آهن. اهي سڀ ديوتائون ۽ ديويون آهن. اهي سڀ ڏاڍ ۽ ڏمر، رحم ۽ ڪرم، ڏڪار ۽ سڪار، بهادري ۽ سخا، حسن ۽ عشق، موت ۽ حيات يا ڪٿي چئجي ته "خوف ۽ اميد" جا ڪردار آهن. جن بابت ڏندڪٿائن ۽ ديومالائي ڪهاڻين ۾ چيو ويو آهي ته "انساني زندگيءَ تي ڇانيل ۽ حاوي رهن ٿا." انهن ديوين ۽ ديوتائن ڏانهن جدا جدا ڪم ۽ ڪاريون منسوب ڪيون ويون آهن. مثال طور، مردوڪ بابت چيو ويو ته تخليق جو ديوتا آهي. سوا پهاڙن ۾ رهڻ وارن ۽ وشو ميدانن ۾ رهڻ وارن جا ديوتا آهن. آرنيوز ساز ۽ سرود جو ۽ ميوز لطيف فنن جا ديوتا ۽ ديوي آهن. ڪيوپڊ عشق جو ديوتا آهي ۽ وينس حسن ۽ جواني جي ديوي آهي. اگني (ويد) ۽ پرومٿيوز (يونان) باهه جا ديوتا آهن. اروڙا ڀاڪ ڦٽي جي ديوي ۽ جلجامش بهادري جو ديوتا آهي، مون هتي ان ديوي جو ذڪر نه ڪيو آهي جنهن کي ڌرتي ماتا (Mother Goddess) يا پرٿوي (Prithivi) ديوي سڏيو ويجي ٿو. ڊبليو-جي-ولڪنس (W.J.Wilkins) پنهنجي ڪتاب هندو مٿالاجي ۾ پرٿوي (Earth) ۽ آڪاس (Heaven) بابت چوي ٿو ته اهي آرين جا سڀ کان وڏيڪ پراڻا ديوتائون آهن. پر مان سمجهان ٿو ته هو صاحب ڀليل آهي، سو (Siva) ۽ ڌرتي ماتا سنڌو تهذيب سان تعلق رکڻ وارو ديوتا ۽ ديوي آهن. آرين انهن ٻنهي کي چورائي، پنهنجو ڪري، فخر حاصل ڪيو آهي. ڌرتي ماتا بابت مون ڪتاب "سنڌو تهذيب-جلد ٻيو" ۾ سنڌو ۽ سير حاصل بحث ۽ احوال پيش ڪيو آهي.

## ڌرمي ڪريا ڪرم يا آدرشي ريتيون

آريائي سنڌ، پارٿ، سمير، بابل، ايلام، ڪنعان، يونان ۽ مصر وغيره وارن ڪن اهڙين سرگرمين کي پيدا ڪيو جن کي فقط ڌرمي ڪريا ڪرم ۽ رسمون سڏي سگهجي ٿو. جيڪي رسمون فقط ڌرمي آدرشي پيشوائون ادا ڪري سگهيا ٿي. اهي رسمون ۽ ريتيون ڪن خاص موقعن ۽ ڏڻن ۽ تهوارن تي، مقرر ڪيل وقتن تي، مقرر نموني، طرح ۽ انداز سان پوريون ڪيون وينديون هيون ۽ آهن، انهن رسمن جي پوري ڪرڻ وقت، ڀڄن، گيت، منتر جنتر، ٽوٽڪا، ڦيٿا وغيره ضرور ڳائيا ويندا هوا ۽ آهن. سرودن، سازن، سان گڏ ناچ، نخرو، ادا، انداز وغيره جو هئڻ به لازمي امر آهن. ان مقصد سان ته غير متوقع نقصانن کان گروهن ۽ قبيلن کي بچائي سگهجي يا متوقع ڀال ڀلائين سان گروهن ۽ قبيلن کي ڀري سگهجي.

## پروفيسر جنگ (Jung) جو رايو

هڪ مشهور مغربي مفڪر جنگ ڪارل جو چوڻ آهي ته فڪر ۽ سوچ (Thinking) اڳين ۽ پراڻن ماڻهن ۾ به هئي ۽ اڄ جي ماڻهن ۾ به آهي. پر انهن ٻنهي ۾ فرق آهي. اڳين ماڻهن جي سوچ ۾ ٻت، ڀوتا، پتلا، پاچولا ۽ بي ڍنگا ۽ بي معنيٰ خواب هوا جن کي بي رخا، بي تڪا ۽ نڪما تصور به سڏي سگهجي ٿو. جڏهن ته ان جي ابتڙ اڄ جي ماڻهن جي سوچ ۽ فڪر ۾ تعميري پهلو وڌيڪ صاف ۽ چٽو نظر

اڇيتو، ۽ جن کي لفظ ۽ مفهوم آهن. هو وڏيڪ چويٿو تہ اڳين پراڻن ماڻهن جي دنيا هڪ اهڙي خيالي دنيا هئي جنهن کي اڄ جي ٻارن جي، يا اڻ پڙهيل نوجوانن جي، يا جهنگلين جي يا خوابن جي دنيا سڏي سگهجي ٿو. ساڳئي طرح ٻاراڻا فڪر ۽ خواب، تاريخ کان اڳ وارن ماڻهن ۽ وحشين جي سوچ جي طريقن ۽ اندازن جي پڙاڏي جو بہ پڙاڏو آهن. انڪري ڏند ڪٿائون، ماڻهن جي بي شمار ۽ لا تعداد خوابن مثل آهن ۽ خواب وري فردن جون ڏند ڪٿائون آهن.

("Myths are the mass dreams of people, and dreams the myths of individnals ." (Psycholoty of the Unconseious)

## ڏند ڪٿائن جو جيئرو رهڻ

ساڳئي وقت، اسانکي اها ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ڏند ڪٿائون يا ديومالائي ڪهاڻيون، ڪنهن بہ سماج ۾ ، فقط ٻن صورتن يا حالتن ۾ جيئريون رهي سگهن ٿيون. انهن ٻن حالتن مان هڪ آهي تہ ڪنهن بہ ڏند ڪٿا جو وقت گذرڻ سان تصور بدلجڻ، جئين جلجامش ڏانهن ڪي گروهہ ۽ قبيلا سمجهن ٿا. اهي گروهہ ۽ قبيلا پاڻ کي جلجامش جي اولاد سمجهن ٿا. ٻي حالت اها آهي تہ ڏندڪٿا جو رائج رهڻ ۽ ڦهلاءُ، جئين هنگلاج جي ديوي تاتا - تانيا-(نانيُ جو ايشيا جي ملڪن ۾ ڦهلاءُ، رواج ۽ پوڄا يا حضرت نوح عليہ جي ٻوڏ جو سڄي دنيا ۾ چرچو، فرات ۽ دجلہ جي ماٿري ۾ تہ ان ٻوڏ کي هڪ حقيقت سمجهي قبول ڪري سگهجي ٿو. پر انهن ملڪن ۾ جن ۾ ڪنهن بہ ٻوڏ جو ڪڏهن بہ تصور ڪري نہ ٿو سگهجي، انهن ملڪن مثال طور يونان، ڪنعان،عرب وغيره ۾ ٻوڏ کي حقيقت مڃي، ان جي پوڄا ڪرڻ هڪ اهڙي مت آهي جيڪا فرات ۽ دجلا جي ماٿرين مان هلي، ٻين ملڪن ۾ بہ عام ٿي ويئي.

وري اسان جڏهن ڪدموس (Cadmus) جي ڪهاڻي پڙهون ٿا تہ معلوم ٿو ٿئي تہ فونيشنس (Phoenieian) جي آئيوتا (alphabet) ان معرفت يونان ۾ پهتي ۽ اتان هلي سڄي مغربي دنيا جي ٻولين جو ڪنهن حد تائين بڻ بنياد بڻجي ويئي.

انهن حقيقتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڏند ڪٿائون ۽ ديومالائي ڪهاڻيون بہ وقت گذرڻ سان واپارين، سياحن ۽ ماڻهن جي لڏ پلاڻ سان هڪ ملڪ يا خطي مان هلي ٻين ملڪن ۽ خطن ۾ پکڙيون آهن جيئن هنگلاج جي ديوي نانيا يا ناتي آهي، سمير جو ديوتا جلجامش آهي ۽ سنڌ جو راجا دلوراءِ آهي ۽ مهين (Mahen) جو ڏِکو يا ڳابو آهي جيڪو فرعونن جي ملڪ تائين پهچي ويو هو. جڏهن تہ دلوراءِ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ دهلي جو حاڪم ٿي رهيو هو. ساڳي ڳالهہ مرد ۽ عورت جي مخصوص عضون لاءِ بہ چئي وئي آهي.

ان کان سواءِ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن انسان جي شعور ۽ تجربن ۾ بہ واڌارو ٿيندو ويو. جنهن ڪري ڪيتريون ڪريا ڪرمن واريون ريتيون مرنديون ويون يا وري ڪن ٻين تبديلين ۾ بدلجنديون ويون. اهو ئي سبب آهي جو ڏند ڪٿائون ۽ ديومالائي ڪهاڻيون آهستي آهستي ٿي قديم لوڪ ادب

جون ڪهاڻيون ۽ داستان ٺهي ويون، جن مان ڪي اڄ تائين پڙهيون ۽ ڳايون وڃن ٿيون. ڪالهه وارو ديو مالائي اڏند ڪٽولو اڄ اسان جي اکين جي آڏو آڪاس ۾ مٽي مٽي ۽ پري پري اڏامندو نظر اچي ٿو. ڪالهه واري ڏند ڪٿائي وينس اڄ دنيا جي حسن جي ديوي جو تاج سر تي رکي ٿي، وغيره.

دنيا جي محققن جي اڪثريت ان ڳالهه تي متفق آهي ته تاريخ جي ماخذن مان هڪ اهم ۽ مکيه ماخذ "لوڪ ادب" آهي.

## منهنجو ذاتي سفر:

مان هاڻي هن مهاڳ جي ٻئي حصي تي اچان ٿو جيڪو هن ڪتاب سان تعلق رکي ٿو ۽ اهو آهي شري هنگلاج ديوي جي ياترا ۽ لاهوت لامڪان جو سير ۽ سفر. اهي ٻئي ماڳ، مان پاڻ ڏسي ۽ گهمي آيو آهيان. انهن ٻنهي ماڳن سان ڪي نه ڪي پراڻيون ڏند ڪٿائون وابسته آهن. پهرين هند سان ڪالي ديوي ۽ شري هنگلاج ديوي (نانيا - يا ناني) جو واسطو آهي ۽ پوئين ماڳ سان گورکل ديو جو تعلق ٻڌايو وڃي ٿو. اهي ٻئي ماڳ جي تاريخ کان اڳ واري دور جا نه آهن ته ڪم از ڪم ان دور سان تعلق رکن ٿا جنهن کي تاريخ جو منڍيو وارو زمانو سڏجي ٿو ۽ جو زمانو ڏند ڪٿائن ۽ ديو مالائي ڪهاڻين جو زمانو هو. جنهن وقت انساني شعور اڃا پڪو پختو نه ٿيو هو ۽ تاريخ پانيڙا ٿي پاتا.

ساڳئي وقت اها ڳالهه به تمام دلچسپ آهي جو پاڪستان ۽ ڀارت جا هندو ۽ مسلمان انهن جڳهين يا ماڳن کي پنهنجا پنهنجا پاڪ ۽ پوتر هنڌ سمجهن ٿا ۽ عقيدت مان هلي، اتي پهچي الله الله يا رام جو نام جپين ٿا.

لاهوت جو سفر گهڻي پاڳي پهاڙن، ماٿرين ۽ نئين وارو پنڌ آهي. نئين ۾ ٿورو گهڻو پاڻي رهي ٿو جنهن ڪري رستي جي ٻنهي پاسن کان آبادي ۽ ساوڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. رستي تي ڪي چڱيون هوٽلون به آهن. جتي چانهه ماني ۽ ٿڌو پاڻي هر ڪنهن موسم ۾ ميسر آهن. ان کانسواءِ رستي تي بسون، جيپون ۽ موٽر سائيڪليون اچن وڃن ٿيون. جنهن ڪري سواري جي تمام گهٽ تڪليف آهي. ان جي مقابلي ۾ هنگلاج جو سفر وڏو صبر آزما همت ۽ استقلال جو سفر آهي. جنهن لاءِ شاهه لطيف فرمائي ٿو ته "بڪ واڪائون ٻڪرين، اوتي پيتائون اڄ، سامي جهاڳي سڄ، وڃي وسنهن کي ويجهو ٿيا". هنگلاج جي سفر ۾ ميلن ۾ اوهانکي نه وڻ نه ٽڻ، نه ڪرڙ نه ڪانڊيرو، نه پکي نه پکڻ، نه ماڻهو ۽ نه مرون ڏسڻ ۾ ايندو، سموري ڪائنات هڪ وڏي ۾ ويڪري رڻ پٽ واري ڏيک ڏيندي، هيٺ هيٺ متاهيون واري ڊوڙ ۽ ڏڌڙ، مٿي مٿان نيرو نيلو گنبذ ۽ بس.

مگر مکيه ماڳ ۽ مڪان تي پهچڻ کانپوءِ، قدرت جا حسين ۽ دلڪش منظر ڏسڻ ۾ ايندا، هڪ طرف ننڍن ننڍن چشمن مان وهي ڪرندڙ پاڻي جا مڌر گيت ٻڌڻ ۾ ايندا ته ٻئي طرف پهاڙن جي بلند چوٽين تان هوائون سرگوشي سان سر سر ڪري گذرنديون. انهن پرسڪون ۽ دلفريب ماٿرين ۾ ڪي اهڙا گوشا ۽ ڪنڊون به آهن جتي خاموشين کي خاموشي وٺيو وڃي ۽ جتي سڪون

ڪي به سڪون ميسر ٿئي ٿو. اهڙن ماڳن تي ڪن خدا وارن جون مهڙيون نظر اينديون آهن جيڪي خدا کي ڳولڻ لاءِ ۽ پاڻ کي سڃاڻي پرچائڻ لاءِ، انهن ماڳن کي مسڪن بڻائيندا آهن. انسان پهاڙن جي چوٽين تي، درياهن ۽ سمنڊن جي ڪنارن تي ۽ اونداهين غفائن ۾ ويهي "تون ئي تون" جو ورد ڪيو آهي. ڪن وري ساز ۽ سرود کي، رنگ ۽ برش کي، ڪلڪ ۽ ڪاڳر کي، پٿر ۽ ڇيڻي کي ذريعو بڻائي، پاڻ کي پرچايو آهي، پنهنجي نفس کي رام ڪرڻ لاءِ ۽ رب کي ريجهائڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن. لاهوت ۽ هنگلاج اهڙي قسم جي ماڳن مان به مکيه ماڳ آهن، جتي صدين کان وٺي انسان جي اچ، وڃ ۽ اٿڻ وهڻ پئي رهيو آهي.

## ڪتاب هنگلاج ۽ لاهوت :

منهنجي نوجوان دوست بدر ابڙي سوين ڪيرون ۽ لکين جس لهڻا، جنهن همت ۽ ڪوشش ڪري انهن ماڳن کي گهمي، انهن بابت عام ماڻهن کان ۽ ذاتي مشاهدي سان گڏ ڪتابن مان معلوماتي مواد هٿ ڪري، هي سهڻو وڻندڙ ۽ جامع ڪتاب لکيو آهي، ڪتاب ۾ انهن پوتر ماڳن بابت جيڪي ديو مالائي ڪهاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون يا نيم تاريخي واقعا ۽ ڳالهيون به ڪيس معلوم ٿيون آهن يا مطالعي هيٺ آئيون آهن. انهن سڀني کي قلمبند ڪيو آهي. بدر ابڙي پنهنجي هن ڪوشش کي ٢٦ بابن ۾ ورهايو آهي. جنهن مان ١١ بابن ۾ شري هنگلاج ديوي ۽ انهن جي ياترا جو احوال ڏنو اٿس، ٧ بابن ۾ لاهوت لامڪان جو ذڪر ڪيو اٿس، ٨ بابن ۾ مختلف قومن ۽ ملڪن جا "تخليق" متعلق رايا ۽ خيال ۽ پوين ٢ بابن ۾ هڪ ۾ سنڌو ماتري جي ڏند ڪٿا ۽ ٻئي ۾ ڪن طاقتور هستين بابت معلومات لکي اٿس. هر هڪ باب ۾ ڪا نه ڪا نئين ڳالهه پيش ضرور ڪئي آهي. هنگلاج جي ديوي ناني ۽ لاهوت جي ديو گوڪل بابت جيڪي سمير، مصر ۽ ويدن يا بين ڌرمي پستڪن مان، ڪيس احوال مليو آهي سو سڀ پڙهندڙن جي ڄاڻ واڌاري ڪرڻ جي خيال سان، هن ڪتاب ۾ پيش ڪيو آهي. ان سان گڏ تخليق جو جيڪو نظريو يا تصور آهي، ان تي تمام سٺو بحث ڪيو آهي. جدا جدا ملڪن ۾ تخليق بابت جيڪي جيڪي خيال ۽ رايا، نظريا ۽ تصور گهڙيا ۽ رچيا ۽ ڪن حالتن ۾ ڳائيا ويا آهن. سي سڀ جمع ڪري، هن ڪتاب ۾ جدا جدا بابن جي صورت ۾ پيش ڪيا آهن. مثال طور چينين جو "هو – شو ۽ هون تون" مصرين جو "پاٿي – ڪنول ۽ انوم" ايرانين جو "هر مز جو انسان ديوتا" ۽ آرين جو "اسر – ورتر ۽ ۽ ادتيا" وغيره وغيره

ان کانسواءِ شري هنگلاج ديوي جي ياترا واري واٽ سان جيڪي پيون تيرٿ جون جائيون ۽ تڪيا آهن جهڙوڪ لياري ڳوٺ جو ميدان، چندر ڪوپ، سنگل، آسا پورا، انيل ڪن، ڪالي مندر وغيره تن جو بدر ابڙي صاف ۽ چٽو ۽ سربستو احوال پيش ڪيو آهي ويندي ڌرمي ريتين ۽ رسمن تائين. خود شري هنگلاج ديوي تي تمام سٺو ۽ مڪمل بحث ڪيل آهي جنهن ڪتاب جي اهميت ۾ خاطر خواهه اضافو ڪيو آهي. هنگلاج ديوي جي ياترا تي بدر ابڙي جي ڪتاب

ڪان اڳ، رامچند – ايس ڪتري بہ ڪتاب لکيو آهي. ان ڪتاب ۾ صفحو ٢٧٤ تي ڪارڪ بندر جو ذڪر مليو. ان بندر تان لهي، ياتري هنگلاج ويندا هوا. بدر صاحب کي کوجنا ڪري ان بندر بابت تفصيلوار بحث ڪرڻ کپندو هو جيڪو بدر ابڙي جي ڪتاب ۾، منهنجي نظرن مان نہ گذريو. اهو بندر حب ندي جي چوڙ وٽ هو. وي – اي سمٿ پنهنجي ڪتاب "هندوستان جي اوائلي تاريخ" ۾ صفحي 110 ۽ 111 تي سڪندر جي امير البحر جو احوال ڏيندي پن بندرن جو ذڪر ڪيو آهي. هڪ کي هو سڪندر جو بندر ڳاهہ (Aley and er's Haven) سڏي ٿو ۽ ٻئي جو نال ڪوڪالا (Kakala) لکيو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪارڪ بندر ۽ ڪوڪالا بندر ساڳئي بندر جا مختلف نالا هجن.

لاهوت :

بدر ابڙي پنهنجي ڪتاب ۾ شاهہ بلاول نوراني جو احوال لکيو آهي. پر مون جڏهن شاهہ بلاول نوراني ۽ گوکل ديو متعلق پنهنجن ساٿين کان اتي روٽ واري مچ وٽ سوال ڪيا تڏهن انهن مونکي آهستي ۽ ديبل لفظن ۾ انهن ۽ اهڙن ٻين سوالن پڇڻ جي منع ڪئي. ساڳئي سوال يعني نوراني شاهہ – جنهن جبل جو شاهہ جي نالي – اصل وطن، تعليم عمر رياضتن ۽ حسب نسب بابت ڪن زائرين کان سوال ڪيا تہ مون ڏٺو بلڪ شدت سان محسوس ڪيو تہ اهي سوال انهن لاءِ پريشان ڪندڙ هوا، محترم گادي نشين تہ ذري گهٽ چڙي پيو ۽ چيائين تہ اهي نوراني راز آهن جي پڇيا نہ آهن. شاهہ نوراني جي وات تي چتون جي هوٽل آهي. اتي جي آس پاس جا نظارا ڏاڍا نرمل ۽ سلوڻا هوا. مون آهستي وجي ان کان بہ سوال ڪيا ۽ هو پلو ماٺهو چپ رهيو.

جوڻ جو فلسفو: (Reinear nation) (Reinearnation)

مون لاهوت، هنگلاج، لڪي، ننگر پارڪر، ڪينجهر ڪناري، امير پير ۽ يڪ ٿنڀي (سيوهڻ ريلوي اسٽيشن پرسان) وغيره وغيره ۾ ڪي اهڙيون سوڙهيون ڪوٺيون ۽ غارون ڏٺيون آهن جتي ياتري هڪ طرف کان داخل ٿي، ٻي طرف کان ٺڪري ٻاهر ايندا آهن. منهنجي خيال ۾ اهو فعل ياريت رسم جوڻ واري فلسفي ۽ تصور کي زنده رکڻ جي شعوري يا لاشعوري ڪوشش آهي.

بهرحال جن ماڻهن هن کان اڳي، هنگلاج ۽ لاهوت جو سير ۽ سفر نہ ڪيو آهي. بدر ابڙي جو هي ڪتاب انهن لاءِ تمام سٺو سونهون ثابت ٿيندو. مان وري بہ هڪ ڀيرو بدر صاحب کي هن ڪتاب جي لکڻ لاءِ مبارڪون ڏيان ٿو.

سامي ڪٺي سنک وڄائي وات ٿيا.
شاهہ لطيف

5 سيپٽمبر 1991ع

علم جو خادم
تاج صحرائي

قمر شهباز

# هيرا تہ ڏسو

ڏاڍي ڪل جهڙي ڳالهہ چئبي، جو بدر ابڙي جهڙي سڄاڻ، قابل ۽ گهڻ-ڪنڊائتي شخصيت جي محنت ۽ محبت ساڻ ڪيل پيار جي پورهئي تي مون جهڙو گهٽ پڙهيل ۽ گهٽ ڪڙهيل ماڻهو پيش لفظ لکي ۽ بلڪل ايئن محسوس ڪري، جيئن ڪنهن هريڙ لڏي هئي ۽ پاڻ کي پساري سمجهڻ شروع ڪري ڏنو هجائين.

بهرحال، مون لاءِ اهو تصور ئي اطمينان جوڳو آهي ۽ ڪجهہ قدر همٿائيندڙ پڻ، تہ هي چند لفظ لکڻ جو حڪم مونکي ڪنهن بنئي نہ، بلڪ خود مصنف ئي ڏنو آهي. ڪيس انڪار ڪرڻ جي جرئت مون ۾ شايد ان ڪري بہ ناهي جو بدر مون لاءِ هڪ آدرشي سنڌي نوجوان جو مڪمل نمونو آهي. پڙهيل ڳڙهيل، ذهين، سوچارو، پريڪٽيڪل، سچو، سورهيہ ۽ سرويچ. هميشہ ٽڏو. ڪوسو ڪڏهن ڪونہ ڏٺي. محنتي ايڏو جو جنهن بہ ڪارج کي وٺي، تنهن کي پورو ڪري، پوءِ ئي دم ڪٽي. جاڻ گهڻي، پڇار گهٽ. اجائي نماءَ ۽ ڏيکاءَ کان بي نياز. "ابو بادشاهہ هو،" ڪڏهن ڪونہ چيائين. جمال ابڙي جهڙي ڪيهر مڙس جو پٽ هوندي، پنهنجي ميٽا پاڻ ڪرايائين. جو خود جمال کي بدر جي بيءُ هئڻ تي ناز آهي. اهڙا البيلا پٽ بختاور والدين جي حصي ۾ ايندا آهن. بدر صحافي آهي، اديب آهي، مصور آهي، آرڪيالاجسٽ آهي، انقلابي آهي ۽ بيو ڇا ڇا آهي، يا سيڪجهہ آهي — سو پنهنجي جاءِ تي، پر هن جي وڏي خوبي اها آهي تہ هو سڌو سادو، گهٽ- گهر جائو ۽ گهڻ- جاڻو انسان آهي. هن وٽ پيار ۽ پنهنجائپ کان سواءِ بيو ڪوبہ ناٽو ناهي. محبت ۽ محنت سندس جيوت جا بہ اهم ڏاتو آهن، جن تي پڪو رنگ چڙهيل آهي سنڌ ماءُ جي اٿاهہ پريہ جو. مهراڻ جي مٽيءَ سان موهہ اٿس. انهيءَ عشق ڪيس واهڻ واهڻ بستيءَ بستيءَ، پيرين پيادو، ٿر بر ۽ جر پٽڪايو آهي. سنڌڙيءَ جي ڇپي ڇپي کي جاچي، پرکي، ڳولي، ڦولي، هن ماضيءَ جي پيرن جا نشان نروار ڪيا آهن. وقت جي دز کي هٽائي، گذريل ساعتن جي سونهن کي بيهر جياريو

آهي. وسريل ۽ وچڙيل تواريخ جي ورقن ۾ جهاتي پائي هن ڏرتيءَ جي عروج ۽ زوال جا اصل ڪارڻ معلوم ڪيا آهن. هو محقق آهي. ۽ محقق صرف آثارن، اشارن ۾ اهڃاڻن جي آڌار تي غير جذباتي نتيجن تائين پهچندا آهن. بدر پڻ نتيجن جي حد تائين بي رَيا آهي. پر اسر (Subject) ورتي به سندس رياڪاريءَ جي چغلي هڻي ٿو. سنڌ سندس ڪمزوريا آهي. سنڌ جا ماڻهو، جانور، پکي پکڻ، جايون جڳهيون، ايتريقدر جو ڏندڪٿائون ۽ ديومالائون پڻ کيس وڏيڪ پياريون آهن. جراح آهي. نشتر مهارت ۽ غير جانبداريءَ سان ٿو هلائي، پر مريض پنهنجيءَ پسند جو ٿو چونڊي.

سنڌ جي چونڊ ان ڪري به بجا جو سندس ماتر ڀومي آهي،چاهه آهي ساهه آهي، پر شايد ان ڪري به جو هيءَ ڌرتي پر اسرار انسانن جي صدين کان پناهه گاهه پڻ رهي آهي. اهي انسان جي هماليا کان وڌيڪ مضبوط ۽ اڏول ۽ ميڻ کان وڌيڪ نرم ۽ نهٺا آهن. جي محبت ۽ نفرت جي انتهائي چيزن کي ڇهي چاڻن. تهذيب ۽ تمدن جي ڏياٽي روشن ڪرڻ وارا هي آڳاٽا انسان، روايتي ديو جيان ورهين جي ڳهر ۾ ڳڱجي، پنهنجي وجود کي وساري، ماريءَ جي ڪوڙڪي مان آخري لمحي چال ڏئي بيهر جاڳ جي واڳ سنڀاليندا آهن. سر تي سر ڏيندا آهن ۽ فونيڪس پکيءَ جيان پنهنجيءَ ئي رک مان بيهر جنم وٺندا آهن. جن جا اصلي ته ٺهيو، ديو مالائي ڪردار پڻ ننگ پرور، سچار، بهادر ۽ هيئن جا پر- جهلو آهن.

انهن ئي ڪردارن، واقعن ۽ جڳهين بدر جو من موهيو آهي. هو مٽيءَ جي مورتين کي جان بخشي ماضيءَ جي مزارن مان ٻاهر ڪڍي، ڪَٿائن سندن ئي ڪهاڻي چوائي ٿو. هن خطي جي انسانن جي دل ۾ وسندڙ خوشيون غم ۽ خدشا هزارها سالن پڄاڻان اڄ به ساڳيائي آهن، جي تواريخ جي ابتدائي دور ۾ سندن من اندر واسو ڪندا هئا. ڌارين سان جوٽيل وجود جي جنگ، جا اڄ اسين سائنسي سجاڳي ۽ سياسي جاڳرتا واري هن دور ۾ لڙي رهيا آهيون، سا ماضي بعيد ۾ اسان جا ديوتا ۽ جوڌا، آريائي حملي آور ديوتائن سان آسمان توڙي زمين تي وڙهي چڪا آهن. اها ويڙهاند، اها جنگ، اها رت جي راند، هن صديءَ، هن دور يا هن سياسي اٿل پٿل جو نتيجو ناهي، اهو ته اسانجو مقدر آهي. ماضي، حال ۽ مستقبل جو چٽو، اڻٽ عڪس آهي. اولڙو آهي اسان جي آئيندي جو. بدر ڏاڍيءَ مهارت ۽ محنت سان اهي ڪهاڻيون، آکاڻيون ۽ ڏند ڪٿاڻن مختلف ذريعن ۽ وسيلن سان هٿ ڪيون آهن، کين چنڊيو ڇاڻيو آهي ۽ پوءِ کين سلسليوار ترتيب ڏئي، دلچسپ پيرائي ۾ لکيو آهي. مان

سمجهان ٿو ته ديون ۽ ديوتائن جي ڪهاڻين کي علاقائي حد بندين ۾ ورهائي، نفسياتي تارازيءَ ۾ توري، مقامي ۽ غير مقاميءَ جي لتمس تجزئي کان پوءِ آخري اختياري نتيجي تي پهچڻ وارو ڪم بدر ڪان سواءِ بيو ڪو به نوجوان سرانجام نه ڏئي سگهي ها.

تحقيق اڳ ئي ڏکيو ڪم آهي، ويتر جو ان ۾ مذهبي، علاقائي ۽ عقيدياتي جذبن جو بيجا ۽ جا بجا دخل هجي، ته پوءِ پسڻ کان پاند بچائڻ ناممڪن ٿيو پوي. هنگلاج ۽ لاهوت لامڪان سان پڻ هندو، مسلمان، شيعا، سني ۽ ٻيا ڪيترائي مذهبي تورڙي جذباتي تعلق جڙيل آهن. انهن سان ڇيڙ ڇاڙ ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي، ڪين صرف ڇهڻ سان ئي ممڻ مڇي سگهي ٿو. اهو ته ليکڪ جو ئي ڪمال چئبو جو ڪنهن به ڊر جي دل آزاري ڪرڻ کان سواءِ، تواريخي ۽ غير تواريخي، ڏٺل، ٻڌل ۽ پڙهيل حوالن ذريعي حقيقتون عام آڏو پيش ڪري ٿو.

ڏند ڪٿائون ڪيئن جڙيون؟ انهن جو سياسي، سماجي يا مذهبي ڪارج ڇا آهي؟ ريتن، رسمن ۽ روايتن جي جاري رهڻ لاءِ ڏند ڪٿائن جي ڪيتري قدر اهميت آهي؟ تهذيب ۽ تمدن جي واڌاري لاءِ سندن هنڻ ڪيترو فائديمند آهي؟ ۽ خود سائنس جي ترقيءَ واري هن دور ۾، هڪ نئين سائنسي ديومالا ڇو جنم وٺي رهي آهي؟ انهن ۽ انهن جهڙن هزارها ٻين سوالن جا جواب انساني فطرت ۽ نفسيات جي مطالعي سان ملي سگهندا. هن ڪتاب کي غور سان پڙهندڙ پڻ انهن سوالن جا جواب سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح حاصل ڪري سگهندو. تلهي ليکي ديو مالا (Mythology) انساني ذهن ۾ اٿندڙ مشڪل سوالن جي تسلا ۽ تسڪين واسطي، گهڙيل انهن آکاڻين کي چئجي ٿو جيڪي وقت بوقت خود ماڻهوئي جوڙيندا رهيا آهن.

اهي مذهبي تورڙي بهادريءَ جا مکيه واقعا، ڪائنات جا عجيب اسرار، انسان جو جمڻ، مرڻ، ٻوڏ ۽ طوفان جو اچڻ، سج ۽ چنڊ گرهڻ ٿيڻ، سيارو، اونهارو، بارش، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ ٿيڻ، مطلب ته هر اها شيءِ جا انسان جي سمجهه کان مٿانهين هئي، يا جنهن جو وٽس ڪو مناسب جواب موجود نه هو، ان کي سمجهائڻ ۽ جائز قرار ڏيڻ لاءِ هن خيالي ديون ۽ ديوتائن جو سهارو ورتو. ڪٿي ڪٿي ته سچن پچن زنده انسانن کي غيبي طاقت ڏئي، ناممڪن ڪارناما سندس کاتي ۾ داخل ڪري ڇڏيا. مذهب جيئن ته آهي ئي عقيدي جو نالو، سو ضعيف عقيدي وارن انسانن، مجاورن ۽ متولين ۽ هر قسم جي مذهبي جنونين پنهنجي پنهنجي وس آهر عجيب وغريب آکاڻيون ٺاهي، پنهنجي پنهنجي

پيشوا جي سرسي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي. ايران، مصر، يونان ۽ قديمي تهذيبن جا بيا مرڪز اهڙي قسمن جي ڏند ڪٿائن جا محور رهيا آهن. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ ديو مالائي ڪردار (ديوين ۽ ديوتا) ٿوري گهڻي ڦير ڦار سان تقريبا هر ملڪ ۽ تهذيب ۾ ساڳياني ملن ٿا. ها، البت هر ملڪ جي جاگرافيائي، تواريخي ۽ تمدني حالتن مطابق يا تہ انهن ڪردارن جي شڪلين ۽ شڪتين ۾ ڦير ڦار ملندي يا انهن جهڙائي بين خصوصيتن ۽ نالي وارا مقامي ڪردار انهن جي جاءِ والاريندا نظر ايندا. اهو پڻ دلچسپيءَ کان خالي ناهي تہ ڏند ڪٿائن ۾ ڌارين ڌوڪي آيل قومن جي ديوتائن ۽ مقامي ديوتائن وچھ مقابلا ۽ ويڙهاند جا قصا پڻ سري پري اهڙيءَ ريت حقيقت جو روپ پهري بيهي رهيا آهن جو جڻ ان وڏي مانيان جو هڪ حصو ٿيا لڳن. نہ رڳو ايترو، بلڪ مقامي ديوتائن هٿان ڌارين ديوتائن جي هار پڻ انساني سوچ ۽ نفسيات جو هڪ اهم لاڙو آهي.

" بهرحال، شو ۽ دڪشا جي هيءَ لڙائي اپکيڊ ۾ بيروني سياسي اثر اندازيءَ جو سهڻو مثال آهي جنهن ۾ آرياني ديوتا مقامي دراوڙي خدا خلاف سرگرم نظر اچن ٿا، جڏهن تہ مقامي ديوتا ان عمل خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندو نظر اچي ٿو."

" بعد ۾ شو پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪيو ۽ شديد جنگ کان پوءِ پاڻ کي طاقتور قبول ڪرايو ۽ اهڙي ريت شو کي قربانيءَ جو چڱو خصو مليو ۽ دراوڙي ديوتا پنهنجي مقبوليت مڃائي. ٻين لفظن ۾ دراوڙي تهذيب، آرياني تهذيب جي بالادستي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي فاتح قوم سان گڏجي وڃي ۽ حملا آور تهذيب دراوڙي تهذيب سان ملي تهذيبي ۽ سماجي ميلاپ ڪيو."

سنڌ ۾ رهندڙ ٻہ مکيہ مذهبي ڌريون، هندو ۽ مسلمان قديہ مذهبي آستانن توڙي بزرگ هستين جي هڪ جيتري عزت ۽ احترام ڪن ٿا، ان ڪري جو منجهن ٿوري ڦيرڦار کان سواءِ تمام گهڻي هڪ جهڙائي نظر ايندي. "تاج صحرائيءَ شهباز قلندر جي ميلي جي موقعي تي نڪتل سال ١٩٨٥ واري سروينئر ۾ ڇپيل پنهنجي مضمون "پاڪ هند برصغير ۾ ولين جو ادارو " ۾ لکي ٿو تہ: "اينئن بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي تہ ڪي هندو ڪن مسلم ولين جي درگاهن جا مريد ٿين ٿا. نہ فقط ايترو پر ٻنهي مذهبن وارا گڏجي ولين جي خدمت ۽ عزت ڪن ٿا. جيتوڻيڪ هر هڪ مذهب واري کي ان ولي ۽ فقير لاءِ جدا جدا نالو آهي. هندو پاڻيءَ جي ديوتا کي جند پير ڪري سڏين ٿا ۽ مسلمان ان جو نالو خواجہ خضر ڪن ٿا. هندن جو اڏيرو لعل مسلمانن وٽ شيخ طاهر آهي ۽ لال

جسراج کي مسلمان منگهو پير ڪري سڏين ٿا."

سنڌ ۾ هندو مسلم اتحاد ۽ تصوف واري فلسفي جي مقبوليت پڻ گهڻي ڀاڱي عقيدن جي هڪ جهڙائي ۽ رشين منين ۽ ولين فقيرن جي ساڳي روش ۽ ڪارڪردگيءَ سبب چنجي ته بيجا نه ٿيندو. بدر اڀڙي هلي هنگلاج توڙي لاهوت تي تفصيلي بحث ڪندي انهن ٻنهي ماڳن کي هندن توڙي مسلمانن جي پاڪ ۽ پوتر آستانن ثابت ڪرڻ لاءِ اثرائتا دليل ڏنا آهن. نه رڳو ايترو بلڪ هن پنهنجي گهري ريسرچ جي آڌار تي ڪني بنيادي نقطا پڻ بحث هيٺ آندا آهن ۽ منجهائن مناسب نتيجا ڪڍيا آهن. مثلا هو چوي ٿو ته:

"چاڪاڻ ته هنگلاج ديويءَ جو نالو "ڌرتي ماتا" تي پيو، تنهنڪري اها ڳالهه چٽي آهي ته جگن ماتا يا ديوي ماءُ يا ڌرتي ماتا جو تصور بنيادي آهي، جيڪو مهن جي دڙي کان به اڳ کان هلندو اچي ٿو. اهو نظريو ڪهڙي سن کان شروع ٿيو؟ ڪجهه به چٽي نٿو سگهجي، پر اهو ضرور چٽي سگهجي ٿو ته مهن جي دڙي واري "ديوي ماءُ" جي هڪ صورت هنگلاج ماتا آهي. فرق رڳو اهو آهي ته مهن جي دڙي واري "ماتا ديوي" پوروهيت عوام جي ديوي هئي جڏهن ته هنگلاج ديويءَ کي کشترين پنهنجي ديوي بنايو."

بدر پنهنجي وسيع مطالعي، معلومات ۽ مشاهدي جي آڌار تي سنڌ ۽ بلوچستان جي ماڳن مڪانن ۽ ماڻهن جي قديمي رشتن، عقيدن ۽ روايتن تي خوب روشني وڌي آهي. هن پنهنجا دليل ريتن، رسمن ۽ روايتن جي آڌار تي جوڙي، ماضي ڏور ۾، انساني تواريخ جي آخري سري تائين پهچايا آهن ۽ ڪين سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب تي پرکي پنهنجي راءِ جو ڀي ڀپو اظهار ڪيو آهي. شاهيءَ ريت ڏند ڪٿائن جي آڌار تي مذهبن ۽ عقيدن جي هڪ جهڙي قوت جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو آهي. ٻونگي يقين آهي ته هن ڪتاب جي ڇپجڻ ڪري، سنڌي ادب ۾ هڪ اهم تحقيقي ڪتاب جو اضافو هڪ طرف ٿيندو ۽ ٻئين سوچ رکندڙ سنڌي نوجوان جي ذهني اوسر ۽ تربيت جو اهتمام ٻئي طرف ٿيندو. هر حال ۾ ڪاميابيءَ جو سهرو بدر ابڙي جي سرتي سونهندو، جنهن نعري بازي ۽ ڦلهڙيڻ واري هن دؤر ۾، پائيدار ۽ سنجيده موضوع تي قلم کنيو آهي. سنڌ ڌرتيءَ کي هن نوجوان ۽ خاموش ڪارڪن مان اچا گهڻيون ئي اميدون آهن.

قمر شهباز
24/آگسٽ 1991ع
ڪراچي.

سک ۽ شانتي جي ڳولا ۾
هنگلاج ياترا تي نڪتل هڪ جوڳي.

اگور کان آسا پورا جي
واٽ ۾ هڪ هنڌ هنومان جو آستانو.

# انسان ذات جا گڏيل ورثا

هين قديم ماڳن جي پيٽ ۾ هنگلاج ۽ لاهوت اسان کي شايد انڪري ياڻ ڏانهن وڏيڪ ڇڪين ٿا جو ڀٽائيءَ انهن ماڳن جو مشاهدو ڪري پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن جو علامتي بيان ڪيو آهي. پر، يقينن لاهوت ۽ هنگلاج جا تفصيل ان کان گهڻو وڏيڪ آهن جيترا ڀٽائيءَ جاڻايا آهن. اصل ڳالهه اها آهي ته اهي ٻئي ماڳ ڏورانهن جبلن ۾ ننڍڙيون سايون ماٿريون آهن جتي انسان ذات وحشت مان پير ٻاهر ڪڍڻ کانپوءِ شعوري طرح پنهنجي ذات، ڪائنات جي وجود ۽ انهن جي تخليق جي ڪارڻ ۽ خالق بابت ويچار ڪيو. انهن ماڳن جي چونڊ جو مقصد اڪيلائيءَ ۾ ويهي سوچڻ هو، جنهن کي بعد ۾ "ڌيان" ۽ "گيان" چيو ويو.

اهو چوڻ درست نه ٿيندو ته اوائلي زماني ۾ سوچ ويچار جو عمل فقط هنن ٻي جاين تي ٿيو، پر اهو چوڻ درست ٿيندو ته هي ٻئي جايون انهن اوائلي ويچار وستين مان آهن جن تي اڄوڪي تهذيب ۽ علم جا بنياد رکيل آهن. ڀٽائي، قلندر يا هين صوفين ۽ ويدانتين سنڌ ۾ اهڙا ڪيئي ماڳ چونڊيا آهن، جيڪي گهڻو ڪري اهي ئي آهن جن سان اڄ تائين ڪو نه ڪو ديو مالائي قصو ڳانڍ اپيل آهي. نئنگ (نهنگ)، ڪائي، گنجو ڏونگر، اروڙ، ڪديجي، جهمپير، لڪي ۽ ٻيا ڪيئي ماڳ ان سلسلي جون ڪڙيون آهن. دلچسپ حقيقت وري اها به آهي ته قديم آثارن جا ماهر انهن مان اڪثر هنڌن کي پٿر جي دور وارن انسانن جي استعمال هيٺ آيل به ڄاڻائين ٿا. ان ريت سنڌ واسين جو انهن ماڳن سان ڏورانهين ماضيءَ ۾ وڏو گهرو رشتو رهيو آهي. اصل ۾ انسان لاشعوري طور تي هر ان ماڳ کي تقدس ڏنو آهي، جنهن سان انسان جي ڏورانهين ماضيءَ ۾ سندس وڏڙن جو تعلق رهيو آهي. اهو

ڏورانهون ماضي ۾ ورهايل آهي. پهريون ته واضح طور تي پٿر جي زماني ۾ رهائش اختيار ڪرڻ وارو آهي، جڏهن ته ٻيو مڪمل جبلت جي دائري مان نڪري شعوري طور تي پنهنجي وجود جي سببن جي تلاش وارو زمانو آهي، جڏهن، تنهن وقت جي ڪجھ ذهين ماڻهن رواجي حالتن کان پاسو ڪري ايڪانت ۾ سوچڻ چاهيو ۽ جبلن جي ڏورانهن حصن، ٻيلن ۽ ويرانن ۾ وڃي ويچاريو ۽ فطرت جو گهرو مشاهدو ڪيو. اهڙائي ماڳ، ٻيلا، وڻ ۽ غفائون پوءِ روحاني حيثيت اختيار ڪري ويون ۽ ڪين هڪ علامتي حيثيت حاصل ٿي ۽ پوءِ اهي ئي يقين ۽ و شواس بڻجي ويا. اهائي يوگا ۽ اهڙن ٻين عملن جي ابتدائي شڪل هئي.

لاهوت لامڪان ۽ هنگلاج اڄ به تقدس جي اعتبار کان مٿاهين هنڌ تي آهن پر انهن جي حقيقت اها ئي آهي جيڪا ڏورانهين ماضيءَ ۾ ٻئي دور واري دائري ۾ اچي ٿي يعني "وجود" جي سبب يا "سچ جي تلاش" وارو پهريون دور. هوئنئن ته سنڌ ۾ گنجي ڏونگر، اروڙ ۽ ٻين ماڳن کي به ساڳي حيثيت رهي هوندي جيڪا لاهوت ۽ هنگلاج کي آهي پر اهي ويجهي ماضيءَ ۾ انساني پهچ ۽ شعور جي وڌڻ ڪري پنهنجي پراسراريت گھٽائي ويٺا آهن. جيئن جيئن سنڌ جي جاگرافيائي تبديلي، ماڳن مڪانن، ريتن رسمن، هنرن ۽ ڏند ڪٿائن جو ڳوڙهو مطالعو ڪجي ٿو، تيئن تيئن اها ڳالھ پڌري ٿيندي پئي وڃي ته اوائلي سنڌي انسان انهن جبلن جي ماٿرين ۾ رهندو هو جيڪي کيرٿر ۽ اروڙ- روهڙي جابلو سلسلي يا بلوچستان جي اوپر وارن علائقن ۾ آهن، اهائي اصل سنڌ هئي. سڪي ستابي، سائي، چراگاهن ۽ شڪار سان ڀريل. اهي علائقا آبهوا جي تبديليءَ کان پوءِ صدين جي سفر ۾ هوريان هوريان ايئن ٿي ويا جيئن اڄ ڏسجن ٿا ۽ ماڻهو خشڪ جبلن جا ماڳ مڪان ڇڏي درياھ جي ساحيل زرخيز ميدانن ۾ پورالي سنڌوءَ جي ڪنارن تي ويهجي ويا.

انڪري، سنڌ جي اوائلي تهذيب سنڌ جي جبلن مان چشمن وانگر ڦٽي ٿي ۽ منڇر وانگر پکڙجي اٿلي ٿي. اهوئي سبب آهي جو هتي جابلو تهذيبن ڀرپور جنم ورتو ۽ جبل کي وڏي اهميت ملي. هندو مت ۾ غير آريائي ديوتائن منجھ جيڪا اهميت شِو مهاديو ۽ ڪالي ماتا کي آهي سا تمام بنيادي آهي. اسان ڏسون ٿا ته سنڌ جي جابلو علائقن جو ديوتا شِو ۽ ديوي ڪالي ماتا آهن. اهوئي سبب

آهي جو سيوهڻ، سبي، قلات، لڪي، لاهوت، هنگلاج، گنجي ڏونگر، ننگ، ڪارونجهر، جهمپير ۽ ڪولاچي (ڪراچي) ۾ شِو جا مندر يا اهڃاڻ آهن. ٻئي طرف گهڻو ڪري ساڳين ئي ماڳن تي خاص ڪري مڪلي، ڪلاڻ ڪوٽ، گنجي ڏونگر، سيوهڻ، اروڙ ۽ هنگلاج ۾ ڪاليءَ جا مندر آهن- ٻنهي جا بنيادي عنصر پاڻي ۽ جبل آهن. اڄ به سنڌ ماتريءَ ۾ جيڪي مندر موجود آهن تن مان ۹۵ سيڪڙو ڪالي ۽ شِو جا آهن باقين ۾ ٻيا سڀ پنٿ آهن. ساڳي ڳالهه ڪندي تاج صحرائي چوي ٿو ته، "شِو ۽ ڪاليءَ جي مندرن ۾ پوڄا جا نشان ڪير ٿو جبل جي وٽ سان ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۽ صورت ۾ نظر اچن ٿا." (سووينئر ۱۹۸۵ء سنڌڙيءَ جو شهباز: پاڪ هند برصغير ۾ ولين جو ادارو)

تاريخ کان اڳ واري زماني ۾ انسان سان لاڳاپيل ماڳن جي تقدس جو هڪ دليل اهو به ڏيئي سگهجي ٿو ته دنيا ۾ اهڙا ڪيئي علائقا آهن جتي جيڪڏهن هڪ کان وڌيڪ مذهب آهن ته اتي ڪنهن هڪ مخصوص ماڳ سڀني مذهبن وٽ "قدر" ۽ "تقدس" حاصل ڪيو آهي. مثال طور يروشلم هڪ ئي وقت يهودين، عيسائين ۽ مسلمانن وٽ هڪ جيترو مقدس آهي. ٻيو عالمي مثال سريلنڪا ۾ اها چوٽي آهي جيڪا هڪ ئي وقت هندن، ٻڌن ۽ مسلمانن وٽ هڪ جيتري مقدس آهي. ساڳئي ماڳ کي مسلمان حضرت آدم سان، هندو شِو سان ۽ ٻڌ گوتم ٻڌ سان منسوب ڪن ٿا. دلچسپ ڳالهه وري اها آهي ته ان هنڌ تي ڪڏهن به ٽنهي مذهبن وارن جي وچ ۾ ٽڪراءُ نه ٿيو آهي. آدم جي چوٽي (Adams Peak) وچ-ڏکڻ لنڪا ۾ واقع پهاڙي آهي جنهن جي بلندي ۷۳٦ فٽ آهي. ان پهاڙ جي چوٽيءَ تي هڪ هموار جاءِ تي وڏي انساني پير (اٽڪل ۱۰-چورس فٽ) جو نشان آهي. مسلمانن جو خيال آهي ته حضرت آدم بهشت مان ترجڻ مهل هتي ڪريو هو. (اردو انسائيڪلوپيڊيا ايڊيشن ٽيون فيروز سنز صفحو ۱۰)

سنڌ خوشقسمتيءَ سان جيئن ته عقيدن جي معاملي ۾ سيڪيولر رهي آهي، ويدانت ۽ تصوف جي وڏي اثر هيٺ آهي، تنهنڪري اهڙا قديم ماڳ به "گڏيل ورثي" طور قبول ڪيا وڃن ٿا. جيڪڏهن اڃا به وڌيڪ گهرائيءَ ۾ وڃجي ته محسوس ٿيندو ته اسلام جي اچڻ کانپوءِ ويدانت ۽ جوڳي ازم جي جاءِ تي هوريان هوريان

تصوف ۽ فقر جاء والاريندو ويو آهي. پر اهڙيءَ طرح سان جو ٻنهي جي وچ ۾ نظرياتي هڪجهڙائيءَ سبب اهي پاڻ ۾ "همسفر" رهيا آهن ۽ پاڻ ۾ ٽڪراءَ ۾ نه آيا آهن. پروفيسر وليم ڪروڪ ساڳي ڳالھ پنهنجي تصنيف ۾ هنن اکرن ۾ چئي آهي ته: "هندوستان جي ڪنهن به ٻئي حصي ڪان وڌيڪ سنڌ ۾ اسلام ۽ هندوازم وڌيڪ نمايان حد تائين رلي ملي ويا آهن." اهوئي سبب آهي جو مختلف ماڳن ۽ ماڻهن کي گڏيل ورثي طور تقدس ڏنو ويو آهي. مختلف عقيدن جي سياسي اثر اندازين سبب اڪثر هنڌن تي اهو ڏنو ويو آهي ته اڳ جتي مندر هو اتي ئي ڀرپاسي ۾ ڪنهن هنڌ ڪنهن ولي الله جو مقبرو قائم ٿيو. ائين به ڏٺو ويو آهي ته جنهن هنڌ ٻن عقيدن جا جدا جدا مقام ناهن اتي هڪ ئي ماڳ مختلف روايتن ۽ سڃاڻپن هيٺ موجود آهي. ڪلفٽن تي شو جو مندر ۽ عبدالله شاھ غازيءَ جي مزار آمهون سامهون آهن. اڏيرو لعل، قلندر جي ننگري، پير پٺو ۽ لاهوت وغيره پنهنجين جدا جدا حيثيتن ۾ هڪ ماڳ هوندي به هندن ۽ مسلمانن وٽ هڪ جيترا مقدس آهن. تاج صحرائيءَ شهباز قلندر جي ميلي جي موقعي تي نڪتل سال ١٩٨٥ واري سووينئر ۾ ڇپيل پنهنجي مضمون "پاڪ هند برصغير ۾ ولين جو ادارو" ۾ لکي ٿو ته: "ائين به ڏسڻ ۾ آيو آهي ته ڪي هندو ڪن مسلم ولين جي درگاهن جا مريد ٿين ٿا. نه فقط ايترو پر ٻنهي مذهبن وارا گڏجي ولين جي خدمت ۽ عزت ڪن ٿا. جيتوڻيڪ هر هڪ مذهب واري ڪي ان ولي ۽ فقير لاءِ جدا جدا نالو آهي. هندو پاڻ جي ديوتا کي جند پير ڪري سڏين ٿا ۽ مسلمان ان جو نالو خواجه خضر ڪن ٿا. هندن جو اڏيرو لعل مسلمانن وٽ شيخ طاهر آهي ۽ لال جسراج کي مسلمان منگهوپير ڪري سڏين ٿا." صحرائي، ٻئي هنڌ لکي ٿو ته، "اسان جي هن علائقي ۾ هندو امير پير کي راجا وير ڪري سڏيندا آهن ۽ اڏيري لعل کي پنهنجو اوتار ڪري سڏين ٿا. ساڳي طرح شهباز قلندر متعلق هندن جي دعويٰ آهي ته اهو راجا ڀرٿري آهي."

مختلف دورن ۾ ڪنهن مخصوص عقيدي يا عقيدن جي سياسي اثراندازيءَ سبب اهو چئي سگهجي ٿو ته ڪنهن مخصوص ماڳ تي ڪنهن مخصوص عقيدي وارن جي بالادستي قائم ٿي. (جيئن اڄڪلھ يروشلم تي يهودين کي حاصل آهي.) پر ان معاملي جو ٻيو پهلو اهو ئي ساڳيو آهي ته بالادست عقيدي وارن به ساڳئي ماڳ کي اهميت ڏني، پوءِ چاهي ان جو جواز ڪهڙو به تيار ڇو نه ڪيو ويو

معبي. اڪثر حالتن ۾ تہ هڪ ئي ماڳ، وڻ يا ماڻهوءَ جي تقدس جو هڪ ٻئي کان بنهہ لا تعلق جواز هوندو آهي يا ڏنو ويندو آهي.

هماليہ جبل ۾ ١٥ -صديءَ جو هڪ ڏرم شالا آهي، جنهن جي مٿان ديودار ( ؟) جو ٻيئل اڪيلو وڻ قديم زماني کان هڪ تبتي ڪٿا جي ياد ڏياري ٿو جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ پهريون انساني جوڙو هڪ جهنگلي باندر ۽ جابلو ديو مان پيدا ٿيو هو. اها ڏرم شالا هڪ شاهي جابلو غار جي وات تي آهي جنهن جي مٿان ساڳيو وڻ آهي. (تصوير ۽ تعارف : يونيسڪو "پيامي" مارچ ١٩٨٩).

لاهوت ۽ هنگلاج بہ اهڙائي ماڳ آهن، جيڪي انسان جي ڏورانهين ماضيءَ جي پوئين يا شعور جي پهرين دور سان تعلق رکن ٿا. اهڙي ريت انهن ماڳن کي "اوائلي ويچار-وستيون" جو نالو ڏيئي سگهجي ٿو.

هندومت جي قديم ڌرمي ڪتابن توڙي الهامي مذهبن جي مطالعي مان ظاهر آهي تہ سنيا سين، راهبن توڙي نبين ڪيئي سال اهڙن ڏورانهن غارن، وڻن جي ٿڙن ۽ ويران گوشن ۾ ويهي سچ ۽ حقيقت بابت سوچ ويچار ڪيو آهي- ۽ پڌري پٽ ڏسجي ٿو تہ انهن سمورن ماڳن کي اڄ وڏو تقدس آهي ۽ دنيا جي پاڪ پوتر جاين ۾ انهن جو شمار ٿئي ٿو.

ساڳئي وقت اها چِٽڪائيندڙ حقيقت بہ ڪَرَ کڻي اسان جي سامهون اڀري ٿي تہ انسان لاشعوري طور تي انهن ئي ماڳن کي "پاڪ پوتر" قرار ڏيئي اُتميت ڏني آهي، جتي ويهي سوچ ويچار ڪيو وير ۽ انهن کي علم ۽ ڄاڻ جو سرچشمو سمجهيو ويو. اهو قديم انسان وٽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ واري خراهش ۽ ڄاڻ ۽ ان سان ڳنڍيل هر وجود لاءِ احترام جو شاندار ثبوت آهي. جنهن جو اعتراف ڪرڻ جڳائي. هن تعارفي بحث جو مقصد صرف اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش آهي تہ هنگلاج ۽ لاهوت لامڪان وارا ماڳ انسان ذات جو گڏيل ورثو آهن ۽ انهن جي هندو يا مسلمان سڃاڻپ ثانوي ڳالهہ آهي.

جيئن جيئن اسان اڳتي هلي ڏند ڪٿائن، ديوين ۽ ديوتائن جي ڪمن، ماڳن مڪانن ۽ انهن بابت عجيب غريب تشريحن تي ويچاريندا ويندا سون تہ واضح ٿيندو ويندو تہ دراصل انسان پنهنجي سوچ ۽ قائم ڪيل عقيدن کي علامتي طور بيان ڪيو آهي يا پنهنجي

نعن ۾ جوڙيل "پيچيده سوچ" کي خارجي مشابهتن (Objective Corelatives) ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ظاهر آهي ته هن ريت "خيال" کي ڏاڍي سولائيءَ سان ٻين تائين پهچائي سگهجي ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ سيوهڻ کان لاهوت وارو اٿاڳو سفر ۽ واٽ ۾ ايندڙ زيارتن جون روحاني تشريحون بهترين مثال آهن.

## هنگلاج ڪٿي آهي؟

لسبيلي ضلعي ۾ ٣٠َ ٢٥ اتر ۽ ٣١َ ٦٥ اوڀر، هنگلاج جبل تي سمنڊ جي سطح کان هڪ هزار کن فٽ مٿي ۽ هنگور نديءَ جي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ واري هنڌ کان ١٠-١٢ ميل کن اڳ هڪ سوڙهي واديءَ ۾ آهي. هنگلاج جي ڏکڻ ۾ مالن (Malan) جبل آهي. هن هنڌان هالا جبل جي پڇڙي ۽ مڪران جي سامونڊي ڪناري واري جابلو سلسلي جي شروعات ٿئي ٿي. (لفظ مڪران فارسي لفظ "ڪرانه" جي هڪ شڪل آهي جنهن جي معنيٰ آهي سمنڊ جو ڪنارو) هيءُ ماڳ ڪراچيءَ کان اولهه-اتر ۾ اٽڪل ڏيڍ سؤ ميل پري آهي. جيڪڏهن هالا جبل کي ڪنهن ستل ديو مالائي ڪردار سان تشبيهه ڏجي ته پوءِ اهو چئي سگهبو ته هنگلاج مندر هالا جي پيرن وارين آڱرين (هنگلاج جبل) جي هڪ وٿيءَ ۾ آهي. ان وٿيءَ ۾ جمع ٿيندڙ برساتي پاڻي جو وهڪرو هنگور نديءَ ۾ ٿئي ٿو.

ڪراچيءَ کان هنگور نديءَ تائين پهچڻ لاءِ لسٻيلي وارو رڻ پٽ لتاڙڻو پوي ٿو. جيڪو سون مياڻيءَ کان شروع ٿي اولهه ۾ هاڙهي جبل وٽ ختم ٿئي ٿو.

## دڳ

ڪراچيءَ کان آرسي ڊي هاءِ وي ذريعي موچڪا پوليس پوسٽ، حب چوڪي، گهه ٻوٽي (هي لڪ دراصل بلوچستان جو در آهي) ايندي. ڪجهه اڳتي وڌڻ ڪاڻپوءِ چوڪنديءَ جهڙيون قبرون ساڄي هٿ تي نظر اينديون. هيءُ پب جبل جو سلسلو آهي جيڪو ڪابي طرف هلندو گڏاڻي رڻ سمنڊ ۾ لهي ٿو. ان ڪاڻپوءِ ترتيب وار پاواني نالو. گڏاڻي موڙ تي عمر هوٽل، باگڙ، سون مياڻي (٤٥ ڪلوميٽر ڪراچي کان)، آدم پير (٦٢-ڪلوميٽر ڪراچي کان)،

دشت ڪائونسل، وندر نئن ۽ پوءِ زيرو پوائنٽ (۱۰۵ ڪلوميٽر ڪراچي کان) ايندا. زيرو پوائنٽ کان آر سي ڊي چڙهي اولھ رخ ۾ لياري (تحصيل)، ٻڊو ڇارڙي، ڪائواري، حسن هوٽل پٽڪو، ڏارا متعن (سمنڊ جي ڪپتي)، ڪنڊي واري (ڪوسٽ گارڊ ڪئمپ)، ايڻامڪ اترجي ڪئمپ، مياس مال، ستگل (هتان اوپر طرف چندر ڪوپ تيرٿ نظر اچي ٿو)، ٿور چوڪي (پشتو ۾ ٿور تيز وهندڙ نديءَ کي چئبو آهي) مقامي ماڻهن جو چوڻ آهي ته پٿوڻءَ جي تلاش ۾ نڪتل سسئي جڏهن ٿور نديءَ وٽ پهتي هئي ته نديءَ ۾ تيز وهڪري سبب ان کي ٽپي نه سگهي ۽ اتان واپس موٽي هئي، سسئيءَ جي پاراتي سبب ٿورندي هاڻي خشڪ ٿي وئي آهي. لطيفي سُر جو ليکڪ پيرومل مهرچند آڏوانيءَ به ساڳي ڳالھ قلمبند ڪئي آهي، ۽ چوي ٿو ته سسئي چؤ ماسي جي برساتن سبب ٿوڪجي وهندڙ ٿوڙ ندي اکري نه سگهي ۽ پيوٽي ناکي ڏي وئي هئي. (ٿوڙ ندي هاڙ هي جبل جي پچڙيءَ ۾ آهي) ان کانپوءِ آرمي انجنيئرنگ ڪئمپ، اگور، هنگورندي ايندا. هنگور ندي ٽپي ساڄي طرف وڃبو جتي هنگلاج مندر آهي. اگور نديءَ کان هنگلاج مندر ۸ -ميل پري آهي. زيرو پوائنٽ کان شروع ٿيندڙ هيءُ رستو اورماڙه ڏانهن وڃي ٿو. اورماڙه اگورنديءَ کان ۱۲۶ - ڪلو ميٽر آهي. اهڙي طرح ڪراچيءَ کان هنگلاج ۲۷۵ -ڪلوميٽر آهي. اوائلي وقتن ۾ هتي پهچڻ جو سولو رستو سمنڊ هو. ياتري اگورنديءَ جي چوڙ تائين سامونڊي رستي پهچي باقي پنڌ ڪندا هئا. هن وقت خشڪيءَ جو رستو جيپ جوڳو آهي. هاءِ وي في الحال تعمير هيٺ آهي، جنهن ڪانپوءِ هيءُ پنڌ ڪار ذريعي به ڪري سگهبو. اڳاٽي دور ۾ خشڪيءَ رستي هيءُ پنڌ اوٺ موٽ ۲۴ - ڏينهن جو هو.

# هنگلاج ۾ ڇا آهي؟

هنگلاج واري ماڳ کي "اڪل پنٽ" به چون ٿا. هتي هنگ ديويءَ جو مندر آهي، جنهن کي مسلمان "ناني" چون ٿا ۽ هندو هنگلاج ماتا، ڪالي، پاربتي، درگا ۽ ماتا ديوي جا نالا ڏين ٿا. هتي مٺي پاڻي جو چشمو وهندو رهي ٿو ۽ اها هڪ سهڻي ۽ سوڙهي وادي آهي جنهن ۾ هنگلاج مندر ۽ ڪالي مندر جي نالن سان هڪٻئي کان ڪجھ سؤ والن تي جدا جدا پر لڳ ڀڳ هڪجهڙا به مندر آهن.

انھن مان وڏيڪ اھميت ھنگلاج مندر کي ڏني وڃي ٿي. ھتي چگي ماوڪ آھي ۽ ڪجي، ٻير ۽ ٻبر جا چگا وڻ آھن. ھن ھنڌ سڄي ھندوستان جي ڏورانھن حصن کان ياتري ايندا رھن ٿا ۽ چيو وڃي ٿو تہ ھن ماڳ ڏانھن سڄي ھندستان ۾ جگن ناٿ مندر ڪانپوءِ ٻئي نمبر تي وڌيڪ ياتري ويندا رھيا آھن ۽ اھو اپکنڊ جي اوڀر ۾ ھندن جو آخري اھم ۽ پوتر ماڳ آھي. لسبيلہ گزيٽيئر ۾ پڻ ھن ماڳ جو ذڪر ڪندي چيو ويو آھي تہ، "ھندن ۽ مسلمانن لاءِ احترام جوڳي ھيءَ ھستي گھڻو ممڪن آھي تہ اھا ساڳي ديوي آھي، جيڪا ڪالڊن (Chaldean) وٽ بہ ساڳئي قديم نالي "نانا" سان سڃاتي ويندي ھئي ۽ حضرت ابراھيم کان ھڪ ھزار سال اڳ ھئي. (صفحو ٣٦)

لطيفي سُر جي ليکڪ ڪاڪوپيرو مل مھرچند آڏوائي جو چوڻ آھي تہ: مسلمان نانيءَ کي حضرت عليءَ جي دائي سڏين ٿا. سندس خيال آھي تہ "ناني" لفظ اصل ۾ آھي "ندي" معنيٰ ماءُ، ۽ عام طرح سان ماءُ جي ماءُ کي ناني چيو آھي.

## ھڪ ڪٿا جو پس منظر

ھڪ ڪٿا موجب شِو ۽ دڪشا وچ ۾ تڪرار کانپوءِ وشنوءَ اُما ديويءَ جي جسم جا ٽڪرا ڪيا تہ ھن جو مٿو "ھنگولا" ۾ ڪريو. سنسڪرت جي ڪنھن بہ سٺي ڊڪشنريءَ ۾ لفظ ھنگلاج ڪونھي. ان ڪري اين ايم بليموريا ١٩٣۴ع ۾ سنڌ ھسٽاريڪل سوسائٽيءَ ۾ پيش ڪيل مقالي ۾ خيال ڏيکاريو تہ اھو لفظ "ھنگولا" ھنگلاج واري ماڳ جي بدليل يا بگڙيل صورت ٿي سگھي ٿو، جتي درگا (اُما) جو مٿو ڪريو. بھرحال، شو ۽ دڪشا جي ھيءَ لڙائي اپکنڊ ۾ بيروني سياسي اثر اندازيءَ جو سھڻو مثال آھي جنھن ۾ آريائي ديوتا مقامي دراوڙي خدا خلاف سرگرم نظر اچن ٿا، جڏھن تہ مقامي ديوتا ان عمل خلاف ڀرپور مزاحمت ڪندو نظر اچي ٿو. دي جاگرافيڪل ڊڪشنري آف اينشينٽ ۽ ميڊيويل انڊيا (ليکڪ نندولال ڊي ١٨٩٩ع) موجب ھنگولا ھنگلاج وارو ماڳ آھي، جيڪو انھن ۵٢- ماڳن مان ھڪ سمجھيو وڃي ٿو جتي ستيءَ (ديويءَ) جا عضوا ڪريا ھئا.

"ھندو مائٿالاجي اينڊ رليجن" جي ناليٰ سان ڊڪشنري تيار ڪندڙ جان ڊائوسن، شِو بابت لکي ٿو تہ: ويدن ۾ شِو جو ذڪر نہ

آهي، پر ان جي بدران "ردرا" جو نالو استعمال ٿيل آهي، جيڪو پڻ شِو آهي. دڪشا نالي وارو ديوتا وشنو ڀڳوان جي ڏر آهي ۽ ڪن هنڌن تيَ ائين بہ لکيو ويو آهي تہ وشنو پاڻ دڪشا جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. جڏهن تہ شريمد شو پراڻ دڪشا (دڪيا) کي برهما جو پٽ سڏيو ويو آهي. اُما ديوي، جنهن جو سر هيٺ ڪريو سا دڪشا جي ڌيءَ ۽ شِو جي زال آهي، هن تڪرار دوران مڙس جو پاسو ڪنيو هو. ڪن تفصيلن موجب دڪشا پاڻ ڪجهہ شيون تخليق ڪيون ۽ هڪ لحاظ کان پاڻ خالق ٿي ويٺو. تڪرار جو اصل سبب اهو هو تہ دڪشا قربانيءَ جي هڪ تقريب ۾ سڀني ديوتائن کي سڏايو، پر شِو کي نہ سڏائي ڪيس قربانيءَ ۾ حصي کان محروم ڪرڻ جي سازش تيار ڪئي هئي، ان منصوبي جي خبر اُما کي پهچي وئي ۽ ان کان مڙس کي آگاهہ ڪري قوت جي مظاهري لاءِ اڀاريو. (هڪ روايت مطابق جڏهن "اما ديوي" جو ان تقريب ۾ آڌر ڀاءُ نہ ٿيو ۽ نہ ئي ڪنهن ساڻس ڳالهايو. ڀڳوان شِو جي زال ستي (اُما) پنهنجو ۽ پنهنجي پتيءَ جو اهو اپمان (بي عزتي) سهي نہ سگهي ۽ خود ڪشي ڪري ڇڏي، جنهن ڪري شِوَ مهاديو ڪاوڙ ۾ تپي باهہ ٿي ويو ۽ پنهنجي جٽا مان وير ڀدر کي پيدا ڪيو ۽ ڪيس راجا دڪشا کي ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن سندس سر وڍي ڇڏيو، هوڏي شِو ڀڳوان "ستيءَ" جو لاش ڪنيو بي خوديءَ ۽ بي حاليءَ جي حالت ۾ ڀٽڪندو رهيو، تڏهن ڀڳوان وشنوءَ پنهنجي قوت سان "ستيءَ" جي لاش جا ٥٢ -ٽڪرا ڪري سڄي جڳ ۾ پکيڙي ڇڏيا. جتي جتي اهي ٽڪرا ڪريا، اتي شڪتي استانن جو بنياد پيو. تفصيل: (شريمد شِو پراڻ صفحا ١٠۴ کان ١١٥ سنڌي ايڊيشن) بعد ۾ شِو پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪيو ۽ شديد جنگ ڪانپوءِ پاڻ کي طاقتور قبول ڪرايو ۽ اهڙيءَ ريت شِو کي قربانيءَ جو چڱو حصو مليو ۽ دراوڙي ديوتا پنهنجي مقبوليت مڃائي. بين لفظن ۾ دراوڙي تهذيب، آريائي تهذيب جي بالا دستي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪندي فاتح قوم سان گڏجي وئي ۽ حملا آور تهذيبہ دراوڙي تهذيب سان ملي تهذيبي ۽ سماجي ميلاپ ڪيو. شِوَ ۽ وشنوءَ جي هن تڪرار جو ٽڪرن ٽڪرن ۾ ٿور ٿوري فرق سان ۽ مختلف نالن سان راماڻ، مهاڀارت ۽ پراڻن ۾ ذڪر ٿيل آهي. پر لڳ ڀڳ سڄو تفصيل سمپورڻ شريمد شو پراڻ ۾ صفحي ١٠۴ کان ١١٥ تائين وڏي وضاحت سان ڏنل آهي.

شري هنگلاج جي ياترا" جي ليکڪ رامچند ايس کتريءَ هن تڪرار جو ماڳ لکي (جبل) وارو ڄاڻايو آهي، جتي هن محل تائين شوالا موجود آهن،هو چوي ٿو ته: "سرڻ مندر جنهن کي هن وقت لکي شاهه مندر ۽ ڏارا تيرٿ به چوندا آهن.... هي شهر سرڻ مندر تمام جهوني ۽ جهونو آهي، آڳاٽو هتي دڪشيه پرجا پتيءَ جي حڪومت هوندي هئي، هي راجا سڄي سنڌ تي حڪومت ڪندو هو. دڪشيه پرجا پتيءَ جي ڌيءَ (پاروتي) شو مهاديو سان پرڻايل هئي. دڪشيه پرجا پتي هتي هر سال وڏو يگيه ڪندو هو..... دستور موجب پرجا پتيءَ هتي هڪ وڏو يگيه جو خيال ڪيو.... ڪنهن ڳالهه تان (هڪ ڪٿا موجب اصل ڳالهه اها هئي ته هڪ ڀيري شو ڀڳوان ڪنهن ڏيان ۾ هئڻ ڪري راجا دڪشا کي پرڻام نه ڪيو هو) دڪشيه پرجا پتيءَ ۽ شو مهاراج جو پاڻ ۾ تڪرار ٿي پيو هو جنهن ڪري هن پنهنجي ناٺي شو مهاديو کي نوترو ڪو نه موڪليو.." هن قصي ۾ ليکڪ "اما" بدران "پاروتيءَ" جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو دراصل هڪ ٻي ڪردار آهي.

پاروتي يا اُما شِو جون زالون آهن ۽ شِو مهاديو ڪشترين جو ديوتا آهي. هتي اِها وضاحت ضروري آهي ته شِو بنياديءَ طرح غير آريائي خدا آهي تنهن ڪري هو منڍ ۾ ڪشترين (آرين) جو ديوتا نه هو پر جيئن ته مقامي طور تي "پيءُ خدا" (خالق) جي حيثيت ۾ پوڄيو ٿي ويو ۽ غير آريائي لوڪن ۾ زبردست مقبوليت رکندڙ هو تنهن ڪري آريا ڪيس مقامي لوڪن يا انهن جي تهذيب مان خارج نه ٿي ڪري سگهيا. آرين کي شو جي طاقت (مقامي ماڻهن جي مزاحمت واري قوت) کي قبول ڪرڻو پيو ۽ ڪيس ٽن بنيادي ديوتائن مان هڪ جي طور تي اتم جاءِ ڏني. پر ان قبوليت سبب شِو کي، جيڪو بنيادي طور تي تخليق جو ديوتا هو، تبديل ڪري تباهيءَ جو ديوتا ڪيو ويو ۽ کيس "دشمنن کي تباهه ڪندڙ" طاقتور ديوتا بڻايو ويو، جيتوڻيڪ اهو لقب (راجا) اندر ديوتا جو هو يا وري "ردرا" ان صفت جو مالڪ هو. آرين جي حملي کانپوءِ شو مهاديو انڪري به تخليق جو ديوتا نه رهيو جو فاتح تهذيب وٽ تخليق جو پنهنجو ديوتا "برهما" هو، جنهن شِو جي جاءِ سنڀالي. هن وقت برهما برهمڻن جو، شِو ڪشترين جو ۽ وشنو وئشن جا ديوتا آهن. برهما تخليق ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو، شِو تباهه ڪندڙ ۽ وشنو

رڪشيا يا حفاظت ڪندڙ ديوتا آهي. اهو ئي سبب آهي جو هنگلاج ديوي جيڪا دراصل "ماتا" ديوي آهي ۽ آرين جي اچڻ کان اڳ تخليق، زرخيزي ۽ معاشي ڀلائيءَ جي ديوي هئي، بدلجي ڪشترين جي ديوي ٿي پئي.

## ڪشترين جي ديوي

سوال آهي تہ هاڻي هوءَ صرف ڪشترين جي ديوي ڇو ٿي سمجهي وڃي؟ ان جو جواب اسان کي فقط انهن ڪٿائن مان ملي سگهندو جن جو ذڪر "هنگلاج جي ياترا" جي ليکڪ ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ جڏهن رشي جمد اگني جي سڀ کان ننڍي پٽ شري پرشرام (لفظي معنيٰ: ڪهاڙي بردار رام) پنهنجي پيءُ جي خون جو بدلو وٺڻ لاءِ ڪشترين خلاف لشڪر ڪشي ڪري ڪين ڀاري راڄ برهمڻن جي حوالي ڪرڻ شروع ڪيو، تڏهن ڪشتري سندس ڊپ کان سيلاب وانگر سنڌ کان مڪران، ڪابل ۽ ايران ڏانهن ڀڳا. ليڪ وڏيڪ ڀڏائي ٿو تہ پرشرام جي قهر جو شڪار سنڌ جو ڪشتري راجا رتن سين بہ ٿيو، جيڪو ڊپ ۾ رشي ڏڌيچ جي آشرم ۾ ٻارن ٻچن سميت سرسوتي ندي (سنڌوءَ جي هڪ قديم شاخ) جي ڪناري ڀيلي ۾ لڪو هو. رتن سين جا پٽ (جڏ سين ۽ ٻيا) پيءُ جي مارجي وڃڻ کانپوءِ رشي ڏڌيچ جي اڳواڻيءَ ۾ هنگلاج ديويءَ وٽ سندس مندر ويا ۽ هنگلاج ديويءَ جي ١٢ - سال تپسيا ڪئي. جنهن بعد، ديويءَ جي ظاهر ٿيڻ تي هنن ديويءَ کان گهر ڪئي تہ شري پرشرام جي بد دعا سبب وڃايل شستر وديا کين موٽي ملي. ديوي کين شستر وديا ڏهن پيڙهين تائين موٽائي ڏني. ڪٿا موجب هنگلاج ديوي هنن ڪشتري راجڪمارن جي اشٽ ديوي هئي.

ليڪ، رشي ڏڌيچ جي زباني راجڪمارن کي ڄاڻايل ڪٿا جي حوالي سان لکي ٿو تہ: پرشرام، جڳت ماتا هنگلاج ديوي کي هنگلاج پروت (پربت) ۾ ١۴ - سال ستائي اهو ورگهريو هو تہ سندس ٻانهن ۾ ايترو ٻل ۽ شڪتي هجي جو ڪو بہ ڪانئس ڪٽي نہ سگهي. اهڙو ور ملڻ کانپوءِ ئي پرشرام سهسراج کي ماري ۽ ڪشترين کي ناس ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو.

شري پرشرام، وشنو ڀڳوان جو ڇهون اوتار هو. رامائڻ ۾ ڀنهي اوتارن جي سيتا جي سويمبر جي

موقعي تي ٿيل گفتگو ڄاڻايل آهي. رام واري دور کي ترِيتا يگ چيو وڃي ٿو جيڪو ماهرن جي تحقيق جي روشنيءَ ۾ مارڌاڙ وارو زمانو آهي. پر، پرشرام جو ذڪر مهاڀارت ۾ به آهي جنهن ۾ شري ڪرشن وشنوءَ جو ستون اوتار هو. مهاڀارت جا ٻه اهم ڪردار گنگا پُٽ ڀيشم اچاريه دورڻ ۽ سوريه پُٽ ڪرڻ، ٻئي پرشرام جا شاگرد ڄاڻايا ويا آهن.

## ديويءَ جا ٻيا نالا

اَما ديوي، هندستان ۾ بنيادي ديوي آهي جنهن جا ڪيئي نالا آهن. عربي زبان ۾ "اُمه" معنيٰ "امان" يا "ماءُ" آهي. دراصل هيءَ ديوي مختلف تهذيبن ۾ ۽ مختلف وقتن ۾ مختلف نالن سان سڏي وئي آهي. سندس نالن مان اڪثريت صفتي ۽ جاگرافيائي نالن جي آهي. پر اهو بنيادي تصور "ماءُ ديوي" (Mother goddess) وارو آهي، جنهن جي هڪ صورت هنگلاج ديوي آهي ۽ جيڪا موهن جي دڙي مان پڻ لڌي وئي آهي. هندو ديومالا واري ڊڪشنريءَ ۾ هن ديويءَ جا ڪوڙ نالا ڏنل آهن، جيڪي هن ريت آهن: مهاديوي (شِو جي زال)، پاربتي (پربت جي ڌيءَ)، هماوت (هماليه جي ڌيءَ). ديوي، شِو جي موئنث سگهه آهي. هن جا ٻه رخ آهن، جلالي ۽ جمالي. سندس ڀَريون رخ پوڄيو ويندو آهي. سندس جمالي رخ اُما آهي. ٻيا نالا گوري، هيماوتي، جگن ماتا ۽ ڀواني آهي. سندس هڪ شديد رخ درگا به آهي. ڪالي ۽ سياما ڪانسواءِ چنڊي ۽ چنڊيڪا به سندس نالا آهنَ. هوءَ، درگا واري روپ ۾ سهڻي زرد رنگ واري، شينهن تي سواري ڪندڙ ۽ ڪروڌي آهي. ڪالي يا ڪالڪا جي روپ ۾ هوءَ ڪاري رنگ واري نانگن سان وڪوڙيل، انساني منڍين جو هار پاتل نظر ايندي ۽ ديويءَ ڪان وڌيڪ ڪجهه ٻيو نظر اچي ٿي. مرزا پور ۾ جتي ونڌياس گنگا ۾ پوي ٿي، ڪيس ونڌيا واسيني چئجي ٿو، جتي سندس بت تان رت سڪڻ ڪو ڏنو وڃي. هڪ روپ مهامايا اٿس. جيئن تہ چنڊي بہ مکيہ رخ اٿس تنهن ڪري ان جا ٻيا پهلو بہ نظر ۾ رکي سگهجن ٿا. چنڊي مهاتميا آسرن (Asuras) مٿان ديوين جي فتح سان منسوب آهي. هن سري هيٺ هوءَ درگا، دسا ڀوڄا (ڏهن ٻانهن واري)، سنها واهني (شينهن تي وهندڙ)، جگد ڌاتري، ڪالي، مهاڪيسي، تارا، جگد گوري وغيره آهي. ڪيس ساهرن طرفان مليل

نالن جا تفصيل هن ريت بيهن ٿا: پيروي، پگوتي، ايساني، ايشوري، ردراني، سرواني. جڏهن ته سندس ماشاٿا نالا آدريجا ۽ گرِني جا (جبل جائي)، ڪوجا (ڌرتيءَ جائي) دڪشاجا (دڪشا جي ڌيءَ)، ڪنيا (ڪنواري)، ڪنيا ڪماري (نوجوان ڇوڪري) امبيڪا (ماءُ)، آورا (سڀ کان ننڍي)، اننتا ۽ نتيا (لافاني)، آريا (احترام واري) وجيا (فاتح)، رِڌي (شاهوڪار)، ستي (پاڪدامن) آهن. سندس خوفناڪ روپن جا ڪجھ هيا نالا پدراڪالي، ڀيما ديوي، چاماندا، مها ڪالي، مها ماري، مها اسوري، ماتا نگي، رجاسي (ڏمريل)، رڪتا دنتي (رت هاڻن ڏندن واري) وغيره آهن.

ديويءَ جون اهي سچاٿپون ۽ نالا گهڻو تڻو آرين کان پوءِ جا آهن. جڏهن ته زرخيري، تخليق، اولاد ۽ خوشحاليءَ وارا ڪم لڪشمي ۽ سنتوشي جي حوالي ڪيا ويا. لڪشميءَ کي وشنوءَ سان منسوب ڪري ڪيس خوشحالي ۽ دولت لاءِ ذميوار ڪيو ويو جڏهن ته سنتوشي ماتا، اولاد ڏيندڙ ديوي آهي.

اها ڳالھ پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي ته سنڌ جي ديويءَ ۽ ٻاهرين علائقن مان لڌي آيل ديويءَجون کي صفتون هڪجهڙيون ۽ ڪي مختلف هيون پر جڏهن ٻئي ديويون هڪ خطي ۾ گڏ ٿيون ته اهي پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ويون. دلچسپ صورتحال اها آهي ته هڪ ٻئي کان مختلف صفتن کي ڪنهن نه ڪنهن ريت جواز ڏيئي اختلافن کي اتحاد ۾ بدلايو ويو. ان لاءِ خاص طور تي ديوي ماتا جو مثال سڀ کان دلچسپ آهي.

ڪالي يا پاروتيءَ جو رنگ ڪارو آهي پر سندس هڪ روپ "گوري" آهي. ڪاري گوري ڪيئن ٿي؟ان جو جواز شو پراڻ ۾ ڏاڍي سهڻي نموني پيش ڪيو ويو آهي. جنهن موجب "هڪ ڏينهن مهاديو پاروتيءَ وٽ پهتو ۽ مشڪندي پاروتيءَ کي چوڻ لڳو: اي ديوي تون ڪاري آهين. پاروتيءَ جي دل تي چوٽ لڳي جا پاڻ ته اهڙي ٺٺولي سهڻ لاءِ تيار نه هئي ۽ نماڻي واڻيءَ ۾ پتيءَ جي پيار کي هٽ ڪرڻ لاءِ چوڻ لڳي: اي پتي ديو توهان مونکي اڄ ڪاري رنگ واري ڪوٺيو آهي. شايد توهانکي منهنجي لاءِ اندر ۾ پيار ناهي..... تنهنڪري مان هاڻي انجام ٿي ڪيان ته هيءُ ڪارو رنگ مٽائي هاڻي سهڻو رنگ حاصل ڪنديس. ايئن چئي پاروتي جوش ۽ جولان مان پلنگ تان اٿي ڪڙي ٿي (ص۴۱۴-۴۱۵)........ ديويءَ پنهنجي

ڪاريءَ چمڙيءَ کي تياڳ ڪندي پنهنجي بدن مان شڪتيءَ کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ، جنهن مان هڪ ديوي پڻ گهڙ ٿي ، جنهن جو نالو شڪتي چيو ويو ، جيڪا پوءِ يوگ مايا وشني ديويءَ جي نالي سان مشهور ٿيڻ لڳي ۽ پاڻ "گوري" سفيد ٿي پئي. (صفحو ۴۱۷)

آرين ۽ دراوڙن جون ڪي ڪي ديويون اهڙيون به آهن جن تي موجود اختلاف اتحادن ۾ تبديل نه ٿيا. ان لاءِ آرين جي ديوي ڊائنا جو مثال ڪٿي سگهجي ٿو. جيڪا يورپ ۾ آباد ٿيل آريائي لوڪن يا يونانين وٽ شڪار جي ديوي آهي ۽ جهنگ ۾ ڦرندي رهندي آهي. اها ديوي سنڌي ۽ هندي سماج ۾ قبول نه پئي ۽ ان جو مقامي نالو ڊائڻ يا ڏائڻ آهي. ڏائڻ به شڪارڻ آهي. جهنگ ۾ رهندي آهي ۽ جانورن سان گڏوگڏ ماڻهو به کائيندي آهي. ڊائنا سنڌ ۽ هند ۾ بدليءَ جي ڦوت ڇو ٿي؟ ان تي اجا تحقيق جي ضرورت آهي. واضح هجي ته قديم يونان جي ڊائنا وڌ ۾ وڌ طاقتور ديوين ۽ ديوتائن مان هڪ آهي.

## هنگلاج ديويءَ بابت هڪ ٻي ڪٿا

جيئن ته ڪالي درگا ۽ هنگلاج ديوي ساڳي سگهه جا جدا مظهر آهن تنهن ڪري سندن سڃاڻپ جو پس منظر به جدا آهي. درگا، ڪشوري پڻ ديوي آهي جيڪا شينهن تي سواري ڪري ٿي، جيڪا رنگ جي صاف آهي، جنهن جي چهري تي سنجيدگي آهي. ڪاليءَ جو وجود ڊيڄاريندڙ آهي سندس زبان ڳاڙهي ۽ وات مان نڪتل هوندي آهي. سندس پير هيٺيان يا هٿ ۾ يا ڳچيءَ ۾ راڪشس جي منڍي ۽ ان مان ٽمندڙ رت آهي. سندس رنگ انتها حد تائين ڪارو آهي. هنگلاج ماتا جو مجسمو ستل حالت ۾ آهي، هوءَ پلنگ تي ليٽيل آهي ۽ پاسي ۾ چاڪريون پيون اٿس. ڪاليءَ کي رت جي پيپا ڏجي ٿي. جڏهن ته هنگلاج ديوي سهڻي آهي ۽ ان جو اثر "روشنيءَ جي جهلڪي جهڙو" آهي. سندس مورتيءَ تي تير هاريو ويو ٿو. هڪ ٻي دلچسپ ڪٿا موجب هنگلاج ديوي هڪ عام عورت هئي، جنهن هڪ ظالم حڪمران کي شڪست ڏيڻ لاءِ پاڻ کي ڌرتي ماتا سڏايو ۽ ظالم حاڪم هنگول کي ماري وڌو.

هنگلاج، توڙي هنگلاج ديويءَ بابت رامائڻ، مهاڀارت ۽ مهاپورائڻ ۾ ڪو به ذڪر نه آهي. انهن ڪانسواءِ جيڪڏهن ڪن ٻين

مکيہ ڪتابن ۾ ذڪر آهي تہ ٻتي سگهجي ٿو. في الحال اسان وٽ هنگلاج ۽ ٻوي ۽ بابت ڪٿائن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ سرڳواسي رامچند ايس ڪشتري جو ڪتاب "شري هنگلاج جي ياترا" آهي. افسوس جو سرڳواسيءَ جيڪي ڪجھ لکيو آهي ان بابت اهو نہ ڄاڻايو اٿس تہ هن ڪھڙو حوالو ڪھڙي ڪتاب مان ڏنو آهي. بھرحال ليکڪ ايترو ضروري ٻڌايو آهي تہ سندس ڪتاب ۾ شامل مواد ۾ ڪيس هنديءَ ۾ لکيل هنگول پراڻ، وڏڙن جي ٻڌايل ڪھاڻين، شري اُدن مل سترام داس جي ڪتابي مسودي، شري مولچند بولچند پانوليءَ جي ڇپيل ڪتاب ۽ هنگلاج واري سفر جي ذاتي مشاهدي وڏي مدد ڏني. پر انهن ۾ مکيہ ڪتاب هنگول پراڻ آهي. ليکڪ، لکيو آهي تہ: شري هنگلاج جو اتهاس ١٩٣٠ء ۾ ٺٽي ننگر واري برهم ڪشتري مندر جي سامھون اکاڙي ۾ موجود هو، جيڪو هن خود پڙهيو هو. هوڏانهن لطيفي سُرجي ليکڪ ڪاڪي پيرومل (صفحي ٣٠ تي حاشيي ۾) بہ هنگلاج پراڻ جو ذڪر ڪيو آهي جنهن ۾ سري رامچندر جي سيتا ۽ لڪشمڻ سميت هنگلاج ياترا جو حوالو ڏنل آهي.رام اها ياترا ١٤- سالن جي بنواس دوران ڪئي. ڪاڪي پيرومل ان قصي جي تصديق ۾ "رام باغ" ۽ راماسر (رام تلاءُ) جي ماڳن کي پيش ڪيو آهي جيڪي اڄڪلھ واري ڪراچيءَ جي حدن ۾ موجوُد هئا. رام باغ جو نالو بدلائي هاڻي آرام باغ ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ "راما سر" ڪراچي ميونسپل ڪميٽي پراڻي چڪي آهي. جڏهن تہ ڪراچي ڪان هنگلاج جي واٽ تي. "بريدي لڪ" وٽ سيتا سان منسوب ڪجھ کوهين جو حوالو بہ ڏنو ويو آهي. هنگلاج ديويءَ جو سڀ ڪان آڳاٽو ذڪر "بُرهنيل نتر" ۾ هن ريت مليو ٿو:

جوالامکي هنگلاچہ مھا تيرٿ گنيشورہ
جاناهہ ٻڌانان هيت ستاپان سُندر

هوڏانهن بنگلا مکي سمتسر نامہ ۾ لکيل آهي:
سَرَ شورِي بِدو ديا پراپرم ديوتا!

هنگلہ هنگلہ ڪشي چہ هنگلہ ڏار واسني!
هنگلو نترورتايا، هنگلہ پرتا چہ سا!
جاگرتي چہ جگنماتا، جگديشوَر وليا!

برهم ڪشتري ته ذات جي ڪل ديوي هنگلاج آهي جنهن جو
مول منتر هيءَ آهي:

اوم هِنگلي پرَمَ هِنگلي اَمرَ ترُوپني
تنشڪتِ مَن شوي شِري هِنگُلايه نمه سَواها

رامچند ڪشتريءَ ڏند ڪٿائن ۾ چاتايل اهو قصو به بيان ڪيو آهي جنهن ۾ ديويءَ تي "هنگول ديوي" جو نالو پيو. ڪٿا، جيئن ته "هنگلاج ديويءَ" بابت ابتدائي واقعي کي ظاهر ڪري ٿي تنهن ڪري اها پرشرام ۽ شري رامچندر ڪان به اڳ جي ڪٿا آهي. ڪٿا هن ريت آهي ته:

شري هنگلاج ديويءَ جو اتپتي تاتاري يعني مينگولين جو راجا اَسو هنن جو آدي پرش هو. انهيءَ جي اولاد مان ڏهين پيڙهيءَ ۾ مونگوني راجا ٿيو. ان جو پٽ وچتر ٿيو. وچتر راجا جا ٻه پٽ ٿيا، هڪ هنگول ۽ ٻيو سندر، وچتر راجا جي حڪومت جي حد چينآ ديس جي حد ڪان اولهندي پاسي تائين هوندي هئي، جنهن کي اَسور تاتاري ۽ هنگولي سڏيندا هئا. اهي به ڪشتري هئا پر بچڙاين ڪري ديئت سڏجڻ ۾ آيا. هنگول ۽ سندر پر واري چينا جي شهرن ۾ اچي ظلم ڪري هليا ويندا هئا. چينا جا ڪشتري چندر ونسي ۽ هنگولي سورج ونسي هئا. چندر ونسي ڪتري شو جا پوڄاري هئا ۽ سورج ونسي ديويءَ جا پوڄاري هئا. نيٺ ٻنهي ڀائرن پنهنجي راڄ ڏانيءَ ۾ به ظلم شروع ڪيو. هڪ ڀيري سندر چينا ملڪ ۾ اڪيلو هليو ويو ۽ ماڻهن ڪان سون اوڳاڙڻ لڳو. چينا جا ماڻهو پنهنجي اشٽ ديو شو مهاراج کي پڪاري دانهن ڏني. جنهن ٽن ڏينهن اندر گڻيش هٿان سندر کي مارائي ڇڏيو. سندر بابت خبر پوڻ تي هنگول اهڙو تپ ڪرڻ بابت خيال ڪيو. جنهن سان هو سڄي دنيا تي راڄ ڪري ۽ ڪو به ڪيس جيتي نه سگهي. پوءِ هن ۱۴ - سال "پرٿوي ديوي" جي پوڄا ڪئي. ديويءَ جي ظاهر ٿيڻ تي ڪيس چيو: "اي جڳت جنني اي ماتا ديوي مونکي اهڙي طاقت ڏي جو آئون پنهنجي حڪومت هلائي سگهان ۽ مونکي ڪو به ماري نه سگهي." ديوي ماتا ڪيس اهڙو ور ڏنو.

ور ملڻ ڪانپوءِ هنگول طاقت جي نشي ۾ خلق جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو. سختيون، ڳرا ٽيڪس ۽ ڏنڊ وڏا ۽ هارين ڪان اپت ۾ اڌ ڪٽڻ لڳو. لشڪر به جٽيون ڪرڻ ۾ شامل رهيو ۽ چينا سان به سندس

جهڳڙو هلندو آيو. اتان بہ زبردستي سامان کڻائي ايندو هو.
ماڻهن کڪ اچي "ڌرتي ماتا" کي پڪاريو ۽ دانهن ڏني. جنهن ڪانپوءِ ديوي ماتا پنهنجو ڀيانڪ روپ ڌارڻ ڪري سڌي هنگول ديو جي محل ۾ اچي پرگهٽ ٿي. انهيءَ وقت هنگول شراب ۽ ناچ گاني ۾ مصروف هو. ديويءَ کيس للڪاريو تہ هنگول معافيءَ لاءِ ڦڙون ڪيون. ديويءَ کيس مارڻ لاءِ الر ڪئي پر ياد آيس تہ هن هنگول کي ور ڏنو هو تہ هو هٿيار سان نہ مرندو، تنهن ڪري هن ڪانيءَ جو ترشول پيدا ڪري هنگول تي وار ڪيو جيڪو مٿي ۾ لڳس. وار لڳڻ سان هنگول وٺي ڀڳو ۽ محل ڇڏي جهنگ ڏانهن ڊوڙيو. ديوي پٺ نہ ڇڏيس. هنگول، بيٽ وارو پاسو ڏيئي ڊوڙندو، جبل جا لڪ لتاڙيندو، هماليہ جبل جو پاسو ڏيئي، درد جي علائقي وارو رستو وٺي اتان گاندار وارو پاسو ڏيئي ڪڇ لمباڪ واري رستي کان ڊوڙندو هليو. جتان ڪينيا کان سبي وٽان ٿيندو ساتا ديپ جي علائقي ۾ هڪ غار ۾ لڪو. ديوي ماتا کيس غار مان ٻاهر ڪڍيو ۽ غار جي منهن تي سندس ڇاتيءَ ۾ زوردار ترشول هنيو. هنگول مٿو نہ ڇڏيو ۽ چيو، "اي جنني پرميشوري ماتي آئون مرڻ تي آهيان، ماتي مونکي معاف ڪر پر پڇاڙيءَ ۾ اها خواهش اٿم تہ اڄ کانپوءِ تون منهن جي نالي پويان سڏجين. هنگول اهڙو واعدو وٺڻ کان پوءِ ساهہ ڏنو. ان کان پوءِ هنگول ديوي ان نالي سان پوڄي وئي."
ساڳي ڪٿا ٿورو مختلف تفصيل سان (رضيہ جان-هلال پاڪستان ١٩٨٢) هن ريت ڇاپايل آهي تہ: "هنگول جي ظلم وڌڻ وقت چينا ديس ۾ نينوا مان لڏي آيل هڪ خاندان بہ متاثر ٿيو، جنهن مان فقط هڪ جوان عورت جيئري بچي جنهن قسم کنيو تہ هوءَ سندس ۽ هنگول کان انتقام وٺندي. هن گيڙوءَ رتا ڪپڙا پاتا ۽ جت ڪٽ "اوم........اوم" جو جپ ڪرڻ لڳي. ڪيئي ستايل سندس تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ لڳا ۽ هوريان هوريان وڏو ميڙ ٿي ويو. هڪ ڏينهن ان عورت اعلان ڪيو تہ هوءَ پرٿوي ديوي آهي، سندس حڪم مڃڻ ۽ پوڄا ڪرڻ لازمي آهي." ان کانپوءِ ديويءَ هنگول جي محل تي چڙهائي ڪري کيس ماريو ۽ هنگول جي آخري خواهش جي پورائي ڪندي هنگول ديوي سڏايو. افسوس جو ڪٿا جي هن صورت بابت بہ اهو نہ ٻڌايو ويو آهي تہ اهو حوالو ڪهڙي ڪتاب تان کنيو ويو.
ڪٿا جي پوئين صورت ۾ بہ حوالا ڪافي اهم آهن. "نينوا".

مان لڌي آيل ڪتب ۾ "پرٿوي ديوي" هي ٻئي حوالا قديم عراق جي ديوي "نن مح" يا "نن تي" ۽ با ختري يوناني ديوين "نانيا" ۽ نانا" ڏانهن ڌيان ڇڪائيندڙ آهن جن تي ايندڙ صفحن ۾ بحث ڪيو ويندو.

ساڳي ڪٿا ننگر پارڪر جي علي نواز خان کوسي ڪجھ فرق سان ٻڌائي، سندس عمر ٧٠ سالن کان مٿي آهي ۽ سڄي عمر ڪارونجھر وارن تيرٿن تي ايندڙ جوڳين، پنڊتن ۽ ويدانتين سان بحث ۾ گذاري اٿس. انهن ئي پنڊتن کان ٻڌل ڪٿا موجب: "دوار ڪاجي ساڌن ٻن راڪشسن مُروڙ ۽ ڪَروڙ جي ڏاڍن ۽ ظلم کان ڪڪ اچي سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو. راڪشسن جو لشڪر سندن پويان ڪاهيندو پئي آيو. ساڌن کي سمنڊ ۾ هڪ پن تي ستل ننڍڙو ٻار نظر آيو، جنهن کين ڏسي چيو ته جيڪڏهن هو سڀ پنهنجي تپسيا جو چوٿون حصو کيس ڏين ته هو راڪشسن کان سندن جند ڇڏائيندو. جڏهن سڀني هاڪار ڪئي ته اتي هڪ تمام سهڻي عورت ظاهر ٿي جنهن جي وجود ۾ وڏو تجلو هو. راڪشسن جي سردارن مروڙ ۽ ڪروڙ حڪم ڪيو ته ان عورت کي پڪڙين. تڏهن جيڪو راڪشس اڳتي ٿي وڌيو ۽ ان سهڻي عورت ڏانهن اک ٿي کنيائين ته سڙي ٿي ويو ۽ اها عورت هڪ مان نو، نون مان ٩٠ ۽ ٩٠مان ١٠٠ جي حساب سان گهڻا وجود وٺندي وئي. اها صورت ڏسي مروڙ ۽ ڪروڙ وٺي ڀڳا ۽ اها عورت سندن ڪڍ پئي. اهي ڀڄندا ڀڄندا اچي ان هنڌ پهتا جتي هاڻي هنگلاج ديوي جو مندر آهي. ان عورت راڪشسن کي ان هنڌ ماريو ۽ ان غار ۾ گهڙي وئي. اها هنگلاج ديوي هئي." اها ڪٿا ٻن هنگول پراڻ جي بگڙيل صورت نظر اچي ٿي، جنهن تي ڪڇ واري علائقي جو اثر نظر اچي ٿو.

## سميري نن

سُميرين جا ٽي وڏا ديوتا هئا، اَن (اَنو) اَن لِل ۽ اَن ڪِي. اَنو آسمان جو، اَن لل هوا جو ۽ اَن ڪِي ڏاهپ ۽ پاڻيءَ جو ديوتا هو. اَنو ۽ اَن لِل ڪائنات جا ضابطا مقرر ڪيا ۽ اَنڪيءَ باقي سڀ ڪم ڪيو. ڪائنات ۾ تنظيم ۽ ترتيب پيدا ڪئي. پاڻيءَ جا وهڪرا، پکي پکڻ، چوپايا جانور، شهر، ڳوٺ پنهنجي پنهنجي فطري ماڳ تي مهيا ڪيا. ماڻهو وڏايا ۽ انهن جي نگرانيءَ لاءِ بادشاهه بنايا. ديوتائن ۾

چوٿون نمبر "ننِ هر سگ" جو آهي، جنهن "اَن ڪي" سان شادي ڪئي.

"نن هر سگ" زمين جي ديويءِ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "جبل واري عظيم عورت" هوءَ ڌرتيءَ ماتا ۽ ڪائنات جي ماءُ هئي. سندس ٻيا نالا نن مح، ارُورو ۽ ننِ تُو آهن. نن تُو جي معنيٰ آهي "ڄڻيندڙ عورت". هڪ خيال اهو به آهي ته نن هر سگ ديويءَ جو اصل نالو "ڪي" هو يعني زمين ۽ اها ويمَ لاءِ مخصوص ديوي هئي. هوءَ ارورو جي حيثيت سان اَن لل يا اَن ڪي ديوتا سان وابسته رهي. سندس نالو "نن تي" به آهي، جنهن جي معنيٰ آهي حياتي ڏيندڙ عورت. سندس نالي "نن مح" جي معنيٰ آهي وڏي ماءُ. سنسڪرت جي لفظ "مها" سان "مح" جي اُچار توڙي معنيٰ ۾ هڪجهڙائي آهي. جڏهن ته لفظ "ننِ" "ناني" سان ملندڙ آهي جنهن جي اڄوڪي معنيٰ آهي ماءُ جي ماءُ، يا وڏي ماءُ. ساڳئي دور ۾ ساڳئي هندَ انانا نالي ديوي پيار ۽ نسل جي واڌاري جي ديوي آهي جيڪا مکيہ ديوتا انُو جي ڌيءَ آهي.

"دنيا ڪا قديم ترين ادب" جو ليکڪ ابن حنيف پنهنجي تصنيف "سات درياؤن ڪي سرزمين" (پاڪستان) ۾ تفصيل سان بحث ڪيو آهي ته قديم سمير جو بهشت "دلمون" سنڌو ماٿري آهي. سميري تختين موجب جڏهن ديوين ۽ ديوتائن ۾ دنيا جي تقسيم ٿي رهي هئي تڏهن، دلمون "اَن ڪي" ديوتا ۽ "هر سگ" ديويءَ جي حصي ۾ آيو. اهو وقت جو آغاز هو ۽ اهڙي آغاز ۾ دنيا اڃا پيدا ٿي هئي. ان اڃا قطعي صورت اختيار نه ڪئي هئي. جيئن ته اها زمين ڪين ملي تنهنڪري هو ٻئي اتي لٿا. پر في الحال زمين تي ڪجھ به نه هو، مٺو پاڻي به نه هو. نن هر سگ جي تجويز تي مٺن پاڻين (اَب زُو) جي ديوتا اَن ڪي جي حڪم سان سورج ديوتا انو، دلمون ۾ مٺو پاڻي فراهم ڪيو ۽ دلمون ۾ ججهي انداز ۾ مٺو پاڻي فراهم ٿيو. ڪيت ٿيا ۽ اهو بندن ۽ گهاٽن وارو ملڪ مشهور ٿيو. جڏهن دلمن جي صورتحال بدلي ته اَن ڪي ديوتا، نَن هر سگ کي شاديءَ لاءِ چيو جنهن قبوليو ۽ ڪيس پيٽ ٿي پيو. صرف نون ڏينهن ڪانپوءِ بنا تڪليف جي نن سار (نن مو) کي جنم ڏنائين جيڪا نباتيات جي ديوي هئي. هڪ ڏينهن اَن ڪي ديوتا نن سار سان واسطو ڪيو ۽ هن به نون ڏينهن اندر "ننِ ڪُرا" کي جنم ڏنو. جنهن جي معنيٰ آهي

"ڪوهستاني زمين جي راڻي." هوءَ سنگتراشي ٻوٽن جي ريشن ۽ رنگڻ جي مصالحن جي ديوي هئي. پوءِ، اُن ڪيءَ نن ڪرا سان واسطو ڪيو ۽ نن ڪرا مان اُتو جائي جيڪا ڪپڙن لباس ۽ ڪپڙا رنگڻ جي ديوي هئي. بعد ۾ اُن ڪيءَ اتو سان بہ شادي ڪئي.

اُن ڪِي ديوتا جنهن طرح سان تخليق جو عمل جاري رکيو آهي سو دراوڙي ديوتا شومهاديو واري علامت (لنگم) سان واسطو رکي ٿو. اهڙو تخليق جو تفصيل قديم سميري تختين تان اتاريل "بهشت واري ڪٿا" ۾ ڄاڻايل آهي.

اُن ڪي ۽ نن هرسگ جي ميلاپ جو جائزو وٺڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ تہ ان سان زمين تي زندگيءَ جي اپڙڻ جا اوائلي سمجھ موجب مادي بنياد سمجهايا ويا آهن. پاڻي (اُن ڪي) ۽ زمين (نن هرسگ) جي ميلاپ سان نباتيات (نن سار) وجود ۾ اچي ٿي. ٻوٽن (نن سار) کي پاڻي ملڻ سان انهن ۾ ريشو (نن ڪِرا) نهي ٿو، ريشي مان ڪپڙو (اُتو) وجود وٺي ٿو.

قديم عراقي نظرين ۾ انسان جي تخليق وارو فلسفو ڏاڍو نرالو آهي ۽ ڇاڪاڻ تہ ان ۾ جياپي لاءِ جاکوڙ وارو پهلو نمايان آهي. سميرين جي خيال ۾ اسان کي اهڙي چيڪي مٽيءَ مان ٺاهيو ويو جيڪا زمين جي هيٺيان پر سمنڊ جي تهہ کان مٿي هئي هيءَ نظريو جن تختين تان هٿ آيو آهي اهي چار هزار سالن کان وڌيڪ پراڻيون نہ آهن. بابل مان لڌل هڪ لکت "انوما الش" موجب مردڪ يا اِيا ديوتا انسان جي تخليق هڪ باغي / شرپسند ديوتا "ڪِنگُو" جي رت مان ڪئي. ان مقصد لاءِ ڪِنگوءَ کي قتل ڪيو ويو هو.

سميرين جي خيال ۾ انسان کي ان لاءِ تخليق ڪيو ويو تہ جيئن هو ديوين ۽ ديوتائن کي ان محنت ۽ مشقت کان نجات ڏياري جيڪا کيس پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ ڪرڻي پوندي هئي. سميري تختي (۳۵۰۰-۴۰۰۰ ق-م؟) موجب ڌرتي ماءُ نن هُرسگ (نن مح) ۽ پاڻي ۽ عقل جي ديوتا ان ڪِي انسان جي تخليق ۾ حصو ورتو. ان قصي موجب ديوتائن کي پنهنجي بقا لاءِ پاڻ محنت ڪرڻي پوندي هئي ۽ اهي پاڻ ئي ڏاٽا، ڪوڏرون ۽ ٻيو سامان کڻي پورهيو ڪندا هئا. جڏهن ديويون پيدا ٿيون تہ ديوتائن جو ڪم اڃا وڌي ويو. هو محنت ۽ پگهر وهائيندڙ حياتيءَ مان خوش نہ هئا تنهنڪري اُن ڪِي وٽ ويا جيڪو عقل ۽ ڏاهپ کان ڪم وٺي سندن ڪم سولو ڪري ٿي

سگھيو. پر، هو پنهنجي محل ۾ ڪٽ تي وڏي آرام سان ستو پيو هو ۽ ڪڏهن به اک نه ٿي کوليائين. ديوتائون پريشان ٿي ان کي جي ماءُ "نمُو" ڏانهن ويا جيڪا سامونڊي اونهائي ۽ اولين سمنڊ جي ديوي هئي. نموءَ سندن لڙڪ اگهيا ۽ پٽ کي ننڊ مان اٿارڻ لڳي:

"منهنجا پٽ پنهنجي بستري مان اٿ..... ڪو ڏاهپ جو ڪم ڪر. ديوتائن لاءِ خادم پيدا ڪر، اُهي (انسان) هنن (ديوتائن) لاءِ پيٽو پيدا ڪن."

ان ڪانپوءِ اَن ڪِيءَ رٽ رٽي. اَن ڪِي سندس ماءُ نموءَ تي جيڪي مٽي گوهڻ جو ڪم رکيو ۽ دائي وارا فرض نڀائڻ لاءِ نن مح (نن هرسگ) کي مقرر ڪيو جنهن جي مدد لاءِ ٻيون ٨-ديويون ڏنيون ويون. انسان جي تخليق ڪانپوءِ اَن ڪِيءَ ديوتائن کي دعوت ڏني ۽ ان ۾ گهڻو شراب پيڻ ڪانپوءِ نن مح ديويءَ، اَن ڪِي ديوتا کي چئلينج ڪيو ته هوءَ اَن ڪِيءَ جي تخليق ڪيل انسان جو مقدر ڦاهڻ تي قدرت رکي ٿي. اَن ڪِيءَ سندس چئلينج قبول ڪيو ۽ چيو ته پلي هوءَ (نن مح) انسان ۾ جسماني نقص پيدا ڪري پر هو ان نقص جو توڙ ڪندو. نن مح ڇهه انسان پيدا ڪيا. انهن ۾ هڪ (عورت) جي ڪک سڪل هئي، ٻيو لاجنس هو ۽ ٻين ۾ ٻيا نقص هئا. اَن ڪي انهن کي حرم سرا ۽ بادشاهن جي خدمت لاءِ مقرر ڪيو ۽ سندن سماجي ڪارج بنايو. بعد ۾ اَن ڪي ڇهه ماڻهو پيدا ڪيا جن ۾ نقص رکيو ۽ نن مح کي سندن نصيب سڌارڻ لاءِ چيو. پر نن مح ائين ڪري نه سگهي ۽ نتيجي ۾ انسانيت مجروح رهجي وئي. جنهن تي نن مح دانهن ڪئي ۽ اَن ڪِي کي بد دعا ڏني: "منهنجو شهر تباهه ٿي ويو. منهنجو گهر برباد ٿي ويو، منهنجا ٻار غلام بنايا ويا آهن، مونکي "اِي ڪر" (ديوتائن جو ايوان؟) ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو. آئون ڀاڄوڪڙ ٿيس پر تنهنجي هٿان بچي نه سگهيس... هاڻي تون به آسمان تي نه رهندين ۽ زمين تي به نه رهندين." ڏند ڪٿائن موجب اَن ڪي هاڻي ڌرتي ۾ پاڻيءَ جي هيٺيان رهي ٿو.

سبط حسن لکي ٿو ته ٻار جي پيدائش وقت ڪم ايندڙ هڪ قديم بابلي منتر موجب انسان کي ڪائنات ماتا پيدا ڪيو. دراصل نن مح (نن هرسگ) قديم عراق واري اها ڌرتي ماتا آهي جنهن "نانا" "نانيا" جون شڪليون ورتيون هيون. بعد ۾ جڏهن مادري نظام تي پدري نظام فوقيت اختيار ڪئي تڏهن انسان توڙي ڪائنات جو خالق،

مرد.ديوتائن کي بنائي نن مح کي آن کي جي تابع ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن دلمون کي سنڌو ماٿري ڇڄجي ته ديوي ماتا وارو مهن جي دڙي وارو عقيدو ۽ ان وقت واري شِو جي حيثيت پڻ قديم عراق سان پيٽي سگهجي ٿي ۽ گهڻو ممڪن آهي ته ٻنهي تهذيبن جو پاڻ ۾ ايڏو گهرو واسطو هجي.

هاڻوڪي انگريزي ڊڪشنريءَ ۾ ملندڙ هڪ لفظ "نيني" (Nanny)جي معنيٰ دائي يا ٻارن جي پرورش ڪندڙ آهي. سميري "نِن تي" پڻ "انسان جيءَ ڄمڻ" وقت دائيءَ وارو فرض ادا ڪيو.

## نانيا ديويَ

اڄڪلهه مسلمان هنگلاج ديويءَ جي مجسمي کي "بي بي ناني" جو مجسمو قرار ڏيئي اوڏانهن وڃن ٿا. جيتوڻيڪ مسلمانن جي عقيدي ۾ ڪنهن بت کي اهميت ڏيڻ ٺهڪي، پر ان کي ڇا ڪجي جو اهو ماڳ پنهنجي وجود ۾ هندو مسلمان يا ٻيو ڪجهه هئڻ بدران "انسان جو ماضي" آهي ۽ انسان جي تاريخ جو تسلسل آهي. ڪجهه مورخن "ناني" لفظ کي باختري ديوي "نانيا" (Nania) جي بگڙيل صورت قرار ڏنو آهي ته ڪن جي خيال ۾ اهو "ناني" لفظ "ناني" ٿي آهي ۽ ان جو تعلق قديم ڪالڊينس (Chaldeans) سان آهي، جڏهن ته يوناني ديو مالا ۾ "نانا" (Nana) نالي هڪ جل پريءَ جو ذڪر ملي ٿو، جنهن جي جهوليءَ ۾ باداميءَ جي ان وڻ جو ميوو ڪريو جيڪو انگڊيسٽس (Agdists) کي خصي ڪرڻ کانپوءِ سندس مرداني انگ جي زمين تي ڪرڻ سبب ڦٽي آيو هو. باداميءَ جي جهوليءَ ۾ ڪرڻ سبب "نانا" کي "آتيس" نالي پٽ ڄائو هو جنهن پنهنجي مردانگي پاڻ ضايع ڪئي ۽ "سائبل ديويءَ" کيس اناس جي وڻ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ڏند ڪٿا موجب "انگڊيسٽس" جنس تبديل ٿيڻ بعد "سائبل" ٿيو.

"آتيس واري ڏند ڪٿا ۽ ان جا ساٿ سڳن" واري باب ۾ جيمس فريزر لکي ٿو ته: "شام ۾ جيڪا حيثيت ائڊونس جي هئي سا فرائيگيا ۾ اتيس جي هئي. معلوم ٿئي ٿو ته ائڊونس وانگر هو به آباديءَ جو ديوتا هو ۽ هن جي موت ۽ ٻيهر جنم تي هر سال بهار ۾ ڏک ۽ خوشي ملهائي ويندي هئي. اتيس خوبصورت ريڍار يا ڌنار هو.

ديوتائن جي ماءُ سائبل جيڪا آباديءَ جي عظيم ايشيائي ديوي هئي ۽ جنهن جو مکيه مرڪز فرائيگيا ۾ هو ، اتيس سان محبت ڪندي هئي." اتيس جي پيدائش واري ڪٿا جي هي روايت موجب "بندس جنم گهٽڻ ديوتائن وانگر ڪرامتي هو. سندس ماءُ "نانا" هڪ ڪنواري ڇوڪري هئي جنهن پنهنجي ڇاتيءَ ۾ هڪ پڪل بادامي يا ڏاڙهون رکيو ۽ حامله ٿي پئي. فرائيگيا وارن جي ڪائنات جي تخليق واري نظرئي موجب بادام کي سڀني شين جو ابو سمجهيو ويندو هو ، شايد ان ڪري ته ان جا نازڪ گلابي گل ، خالي ۽ خشڪ ٽارين تي پنن جي ڪلڻ کان اڳ ظاهر ٿي بهار جي آمد جو اظهار بڻبا هئا." (فريزر).

فريزر وڌيڪ چوي ٿو ته : "(ڪنواري مائرن) جا تخليق بابت اهڙا قصا ان ڳالهه کي ظاهر ڪن ٿا ته تنهن دور ۾ اڃا ماڻهو ٻن جسمن جي باهمي ميلاپ کي اولاد پيدا ٿيڻ جو سچو پڇو سبب تسليم نه ڪيو هو. "نانا" پنهنجي ڇاتيءَ ۾ جيڪو ڏاڙهون يا بادام رکي حامله ٿي هئي سو هڪ روايت موجب اڳڊيسٽس نالي هڪ ماڻهو - بلا جي منقطع ٿيل مخصوص عضوي مان ڄمي نڪتو هو ، جو اتيس جو هڪ طرح همزاد هو. اتيس جي موت يا جنم واري ڏينهن تي مرد ، اتيس جي انجام جهڙو عمل ڪندي پاڻ به ساڳي وحشت ڀري قرباني ڏيندا هئا." فريزر ٻڌائي ٿو ته "جن ديوين جي خدمت نامرد پوڄاري ڪندا هئا تن ۾ ايفيسس واري عظيم ديوي ، آرٽيمس ۽ هيئرا پولس واري عظيم ديوي اشارٽ ، شامل هيون. جن مان پوئين ديويءَ جو آستانو زائرين جي انبوهن سان ڀريل هوندو هو ۽ اهو اسيريا ۽ بابل ، عربستان ۽ فوئينيشيا جي نذرانن سان مالا مال هوندو هو. اتيس پاڻ به نباتيات جو ديوتا سمجهيو وڃي ٿو" جيمس فريزر ان موضوع تي سڄو سارو باب لکيو آهي.

نانيءَ جي مندر ۾ شِو جا ڪيئي لنگم ۽ مجسمي جو چشمي جي پاڻيءَ جي پر ۾ پسار واري حالت ۾ هٿن ڪافي هڪجهڙايون آهن ، جيڪي نانا ديويءَ سان ملن ٿيون. هنگلاج ويندي اسان اهو به محسوس ڪيون ٿا ته ڪي مقامي بلوچ قبيلا هنگلاج ديويءَ کي ڇٽن اکرن ۾ "نانيا" چون ٿا ، جيڪا تاريخ موجب باختري ديوي هئي. هي اهم ڳالهه اها به آهي ته سڪندر اعظم واپسيءَ وقت هنگلاج وٽان هنگور ندي لنگهي اڳتي وڌي ويو آهي. گهڻو ممڪن آهي ته هن موقعي تي هڪجهڙائيءَ سبب هنگلاج کي "ناني" ، "نانيا" يا "نانا"

جو نالو مليو هجي. "بي بي ناني" نالي هڪ ماڳ بولان لڪ وٽ آهي جيڪو قديم آثارن واري ڪاتي جي لسٽ تي به چڙهيل آهي. ڪالڊين ديوي "ناني" حضرت ابراهيم کان هڪ هزار سال اڳ به پوڄي ويندي هئي، جڏهن ته حضرت ابراهيم ١٨٠٠ ق-م ۾ پنهنجو آبائي وطن ڇڏي فلسطين ۾ داخل ٿيو هو.

بلوچستان ۾ بولان لڪ کان سواءِ لسٻيلي شهر کان ويهارو کن ميل اتر اولهه ۾ قديم گونڊراڻي غارن وٽ واقع مزار کي مقامي ماڻهو جن نالن سان سڏين ٿا انهن مان هڪ "ناني" به آهي. سنڌ ۾ پيا نالا جيجان مائي ٻروچاڻي، هنجان، قلندراڻي ۽ مائي گونڊراڻي آهن.

شو پران ۾ هڪ هنڌ تمام چٽيءَ طرح خود شِو کي "نانا" سڏيو ويو آهي. ڪٿا ۾ ڀڳوتي شوا اما روپ ۾ جنم وٺڻ لاءِ دڪشا پرجا پتي وٽ هن طرح مخاطب ٿئي ٿي، "اي پرجا پتي جيتوڻيڪ مان وڏي ستا (طاقت) رکندڙ مهيشوري آهيان، پر توهان جهڙن ڀڳتن جي وس ۾ رهڻو ئي پوي ٿو. هاڻي هِڏا مان تنهنجي پٽيءَ جي گرڀ ۾ اچي تنهنجي ڌيءَ ٿي سنسار ۾ پر گهٽ ٿينديس. ان ۾ ذرو به شڪ نه سمجهه ۽ اي نشپاپ دڪيا (دڪشيا) مان ڏاڍي ڪٺور تپسيا ڪري ۽ ڀڳوان شنڪر کان ور وٺي لهنديس ته جيئن مان سنڌس ئي پتني ٿي رهان ۽ هو منهنجو پتي ئي هجي. ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو به اپاءُ ٿي نه سگهندو. مان ته هر دم ان جي داسي آهيان ۽ هر جنم ۾ نانا روپ ڌاري، ڀڳوان شنڪر ئي منهنجو پتي ٿي رهندو آهي. (ردر سنگهتا - ستي کنڊ صفحو ٨١)

اين ايم بليموريا (N. M. Billmoria) سنڌس ١٩٣٤ واري هنگلاج ديوي بابت ليک ۾ "ناني" بابت تفصيل سان لکيو آهي. هو چوي ٿو ته مسلمان هنگلاج کي بي بي ناني جو آستانو سمجهن ٿا. هن ميجر ويسٽ جي هنگلاج بابت مقالي (The Devine Mothers or local goddess of India) جو حوالو ڏنو آهي جنهن موجب ڪالهاپور رياست جي هڪ ضلعي جو نالو "ڳڙهه هنگلاز" آهي، جيڪو ديويءَ جي مندر تان اخذ ڪيل آهي ۽ تيلي راجاس (Telirajas) جي مقبول ديوي به هنگلاج آهي. بليموريا، بي.بي ناني کي شام، پرسيا آرمينيا ۽ ايشيا جي ملڪن واري ديوي ماءُ "نانيا" سان جوڙي چوي ٿو ته اها Aneiti – Anaea – Aneitis يا Tanais

بابيلان واري نانا ديوي، ارڪ uruk شهر واري Eanna مندر واري ديوي آهي. بليموريا حوالو جاري رکندي ڄاڻايو آهي ته "بي بي ناني" يا "وينس ليڊي" جا بالا رکندڙ ماڳ اڄا به افغانستان ۾ آهن. بليموريا ڪرنل ٽاڊ جي ڪتاب "راجستان" جو حوالو ڏيئي هڪ ڳالهه جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن "موجب ڪنهن زماني ۾ مارواڙ جو حڪمران اگرا پريا هنگلاج جي مندر جي ياترا لاءِ ويو هو، ان موقعي تي شري هنگلاج ماتا سندس جهرٽي يا چشمي مان ڪيس هڪ چا دوٽي / ڪرامتي تلوار ڏياري جنهن جي مدد سان هن ڏکڻ جا ڀمورا ملڪ سمنڊ تائين فتح ڪيا هئا."

هنگلاج ديوي اوله هندستان جي ڪيئي قبيلن جي ديوي آهي ۽ ويندي گڏيل صوبن (United Provinces) ۾ مرزاپور تائين Khar-was ٻڪر جي قرباني وقت چوندا آهن، "او ديوي هنگلاج وڃ ۽ منهنجي دشمن کي تباهه ڪر[1]" انهن گواهين جي باوجود ليڪ هنگلاج ديويءَ کي "نانا" چوڻ ڏانهن مائل آهي ڇاڪاڻ ته ڪيس حيرت آهي ته قديم لکتين ۾ هنگلاز مندر جو ذڪر ڇو نه آهي، جڏهن ته هن مندر جو وجود سڪندر جي واپسي کان اڳ به يقيني طور تي هو. نانا ديويءَ جي قدامت جو هڪ حوالو به ڏنو ويو آهي ته اها ٦٤٥ ق-م تائين ايلام (Elam) جي گاديءَ واري هنڌ سوسا Susa جي مندر ۾ پوڄي ويندي هئي، جتان سندس خواهش تي Assyria جو بادشاهه ڪيس شهر تباهه ڪرڻ بعد واپس کڻي ويو هو. ليڪ پڪين ثابتين سان چوي ٿو ته هيءَ ديوي ميسو پوٽيما ۾ ٢٢٨٠ سال ق-م ۾ وڏو اثر رکندڙ هئي. ليڪ مضمون ختم ڪندي پروفيسر ڊي آر Mankad جي لفظ هنگلاج بابت راءِ ڏني آهي، جنهن ۾ هن چيو آهي ته، هنگلاج لفظ سنسڪرتي نه آهي پر ٻن لفظ هن (Hin) ۽ گل (gal) جو مرڪب آهي. هن (Hin) جي ڪنهن قبيلي يا ڪنهن شخص جو نالو هوندو ۽ گل لفظ ڪل يا قلعه جي هڪ شڪل آهي جنهن جي معنيٰ علائقو يا گهر آهي. ان راءِ لاءِ هن لينگوسٽڪ سروي Grieson واليوم VIII جو سهارو ورتو آهي. هو چوي ٿو ته بلڪل ائين جيئن مَن (Man) قوم وارن جو علائقو "منگل" سڏجي ٿو. ته ان ڪري "هنگل" جي معنيٰ هن (Hin) وسندي يا وستي ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح "هنگل" جي ديويءَ کي هنگلاج سڏيو ويو، جيئن ته هتي هنگول جي نالي سان هڪ ندي به

وهندڙ آهي.

مسٽر علي احمد بروهي، جنهن پڻ هنگلاج جو چڱيءَ طرح مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو آهي ۽ ان تي ڪجھ آرٽيڪل به لکيا آهن؛ ان طرف وڏيڪ زور ڏني ٿو ته هنگلاج ديويءَ بابت ڪوجنا لاءِ ضروري آهي ته ان جا تفصيل سنڌ، لسبيلي ۽ مڪران جي سامونڊي ڪناري وٽ ڳولهڻ گهرجن، جتي "ديوي ماءُ" Mother Goddess ۽ ويدڪ ۽ پري -ويدڪ قبيلن Kalana ڪمبوجا (Kanbajes) جا بنيادي اهڃاڻ آهن. بروهي صاحب ٻڌائي ٿو ته هنگلاج جي آس پاس وارا قديم آثار اهم آهن جن ۾ ڪِنراج ڪوٽ، ڪمبوج ڪوٽ، Balwarakot, Bankakot ڪِنيارو، بيلا، ڪنيارو ڪوٽ، سپت ڪوٽ ۽ Karyo ۽ ڪِنراج جا دڙا شامل آهن. بروهي صاحب هنگلاج ديويءَ کي رانا ديوي به چوي ٿو ۽ سندس راءِ ۾ رني ڪوٽ پڻ سندس نالي واري سڃاڻپ رکي ٿو. ان لاءِ وٽس به دليل آهن: پهريون اهو ته رني ڪوٽ جبلن جي جنهن سلسلي تي آهي ان کي پدرا رينج چئجي ٿو. جڏهن ته هنگلاج ويندڙ بيواهه عورتون هنگول نديءَ وٽ ريت ادا ڪندي جڏهن مٽي جا وار ڪوڙائيندي ون آهن ته ان کي به "پدر" چئجي ٿو. ٻيو دليل اهو آهي ته گجرات واري مشهور مندر ۾ جيڪو هنگلاج سڏجي ٿو، ۾ ديويءَ کي "نانا ديوي" سڏجي ٿو، جنهن جي جي تيوهارن وقت "رانا ديوي" طور پوڄا ٿيندي آهي. (بروهي صاحب اهو حوالو ڪلڪته رويو مئي ١٩٣١ مان ڏنو آهي). جڏهن ته سندس خيال ۾ هنگول نديءَ جي سمنڊ ۾ ڇوڙ واري هنڌ قائم رانا ڪاڪوٽ يا رانا ڪوٽ، هنگلاج ديويءَ جي "رانا" يا راني ديوي طور سڃاڻپ لاءِ اهم آهن. بروهي صاحب، ڊي سي سرڪار جي ڪتاب "دي لينڊ آف ڪبوجاز" ۾ بي بي نانيءَ کي قديم سميرين ديوي "نانيا" جي صورت طور ٻڌايل ڄاڻايو آهي، جيڪو ليکڪ موجب ناممڪن ٿو لڳي ڇاڪاڻ ته "اُدما" کي ڪشن سڪن تي "نانا" سڏيو ويو آهي ۽ اها شو سان منسوب آهي. بروهي صاحب (سري پدمبتي صفحو ٥١ واليوم-١٢ جي حوالي سان) چوي ٿو ته، هنگلاج ديوي "ڪمبوجاني" طور به ڄاتي وڃي ٿي جيڪا ڪمبوجا قبيلي جي ماڻهن جي ديوي هئي، جڏهن ته ڪمبوجا ماڻهو اولهه افغانستان ۾ هئا. هن قوم جو ذڪر مهاڀارت ۾ به آهي. اڄ به ڪمبوهه ذات جا ماڻهو پنجاب ۾ موجود آهن.

مهاڀارت ۾ ڪمبوج جون فوجون ڪورو ڏر ٻڌجي وڙهيون هيون. انهن جي ويڙهه جو ذڪر سنڌ جي راجا جئدرٿ سان پانڊو فوجن جي ويڙهه واري ڏينهن تي ڪيو ويو آهي. ساڳئي ڏينهن جئدرٿ قتل ٿيو ۽ ڪمبوج به هار کاڌي (قتل ٿيو؟)

هوڏانهن، ڪتاب "ڀڳوان ٻڌ" جي ليکڪ ڌرمانند ڪوسمجي، جو چوڻ آهي ته، "گوتم جي پيدائش کان اڳ "جنبو دويپ" يعني هندستان ۾ الڳ الڳ ١٦-راڄ هئا. ١-انگ، ٢-مگڌ، ٣-ڪاسي، ٤-ڪاسول، ٥-وجي، ٦-مَل، ٧-چيتي، ٨-ونس، ٩-ڪُرو، ١٠-پنچال، ١١-مڇ (متسيه)، ١٢-شورسين، ١٣-آسڪ (آشمڪ)، ١٤-اُوئتي، ١٥-گنڌار (گانڌارا) ۽ ١٦-ڪنبوج (ڪامبوج) (صفحو -٢٠ سنڌي ترجمو):

ساڳئي ڪتاب ۾ ڪنبوج راڄ جي محل وقوع بابت پروفيسر رهائيس ڊيوڊس جي راءِ (صفحي ٤٥ تي) ڏنل آهي ته، "ڪنبوج جو راڄ اتر-الهندي پاسي هو ۽ راڄ جي راڄڌاني دوارڪا ۾ هئي." پر ڪوسمجي لکي ٿو ته، "منجهم نڪايه" جي آسالين سُت ۾ واکيه آهي، يعني ته هن ديس جو يَونَن سان اشارو ڪيل آهي. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو ته هيءُ ديس گانڌار ديس جي ڀر پرئين پاسي هو. ساڳئي هنڌ چيل آهي ته، يون- ڪامبوج ديش ۾ آريه ۽ داس اهي ٿي ٻه ذاتيون رهن ٿيون ۽ ڪڏهن آريه ڦري داس ۽ ڪڏهن داس ڦري آريا ٿين ٿا." هو لکي ٿو ته، "ڪن جاتڪ ڪٿائن ۾ صفا لکيل آهي ته گانڌار جي ديش ۾ ورڻ آشرم ڌرم پڪيءَ طرح ٿي ويو. خود تڪشيلا ۾ ڪيترا گرو برهمڻ جاتي جائي هوندا هئا، پر ڪامبوج ديش ۾ چاتر ورڻ ڌرم پير نه کوڙيو هو. انهيءَ ڪري اهو قبول ڪرڻو پوندو ته ڪامبوج ديش گانڌار جي هن پاسي هو." هو وڌيڪ لکي ٿو ته، "ڪنال جاتڪ جي انڪٿا مان پتو پوي ٿو ته هن ديس جا ماڻهو جهنگلي گهوڙا پڪڙڻ ۾ ڏاڍا قابل هئا. ڪامبوج جي رهواسين جي هڪ اهڙي مجتا هئي ته جيت، ماڪوڙا ۽ پتنگ وغيره مارڻ ڪري اُتم شڌي ٿئي ٿي. (صفحو ٤٥ - کان ٤٧)

"پاڪستان جون قوميتون" جو ليکڪ يوري گنڪو فسڪي ڪنبوج قوم کي ايراني قبيلو سڏيندي لکي ٿو ته، "سنڌو ماٿريءَ جي سرحد کان اولهه علائقي ۾ جرگه تنظيم تڪن کانپوءِ هڪ قسم جا قبائلي اتحاد قائم ٿيا. اهي ڪمزور اتحاد هئا، جيڪي هن علائقي ۾

طبقاتي معاشري ۽ غلاميءَ جي نظام جي پهرين رياستن جا پيش رو هئا، گڏيل وفاق جي ڍانچي اندر انهن اتحادن ۾ نه صرف ويجهن پر انهن رشتن ۽ نسل سان تعلق رکندڙ قبيلا ۽ هڪ ئي علائقي ۾ رهندڙ قبيلا به شامل هئا. انهن ۾ سڀ کان وڏو اتحاد اهو وفاق هو، جنهن جو مرڪز هڪ اوپر ايراني قبيلو ڪمبوجه هو. (قديم هندستاني ذريعن موجب ڪمبوج جي زبان هند- آريائي زبانن کان مختلف هئي، ان جو تعلق ايراني زبانن سان هو.) ان وفاق جون سرحدون راجوري جي وادي (ڪشمير جو ڏکڻ اولهه حصو) کان وٺي هندو ڪش سلسلي تائين پکڙيل هيون. اولهه-ڏکڻ ۾ اهي ڪابل ۽ غزني ۽ اڪثر ڪري قنڌار تائين پهتيون هيون.

ڪجهه عالمن جو خيال آهي ته قبلي ڪمبوج جي نالي ڪي ملڪ ۽ شهر ڪاپي شا سان وابسته ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن اها وابستگي درست آهي. ته پوءِ اسان اها دعوا ڪري سگهون ٿا ته ڪمبوجه جي اثر هيٺ رهنما وفاق جو مرڪز هاٿوڪي ڪابل جي اتر-اوڀر ۾ هندو ڪش ۽ ڪونار جي وچ ۾ هو."

انهن ٻن ڪتابن جي حوالن جي باوجود اسان وٽ "ڪمبوج" نالي سان ٻه حاڪم سامهون اچن ٿا. اڳوڻن وقتن ۾ ائين به ٿيندو آيو آهي ته حاڪمن جي نالن سان قبيلن توڙي علائقن تي پوندا رهيا. ڪمبوج (CAMBYSES) ايران جي ٻن حاڪمن جا نالا رهيا آهن جن مان هڪ ڪوروشن سائرس اعظم جو پيءُ (٦٠٠-٦۴٠ ق-م) ۽ ٻيو سائرس اعظم جو پٽ ڪمبوج دوئم (٥٢٢-٥٢٩ -ق-م) هو، جنهن مصر به فتح ڪيو هو. بهرحال، اهي سڀ حوالا سنڌو ماٿريءَ جي اولهه ۾ ڪمبوج ۽ ڪمبوجانيءَ جي تائيد ڪن ٿا.

بروهي صاحب هنگلاج ديويءَ جي نالي بابت راءِ ڏيندي ڪشمير جي "ڪنڪوما پريا" نالي هڪ ديويءَ جو ذڪر ڪري ٿو جيڪا Kun-kuma سان منسوب آهي، جنهن جي معنيٰ زعفران آهي، زعفران ڪشمير جي هڪ قيمتي پيداوار آهي. هن ريت بروهي صاحب ثابت ڪرڻ گهري ٿو ته اها ديويٰ قدرتي دولت جي نالي سان منسوب آهي ۽ ائين ٿي سگهي ٿو ته ديوين ۽ ديوتائن کي علائقي جي مخصوص قيمتي ۽ قدرتي پيداوارن، جيڪي ٻوٽين ۽ معدنيات جي صورتن ۾ هجن، سان منسوب ڪيو وڃي ۽ ساڳي سڃاڻپ ڏني وڃي. هو چوي ٿو ته هنگولا، "هڱ" آهي جيڪو هندستان ۾ وڏي پيماني

تي علاج معالجي ۾ استعمال ٿئي ٿو، جنهن کي ملڪ جي دولت چئجي.

هڪ مشهور انجدان وڻ جو ڪُونٽر آهي، نرم ۽ تيز بانس وارو. هن جا ٻه قسم آهن، هڪ ٿورو اڇو ميرڙو ۽ ٻيو ڳاڙهو. هڪ بابت فرهنگ جعفري (صفحو ۱۴۳ - سنڌي ايڊيشن) ۾ لکيل آهي ته: هيءُ وکر مرگهي، فالج، لقوه، استرخانءَ، معده ۽ جگر جي تقويت، بادي کي تحليل ڪرڻ، اشتها کي وڌائڻ، آواز کي صاف ڪرڻ لاءِ مفيد آهي ۽ جنسي تقويت لاءِ پڻ چڱو مفيد ۽ مجرب آهي.

## ايران جي اناهيتا ديوي

ڪتاب "ايران" (اوائلي دور کان اسلام جي فتح تائين) جو مصنف آر- گرشمن R. Grishman ماتا ديويءَ بابت بحث ڪندي ٻڌائي ٿو ته ايشيا مائنر جي سوسا واري علائقي مان لڌل مهرون ماتا ديويءَ جون آهن جن مان هڪ ۾ هن کي ٻار چٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. هن ديويءَ جون هزارين شبيهون لڌيون ويون آهن، جن مان گهڻيون سوسا واري علائقي مان مليون آهن. ليڪ موجب "ڪرشا" نالي واري هيءَ "ايلام" جي ديوي، هتي "نانيا" جي نالي سان صدين تائين پوڄي وئي. ايستائين جو هن جي پوڄا پارٿين دور ۾ به جاري رهي. ايلام وارو دور ۲۲۰۰ ق-م. کان ۲۵۰۰ ق-م وارو آهي.

ديويءَ جون ننڍيءَ تي ٺهيل ڪيئن شبيهون پارٿين قبرستان وٽان لڌيون ويون. ڪتاب جي مصنف من هنڌ ٻڌايو آهي ته نانيا واري دور ۾ ئي زرخيزي ۽ تخليق لاءِ ذميوار ماتا ديوي "اناهيتا" جي نالي سان به پوڄي وئي. اناهيتا ديويءَ بابت "ماتا ديوي" هئڻ جا ثبوت ان هاٿيوٿيس ۾ آهن ته ڪن مٽا وارين ٿالهين (Votive Disks) کي مڇي ۽ ڏاڙهونءَ وارين اکرن سان سينگاريو ويو آهي. پاڻي ۽ زرخيزيءَ جا اهي ٻئي نشان هن ديويءَ جا آهن. ليڪ ٻڌائي ٿو ته اناهيتا پاڻي ۽ زرخيزيءَ جي ديوي آهي.

سنڌو ماٿريءَ جي آثارن مان لڌل هڪ مهر ۾ ديوي ماتا جي شبيهه حيرت جي حد تائين سوسا جي نانيا سان ملندڙ آهي. ان مهر ۾ ديوي ماتا کي ٻوٽو چٿيندي ڏيکاريو ويو آهي. ماهرن موجب انساني شعور ۾ "ديوي ماتا" جو تصور سڀ کان اوائلي آهي. هنگلاج ۾ نانيءَ

جي مندر وٽ بہ اهم شيءِ پاڻي ۽ تخليق واريون علامتون (لنگم) آهن جڏهن تہ موهن جي دڙي مان لڌل ديوي ماتا جي تصوير واضح طور تي زرخيزي ۽ تخليق کي ظاهر ڪري ٿي. سنڌ ۾ اها ئي ديوي فصلن جي واڌاري ۽ خوشحاليءَ لاءِ ذميوار هئي.

هيرو ڊوٽس ايران ۾ جن عنصرن جي پوڄا جي تصديق ڪئي آهي، تن ۾ سج (مترا)، چنڊ (ماهہ) ڌرتي (زم)، باهہ، پاڻي ۽ هوا (واهيو) اهم آهن. اهي ئي عنصر هندستان ۾ بہ ساڳئي دور ۾ پوڄيا ويا آهن. R. Ghrishman هيروڊوٽس جي لکڻيءَ جو حوالو ڏنو آهي جنهن ۾ هن چيو آهي تہ ايراني سنڌن ديوتائن کي رت جون ڀيٽائون ڏيندا هئا. هن انهن سادين ۽ اوائلي رسمن جو ذڪر ڪيو آهي جيڪي انڊو ايرانين ماضيءَ سان تعلق رکن ٿيون.

قديم ايران ۽ هندستان جي لاڳاپن بابت اها پختي راءِ آهي تہ ٻئي تهذيبون هڪ ئي طاقتور سرچشمي جون ٻہ مختلف ڌارائون آهن، جيڪي هاڻي باهمي معاشي تضادن، سوچ ڌارا جي فرق ۽ وقت جي وهڪري سبب جدا جدا شڪليون اختيار ڪري بيٺيون آهن. قديم سنڌ ۾ باهہ ۽ پاڻيءَ وارن عنصرن جي قوت تان سوچ ڌارا جو اهڙو زبردست ٽڪراءُ ٿي چڪو آهي جو هڪ ڌر جا خدا ٻي ڌر وٽ شيطان ۽ ٻي ڌر وٽ شيطان ٻهرين ڌر جا خدا بڻجي ويا. ۽ اهو ٽڪراءُ هڪ اندازي موجب ويدن واري زماني ۾ ٿيو، جاڪاڻ تہ رگ ويد ۽ زند اوستا ۾ اهڙو ذڪر ملي ٿو. انهن حوالن سان ان خيال کي پوري هٿي ملي ٿي تہ تخليق بابت اوائلي فلسفي واري ديوي ماتا جيڪا موهن جي دڙي مان لڌي وئي آهي، نانيا، اناهيتا، ڪالي، درگا يا پاربتي آهي. فرق رڳو اهو آهي تہ درگا ۽ پاربتيءَ وارا نانيءَ ديوي جا نالا آرين جي آمد کانپوءِ جا آهن. هنگلاج ديويءَ کي هاڻي کھڙي بہ نالي سان سڃاڻپ ڇو نہ ڏجي هن جي اصليت "ديوي ماتا" واري آهي جنهن جو سنڌ ۾ قديم ترين ثبوت موهن جي دڙي مان لڌو ويو. اهو بلڪل ممڪن آهي تہ هنگلاج وارو ماڳ ساڳي حيثيت ۾ مهن جي دڙي جيترو يا ان کان بہ وڌيڪ پراڻو هجي ۽ ديويءَ جي هت موجودگي مهن جي دڙي واري تهذيب جي اثر سبب هجي. يا هن جو ٻاڙون اڃا بہ ڏورانهين ماضيءَ ۾ هجن.

هنگلاج ديويءَ سان وابستہ سمورا قصا ٻڌڻ کان پوءِ اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌس بنيادي صفتون اهي ئي آهن جيڪي

معن جي ڏڍي واري ڌرتي ماتا، نانيا، اناهيتا (ناهيد)، ڪالي، درگا يا پاربتي واريون آهن. هنگلاج ديويءَ هنگول کي ماري درگا ۽ ڪاليءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. مارواڙ جي واجا کي ڪرامتي تلوار ڏيڻي فتح جي ديوي ثابت ٿي، جهرڻي ڪناري تي ليٽل هئڻ ۽ لنگهڻ جي موجودگيءَ سبب نانيا ۽ اناهيتا وغيره ثابت ٿي. جبل ۾ هئڻ ڪري پاربتي ۽ ڪالي ثابت ٿي. هتي اها وضاحت ضروري آهي ته دراوڙن جو بنيادي ديوتا شو ۽ ديوي ڪالي آهن جن جا مندر جبلن ۽ پاڻيءَ جي وسيلن وٽ آهن. ٿني لڳ مڪليءَ واري مندر ۾ نهيل ڪوهه ۾ اينڊڙ پاڻيءَ جي بابت اهو سمجهيو ويندو آهي ته اهو اگور (هنگول) نديءَ جو آهي. ساڳئي مندر ۾ هنگلاج ديويءَ جي مورتي به آهي. يعني جبل ۽ پاڻي جا عنصر جيڪي شو ۽ ڪاليءَ جا آهن سي ئي هنگلاج ديويءَ جا به آهن. هوڏانهن، پاربتيءَ جي معنيٰ ۾ "جبل جي" يا "جبل جائي" آهي ۽ اها به شو سان منسوب آهي. ۽ شو جي "مؤنث سگهه" سان گڏو گڏ "سڀني جي ماءُ" سمجهي وڃي ٿي. اهوئي بنيادي تصور درگا، هنگلاج، اُما ۽ ٻين انهن ديوين جو آهي، جيڪي شو سان منسوب آهن.

ڪتاب "ايران" ۾، بشاپور شهر ۾ اناهيتا جي هڪ مندر جي عمارت ۾ خاص اڏاوتي پهلوءَ جو ذڪر ڪندي لکيو ويو آهي ته ان جي مرڪزي ڪمري جي چوڌاري هشرادو طرح، پري کان پاڻي جو وهڪرو چڪي ٿاهيو ويو آهي. ساڳئي ڪتاب جو ليڪڪ چوي ٿو ته تاريخ جي ڪتابن ۾ جاٿايل سڀ مندر اناهيتا سان منسوب آهن. سوما ۾ پوڄجندڙ ديوي نانيا هئي جيڪو اناهيتا جو سامي (Semitic) نالو آهي. هوڏانهن سوسا واري نانيا ديويءَ جو نالو اڄا تائين هلندو اچي ٿو ۽ لفظ "نَنه" صورت ۾ پنهنجي نئين مروج حيثيت ۾ عام آهي. ننه معنيٰ "ماءُ" ۽ "ننه بزرگ" معنيٰ "ناني" (Grand Mother) ڪنسائيز پرشين - انگلش ڊڪشنري (صفحو ١٣٣٣)

ليڪڪ، مذهب متعلق به اهم ڳالهيون خاص طور تي نوٽ ڪيون آهن. اول اها ته ايران ۾ هر دور ۾ پاڻيءَ کي وڏو قدر ۽ مرتبو مليو آهي ۽ اهو عنصر اناهيتا سان منسوب آهي. ٻي ڳالهه ته ايران ۾ پهرين صديءَ ق-م ۾ به رت پيئا ڏني ويندي هئي. اسان کي اهي ٻئي شاهديون هنگلاج واري جهرڻي لڳ قائم ڪاليءَ جي مندر وٽ رت پيئا مان ملن ٿيون. هوڏانهن ويدڪ مذهب مکيه طور تي

قربانين تي بدل آهي.

ليڪ چوي ٿو ته: سوسا ۾ پوڄجندڙ نانيا ديوي بالڪل اهڙي طرح اناهيتا جو سامي (Semitic) نالو آهي جيئن اٿيني Athene ۽ آرٽيمس (Artemis) يوناني نالا آهن. اسٽخر ۾ ساساني ڪتب جا وڏا اناهيتا جي مندر جا سنڀاليندڙ هئا، جتي (Athur Anahit) اناهيتا جي باهه آهي ۽ تخليق جي دانشورن موجب باهه وارو عقيدو به خاص طور سان هن ديويءَ سان لاڳاپيل آهي. ايران جي ٽنهي بنيادي ديوتائن: اهرا مزدا، مٿرا ۽ اناهيتا مان اها اناهيتا ئي هئي جنهن ايران جي اولهائين سرحدن کان هن پار تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي ۽ اهو عقيدو لڊيا تائين پکڙيو جتي هوءَ "ليڊي آف بيڪٽريا" آهي.

اناهيتا جي باهه سان لاڳاپيل هئڻ جو پهلو سنڌ ۾ موجود ڪنهن ڌرتي ماتا جي صفت نه آهي. بهرحال قديم هندو ۽ پارسي تهذيبن ۾ "باهه" جي عنصر تي ٽڪراءُ ٿيو هو ۽ پارسين "باهه" واري عنصر جي طرفداري ڪئي هئي. ممڪن آهي ته ان حوالي سان اناهيتا وٽ اها اضافي صفت هئي.

مولانا ابوالڪلام آزاد سنڌس ڪتاب "اُم الڪتاب" ۾ اناهيتا جي هڪ وڏيڪ خوبي ڄاڻائيندي لکيو آهي ته: ڪيس آرمينيا ۾ زندگي ۽ انساني نسل جي عقلمنديءَ جي علامت به سمجهيو ويندو هو. مولانا، روم جي تاريخ دانن جي حوالي سان چوي ٿو ته، ان ڪانپوءِ انهن مندرن ۾ ڇوڪرين جا ڪنوار پڻا چاڙهيا وڃڻ لڳا ۽ ڪين پاڪيزه طوائفون سڏيو وڃڻ لڳو ۽ اهائي روايت هندستان ۾ ديوداسين جي صورت وٺي بيٺي.

# هنگلاج ديويءَ جو نالو

هنگول، هنگور ۽ اگور هڪ ئي نديءَ جا نالا آهن. بوليءَ تي مهارت رکندڙ ڪن دانشورن هن موضوع تي خيالن جي ڏي وٺ ڪندي بلِيموريا جي راءِ سان اتفاق ڪندي چيو آهي ته هنگول ٻن لفظن جو مرڪب ٿي سگهي ٿو؛ يعني هِن+گول. سندن خيال ۾ "هن" اهو قديم آريائي قبيلو آهي جيڪو اتر ايشيا کان هتي اچي آباد ٿيو هوندو، جڏهن ته لفظ "گول" يا "گل" سنڌي لفظ "ڪول" يا "ڪل" جي برابر آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪٽنب، قبيلو يا

نسل، اهڙي ريت راءِ اها بيهي ٿي ته هنگول ندي ۽ جبل واري علائقي ۾ ذڪر ڪيل قديم نسل اڳي آباد ٿيو هوندو. انهن دانشورن هاٿوڪين سنڌي قومن هگورا ۽ هگورجا بابت به امڪان ڏيکاريو ته اهي ساڳئي تسلسل ۾ ٿي سگهن ٿا يعنيٰ هنگور سان نسبت رکندڙ.

هڪ ٻئي امڪاني جواب موجب بلوچي توڙي سنڌيءَ ۾ نديءَ کي "ڪور" چيو وڃي ٿو، جيڪو اگور واري اچار جي هڪ صورت آهي. ڪراچي لڳ هڪ برساتي نديءَ کي اڄ به ڪونڪر چئجي ٿو. جنهن جو اصل اچار (ڪوائن + ڪوز) يعني پراڻي ندي آهي. ڪور، ڪناري ۽ پاڻيءَ جي پاڻ کي به چئبو آهي. سنڌ ۾ هڪ ڦٽل نديءَ جو نالو "ڪوري" آهي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها غلام شاهه ڪلهوڙي ڪڇ جي راجا سان تڪرار سبب بند ڪرائي ڇڏي هئي ته جيئن ڪڇ ۽ ڀڄ کي آباد نه ڪري سگهي. اها سنڌ جي ڏکڻ اوڀر ۾ ۽ روپا ماڙيءَ ڪان ڏکڻ طرف ڪان به گذري ٿي. هوڏانهن ايران ۾ اڄ به هڪ نديءَ جو نالو "درياءِ ڪور" آهي، جنهن بابت پروفيسر مقبول بيگ سندس ڪتاب ۾ صفحي ١٧١ تي لکي ٿو ته، "سڪندر اعظم پرسيپولس فتح ڪرڻ ڪان اڳ درياهه ڪور تي پل ٻڌي." جيڪڏهن اها تشريح قبول ڪجي ته اگور، هنگور ۽ هنگول لفظ وارين سيني صورتن جي معنيٰ "ندي" آهي ته ان حساب سان هنگلاج جي معنيٰ (هنگول) نديءَ نسبت رکندڙ (ديوي يا جبل) ٿئي ٿي.

بروهي صاحب سندس مضمون هنگلاج ۾ لکيو آهي ته: هنگلاج ديويءَ جي اڪثر يا ترا ڪندڙ کي "اگوري" چئجي ٿو. يعني "اگور" هنگور نديءَ جو اوائلي نالو آهي ۽ هنگلاج ديوي " اِگور واري ديوي" آهي.

اگور يا گور بابت به ٿي ٻيا مثال ڏيڻ هت ضروري سمجهان ٿو: بلوچستان جي جابلو ندين جي ڪناري تي آباد اڪثر ڳوٺن ۽ سندين جي نالن ۾ ساڳيو بنيادي لفظ استعمال ٿيو آهي. خاران ضلعي ۾ وهندڙ لوپ Rokshan...... نديءَ تي پنجگور (جنهن کي مقامي ماڻهو پنج ڪور چون ٿا)، گورگي چاهه ۽ سرڪوران آهن. "ڪور" ساڳيو لفظ آهي جيڪو اڳ ذڪر هيٺ آيو. خضدار ضلعي ۾ Mashaki نديءَ تي قلعه گورجڪ آهي، جڏهن ته هنگلاج جي اتر وارن جبلن وٽ خضدار ضلعي جي حدن ۾ جتان اگور ندي گذري ٿي، ان کي "گورن گهٽي" چيو وڃي ٿو. انهن ڪانسواءِ ٿاٽي بولان

خان کان اولهہ ۾ اٽڪل ۱۴ ميلن تي داٺوءَ ڪانپوءِ چشمي جو هڪ وهڪرو آهي، اتان برساتي ندي بہ گذري ٿي. انهيءَ چشمي کي بہ اگور سڏجي ٿو. هتي "گرن" جو ميلو بہ لڳندو آهي. گرن جبل جو نالو آهي ۽ ميلو هندن جو آهي.

ڪوهستان ۽ بلوچستان جا ماڻهو لفظ "گور" غير مسلم، ڪافر يا هندو لاءِ استعمال ڪن ٿا. جنهن سان پڻ هنگلاج ديويءَ جي قدامت ظاهر ٿئي ٿي ڇاڪاڻ تہ هوءَ ڪو، گور يا اگور واري ديوي آهي جنهن کي غير مسلم پوڄين ٿا ۽ اوڏانهن ويندڙن کي "اگوري" چئجي ٿو.

اگور ندي ۽ هنگلاج ديويءَ بابت هڪ ٻيو امڪان بہ نظر انداز ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن ان کي اهميت ڏبي تہ پوءِ هنگلاج ديويءَ جوڳانڍاپو قديم ايران سان وڌيڪ محسوس ٿيندو. دي ڪنسائيز پرشين- انگلش ڊڪشنريءَ ۾ ٻن لفظن "گور" ۽ "گبر" جي معنيٰ، واضح اکرن ۾ زردشتي، ڪافر ۽ باهہ جو پوڄاري ڄاڻائي وئي آهي (صفحو ۹۱۴ ۽ ۱۰۲۸) ساڳي ڊڪشنريءَ ۾ لفظ "هنگ" جي معني "غار" لکيل آهي، واضح هجي تہ هنگلاج مندر غار نما جابلو ڪُناءَ ۾ آهي جنهن کي عام طور تي غار ئي سڏ جي ٿو. ان ڪري "هنگلاج" جي تشريح هيئن بہ ڪري سگهجي ٿي تہ "غار واري ديوي".

هنگلاج ڏانهن ويندي چندر ڪوپ ۽ اگورنديءَ جي وچ ۾ سنگل" نالي هڪ وسندي آهي، جتي هاڻي هڪ مسجد ۽ هوٽل ۽ پر پرو هڪ ڳوٺڙو آهي. سنگ معنيٰ پٿر، اهڙي طرح ان معنيٰ واري علائقي کي فارسي اچار ۾ جيڪر "سنگلاخ" چئجي. اهو بہ ممڪن آهي تہ گرامر جي ساڳي اصول هيٺ لفظ "هنگ" (غار) بدلجي هنگلا، هنگلاخ يا هنگلاج ٿيو هجي. جيڪڏهن "گور" ۽ ساڳيا ئي لفظ آهن تہ پوءِ هنگلاج ديويءَ تي زردشتي زماني جو اثر بہ ثابت بيهي ٿو.

پر لفظ "هنگ" صرف فارسيءَ جي ئي ملڪيت نہ آهي. ساڳيو لفظ شومهاديو ۽ دڪشا واري هندستاني ڪٿا ۾ بہ استعمال ٿيو آهي. جنهن موجب اُما ديوي جو مٿو "هنگولا" (غار واري ماڳ تي؟) ۾ ڪريو.

# هنگلاج جون رسمون

هنگلاج ياترا لاءِ وهنجي سهنجي صاف سٿرو ٿي گيڙو رنگ جا ڪپڙا پائڻ جڻ تہ نيت ٻڌڻ آهي. رسم موجب ٣-وال ڪپڙو لياريءَ وٽ رکيو ويندو آهي، جيڪو هنگلاج جو هر ننڍو وڏو ياتري ويڙهي ٿو. اهڙي طرح عورتون ۽ ٻار توڙي مرد سڀ هڪ رنگي لباس هجن ٿا. سفر شروع ڪرڻ کان اڳ قافلي جو "اڳوو" سڀني ياترين کي ٻڌائي ٿو تہ ڪين نظم ضبط، ميڙ محبت ۽ درگذر کان ڪم وٺڻو آهي ۽ ڪاوڙ کي ويجهو اچڻ نہ ڏيڻو آهي. ڇو تہ سڀ هنگلاج ماتا جي درشن لاءِ ۽ کيس خوش ڪرڻ لاءِ سنبريل آهن. اصل ڳالهہ اِها آهي تہ هيءُ سفر تمام اٿانگو ۽ ڏکيو آهي. سفر جي ٿڪاوٽ ۽ سختيءَ سبب ياترين ۾ بيزاري، چڙ، ضروري شين جي کوٽ ۽ ٻيون تنگيون پيدا ٿينديون آهن. جن ماڻهن قافلن ۾ ڏگها سفر ڪيا هوندا تن کي ان جو مشاهدو هوندو. اهڙن سفرن ۾ نظم ضبط، رواداري ۽ فراخدليءَ جي ڏاڍي ضرورت پوي ٿي. اِهائي ڳالهہ اڳوو ڏرمي ڀاشن جي صورت ۾ ياترين کي چوي ٿو تہ جيئن سفر ۾ سهوليت رهي.

سڄي قافلي جو اڳواڻ هڪ پرُهمڻ هجي ٿو جنهن کي "اڳوو" چون. هو هٿ ۾ ترشول کڻندو آهي ۽ سڀني کان اڳيان هلندو آهي. هو سفر جي صورتحال کي ڏسي سفر جاري رکڻ، ترسڻ ۽ پڙاءُ ڪرڻ بابت فيصلو ڪري ٿو. ڪانئس اڳتي هلڻ يا اڳتي نڪرڻ جي اجازت ڪنهن کي بہ ناهي. اڳوو جتي بہ مناسب سمجهندو هٿ ۾ موجود ڏنڊو (ترشول) زمين ۾ کوڙيندو ۽ قافلو اتي ترسي پوندو. واٽ تي ايندڙ تيرٿن تي رسمن جي پورائي ڪرائڻ بہ سندس ذميواري آهي. ياتري، اڳوي کان رقم يا جنس جي ادائيگيءَ سان رهنمائي حاصل ڪن ٿا. هن ياترا جا خاص تيرٿ ۽ ماڳ هن ريت ايندا: چندر ڪوپ، اگور يا هنگور ندي، گڻيش ۽ هنومان جا آستانا، آساپورا، ڪالي مندر ۽ هنگلاج مندر. ان ڪانسواءِ ڪالي ڪنڊ سميت ٻيا تلاءَ، انيل ڪن، چوراسي، گرونانڪ جو آستان، گورک ناٿ جي ڌوڻي ۽ جهولي جهرجون ياترائون ۽ رسمون بہ ٿيون وچن ٿيون. لسبيلي گزيٽر موجب ياتري گهٽ ۾ گهٽ ١٥-جاين تي رسمون ادا ڪن ٿا. جڏهن تہ اسان کي ٻڌايو ويو تہ

هنگلاج ياترا دوران ڪل ١٣ پڙاءُ ۽ ٢۴-تيرٿ آستان آهن، پر هاڻي هر هنڌ پڙاءُ يا پوڄا پاٺ ڪو نہ ٿئي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ باقي قائم رسمن ۾ هاڻي ٻيون رسمون بہ شامل ٿي ويون آهن.

٢۴-پوڄائن جي ترتيب هن ريت آهي: ١-گورکپُ آمبلي ٢-شري ٻاٽيا پيو. ٣-شري شاڪيا. ۴-لوٽڻ ندي، ۵-سنهہ شينهن پواني ٦-گپت هنمان ٧-سيتا منڊڙي، ٨-گروچيلي جي سماڌي. ٩-گگريا پيرو، ١٠-چندرڪوپ، ١١-اگهورندي، ١٢-گوڏڙيا پيرو، ١٣-ڪناريا پيرو، ١۴-بندرپيرو، ١۵-هنگول ماٽي، ١٦-منڊڪتا گنيش، ١٧-راڏاپُري، ١٨-آشا پُري، ١٩-ڪالڪا ڪپاٽ، ٢٠-هنگلاج، ٢١-سوريہ ۽ چندر، ٢٢-گرونانڪ چرڻ ٢٣-جهولي جهنڪڻ پيرو، ۽ ٢۴-انيل ڪن.

# چندر ڪوپ

ساموندي ڪناري کان ٻن ميلن جي فاصلي تي سنگل واري علائقي ۾ هنگور نديءَ کان اٽڪل ١۵-ميل ٻهرين ٣٠٠-فٽ کن اوچو گپ اوڳاڇيندڙ هڪ ڪوهہ آهي، جيڪو پري کان مٽيءَ جي دڙي وانگر نظر اچي ٿو. چوٽيءَ تي پهچڻ سان اتي تمام گرم گپ ٻڙڪندي ڏسي سگهبي. هيءَ ڌرتيءَ جي اوٻر آهي. جيڪا ان هنڌان هر وقت پاڻي ۽ چيڪي مٽي واري گپ جي صورت نڪرندي رهي ٿي. گپ اُٿلي اُٿلي نڪري نڪريءَ جيڏو دڙو ٿي پئي آهي. اين ايم بليموريا سنڌس مضمون ۾ ٻڙڪن جو وقفو ۽ انداز لکيو آهي. جن جي هڪ خاص ترڪيب آهي. گپ جا اٿندڙ ڦوڪٽا فٽ کن گهيري جا يا ان کان گهٽ آهن.

علي احمد بروهي صاحب لکيو آهي تہ ان Mud Volcano کي "پيڪنات" سڏجي ٿو. هڪ اهڙي شڪتي، جيڪا گپ جي ٻڙڪن سان پنهنجي مرضي جو اظهار ڪري ٿي. هن هنڌ ياتري "آس" واري ريت ادا ڪندا آهن، جنهن ۾ هر هڪ ياتري مٽي جي دڙي تي مٿي پهچي اڳوي جي هدايت موجب هنگلاج جي ياترا ۽ خير خوبيءَ سان واپسيءَ جي دعا گهرندا آهن ۽ اوڏيءَ مهل هڪ هڪ ناريل ٻڙڪندڙ گپ ۾ اڇلائيندا آهن. جيڪڏهن ناريل جي ڪرڻ جو آواز ٻڙڪن سان ملي ويو تہ آس جي قبوليت سمجهي ويندي آهي. چندر ڪوپ، سري رامچندر سان منسوب آهي.

چندر ڪوپ واري ماگ بابت برهمڻ اگهوو ٻڌا ترين ڪي ٻڌائيندو آهي تہ هتي شري رام، پنهنجي ڀاءُ لڪشمڻ ۽ ٻين سان گڏجي ترسيو هو ۽ ترسڻ ڪانپوءِ اڳتي ديويءَ طرف ويو هو. ان ڪٿا موجب سري رام برهمڻ هتيا (برهمڻ جو قتل) وارو پاپ ڌوئڻ لاءِ هنگلاج ويو هو. رام، لنڪا ۾ راوڻ کي قتل ڪيو هو، جيڪو ذات جو برهمڻ سمجهيو وڃي ٿو. (راوڻ جو برهمڻ هجڻ تڪراري خيال آهي، ڪجھ محقق راوڻ کي دراوڙي يا قديم هندوستاني نسل جو سمجهن ٿا ڇاڪاڻ تہ هو راڪشسن (دراوڙن) جو بادشاھ ۽ ڏکڻ هند جو طاقتور حاڪم هو) ياتري هتي رسم جي ادائگيءَ مهل، اڳ ۽ پوءِ "بول راما چندرا جي- جئہ"، "چندر راجا جي- جئہ" "بول هنگلاج ماتا جي- جئہ" جا نعرابار بار هڻندا آهن. ڀڪنات واري شڪتيءَ کي سڏڻ کان اڳ اگهوو باھ ذڪائي ان ويجهو ڳاڙهو مٽوڙي رنگ جو پاشوبر برڪي ۽ ٻکيڙي ٿو ۽ پوءِ چندر ڪوپ جي روح يا شڪتيءَ کي سڏي ٿو ۽ اندر روٽ اڇلائي ٿو. جڏهن هر هڪ ياتريءَ جو ناريل واري وٽيءَ سان اڇلايو وڃي ٿو تہ ان مهل چندر ڪوپ وارن ٻرڪن کي پنهنجي سڏ جي وراڻي سمجهيو وڃي ٿو ۽ انهن مان معنيٰ ڪڍي وڃي ٿي.

چندر ڪوپ وٽان واندا ٿي ڪي ياتري کاري نديءَ (سمنڊ) جي پوڄا بہ ڪن. پر ڪجھ ياتري چندر ڪوپ کان اڳ ئي کاري پوڄا ڪن. بهرحال اهو اگهووي جي مرضي تي آهي. ڪاڪو ڀيرومل مهر چندر آڏ واشي "لطيفي سير" ۾ چندر ڪوپ بابت لکي ٿو تہ، اهي قدرتي ڪوھ تعداد ۾ -١٨ آهن، جن مان ست هتي آهن ۽ باقي-١١ مڪران طرف ڪيچ ۽ گوادر جي وچ ۾ آهن. عام ماڻهو انهن کي "راجا چندر جا ڪوپ" سڏين ٿا، ۽ ڪوپ معنيٰ ڪوھ. انهن مان ڪن چندر ڪوپن جي اوچائي چوماڙ عمارتن جيتري آهي.

هن مڪيہ چندر ڪوپ جي پر ۾ ئي هڪ ٻيو ننڍڙو "چندر ڪوپ" آهي. منير شاھ پنهنجي مضمون "هنن لڏو هنگلاج ۾" ۾ لکي ٿو تہ وڏي چندر ڪوپ کي "اسين جيئرو آتش فشان چئي سگهون ٿا. ان چلهي جي ڪارسري گاري جهڙي مٽي... انهيءَ چندر ڪوپ جي پاسي ۾ ئي ان جهڙو ٻيو ننڍڙو ڍڙو بہ آهي. پر اهو اجهائل آتش فشان آهي. سندس چوٽيءَ ۾ يڪو هيٺ تائين خال ڏسڻ ۾ آيو. چندر ڪوپ ننڍو هئڻ جي باوجود ڏاڍي ڏکي چڙهائي وارو ترڪڻو ڍڙو آهي...."

# اڳور نديءَ تي

هتي (اڳور نديءَ تي) ياترا لاءِ آيل بيواهه عورتون پنهنجا مٿا ڪوڙائين ٿيون. انهن سان گڏ مرد ۽ ڇوڪرا به مٿا ڪوڙائين ٿا. هن رسم کي "پدر" سڏجي ٿو. شادي شده عورتون ان رسم کان آجيون آهن. جڏهن ته مرد يا ٽري ڏاڙهيون مڇون به ڪوڙائين ٿا. شايد اصل رواج ۾ مرد چوٽي ڇڏي باقي سڄو مٿو ڪوڙائيندا آهن. بليموريا به ساڳي ڳالهه ڪئي آهي. هتي ٿي جٿين يا سڳا ٻڌڻ جي رسم ٿيندي آهي. جٿيو، هندو ڌرم جي ١٧-سنسڪارن مان هڪ آهي. تشريح موجب جٿي جي ٽن ڌاڳن ۾ ايشور سمايل آهي، ان ڪري براهمڻ هٿان جٿيا پارائي هر ٻار کي علم پرائڻ وهاريو وڃي ٿو. هيءَ رسم، اصل ۾ ٻار کي هندو ڌرم ۾ باقاعدي شامل ڪرڻ آهي. ان ڪانپوءِ ياتري ورت رکي آسا پورا لاءِ روانا ٿين ٿا. هتان، سامان ٽرڪن تان لاهي اٺن تي رکيو ويندو آهي ۽ آساپورا تي لاهبو آهي. هيءَ فاصلو ٨-ميل ڪن آهي. آسا پورا کان اڳتي اٺ وڃي نه سگهندا آهن. ڇاڪاڻ ته اٺ جهڙو وڏو جانور هن ڏکئي ۽ ترڪڻي هنڌ ٿو هلي سگهي. پر روايت موجب اٺ اتان اڳتي ان ڪري نه وڃي سگهندا آهن، جو ان پوتر ماڳ تي اٺن جا پير سڄي پوندا آهن.

# آسا پورا

آساپورا پهچڻ کان اڳ هڪ ڇپ جي اوٽ ۾ اجڪلهه هنومان جي مورتي رکي آهي. هتي ٿي گڻيش جو آستانو به آهي. هنومان جو مجسمو هن علائقي ۾ اوپرو آهي ۽ هن جي ديويءَ سان ڪابه نسبت ناهي، جڏهن ته گڻيش، شِو ۽ پاربتيءَ جو پٽ آهي ۽ سندس هتي هئڻ ڪٿائن سان تضاد ۾ ٿو اچي. آساپورا جي معنيٰ آهي، جتي خواهش پوري ٿئي. آسا پورا پهچڻ جي معنيٰ آهي هنگلاج پهچڻ.

بليموريا، آساپورا پهچڻ کان اڳ جبلن ۾ هڪ هنڌ سوزب بيگم Soozub Begum ۽ ممگا ديوي Mumga Devi نالي سڏجندڙ هڪ پٿر جي آڏو "سُئين ۽ ڌاڳن جي پيٺا ڏيڻ" واري رسم جو به ذڪر ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته نديءَ ۾ ٿورو اڳتي ننڍڙيون پٿريون ليجن ٿيون جن تي اچو دائرو هوندو آهي ۽ ياتري اِهو سمجهي

انهن کي چوندينداآهن تہ اهي ديوتا سدا شوا سان واسطو رکندڙ آهن. تخليق جي عمل سان منسوب اهي ٻئي رسمون هندن ۽ مسلمانن ۾ گڏ ڏسجن ٿيون. سدا شوا نالي هنگلاج مندر ۾ موجود پٿر جو ذکر کندي بروهي صاحب لکيو آهي تہ ،اهو لفظ Term شو ، درياه شاه ، خواجہ خضر ۽ زنده پير سيني سان لاڳو کيو وڃي ٿو. هوڏانهن لاهوت ۾ آدم جي مچ وٽ "حلالي حرامي" نالي واري دريءَ کي پڻ "سٺي ناکو" سڏيو وڃي ٿو.

آسا پورا وٽ ورٽ چوڙيو وڃي ٿو جيکو اگور کان هلڻ وقت رکيو ويو.

## کالي مندر

آسا پورا کان فرلانگ کن تي جابلو ڪنڌ يا ڪاڌ ۾ هيءُ مندر آهي. جنهن ۾ ڪاليءَ جي هڪ پٿرن مورتي رکيل آهي. عام طور تي ههڙن اڌ گول جهڙن ڪناون کي غار سڏيو وڃي ٿو ، پر اهي غار نہ آهن ۽ بلڪل کليل آهن. پاڻيءَ جي وهڪرن ۽ هوائن جي گهمرن سبب جبل جا اِهي هيٺيان حصا ڪاڌل آهن. هن هنڌ ڪناءَ جي پٽين ۾

KALI

ٽي چار گهپ آهن ، جن مان ٻن تي جميل رت جا ڏٻا ۽ چاپوڙا هر وقت ڏسي سگهبا.

هنگلاج وارو چشمو جيڪو هنگلاج جبل جي ان حصي وٽان شروع ٿئي ٿو جهن کي انيل کن چئجي ٿو، مختلف هنڌن تان وهندو، ننڍا وڏا حوض ٺاهيندو، هن (ڪالي) مندر وٽان لنگهي، آساپورا کان ڪجهه پنڌ اڳ، زمين ۾ غائب ٿي وڃي ٿو. آساپورا کان ڪالي مندر ۽ هنگلاج مندر ويندي محسوس ڪبو ته هنگلاج ماتريءَ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ مختلف جاين تان بار بار چشمو ٽپي وڌڻو پوي ٿو. جنهن ۾ مختلف هنڌن تي ننڍا ننڍا حوض ۽ تلاءَ آهن. اهڙائي حوض ڪالي مندر ۽ هنگلاج مندر وٽ به آهن. سڄي وادي ڪريل ڀٽرن ۽ پاڻي سان گهڙيل وڏين ڇپن، ڏڳهن وٽن، ڪکين ۽ گهاٽن جهنگلي ٻوٽن سان ڀريل آهن. پاڻي ۽ ٻوٽن جي گهڻائيءَ سبب هتي جهنگلي جانورن جي موجودگي قدرتي ڳالهه آهي، جن ۾ چيتي ۽ بگهڙ جون شاهديون عام آهن.

ڪالي مندر ۾ رت جي ڏيهن جا نشان جانورن جي قرباني جا اهڃاڻ آهن، جيڪا ياتري هت ادا ڪن ٿا. قرباني لاءِ بي عيب ٻڪرو مقامي مسمان بلوچن کان خريد ڪري ڪاٺن ڪهايو ويندو آهي ۽ رت هڪ ڪٽوريءَ يا ناريل جي کوپي ۾ ڪٺي ذڪر ڪيل گهب ۾ هاريو ويندو آهي. ان گهب کي ڪاليءَ جو نشان سمجهيو وڃي ٿو. جنهن محل ٻڪر کي قربانيءَ لاءِ هت آندو وڃي ٿو ته اڳ ٿيل قرباني جي رت مان پيدا ٿيل بوءِ سبب ٻڪر اڳتي وڌڻ کان ٽهندا آهن، پر سندن ٽهڻ کي سٺي علامت سمجهيو ويندو آهي. هن نڪتن بابت روايت آهي ته ان تي مها شڪتيون اچي ٽڪرائجنديون آهن.

بروهي صاحب قربانيءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته، ڪي ياتري رت جو ڊڪ پرين ٿا ۽ پنهنجي پيشاني ۽ ڪپڙن تي به مکين ٿا. قربان ٿيل جانور جو گوشت مسلمان کڻي ويندا آهن. هتي ناريل به چاڙهيا آهن ۽ وهنڊڙ چشمي مان وهنجي اڳتي وڌبو آهي.

هن رسم جي مخالفت ڪندي برهمڻ ان کي غلط قرار ڏين ٿا. سندن چوڻ آهي ته هتي اها رسم ٻاهرين ماڻهن شروع ڪئي آهي. هن مندر تي ڪاليءَ جو ميلو به لڳندو آهي. قرباني واري هن رسم جي موقعي تي "نانا ديويءَ جي پٽ انيس جي جيئڻ ۽ مرڻ وازي ڏينهن تي لڳندڙ ميلي ۾ ڏڳي جي قربانيءَ جو ذڪر بيجاءِ نه ٿيندو. ان قربانيءَ محل پوڄاري نهايت سچائيءَ سان قربانيءَ واري ڏڳي جو رت پنهنجي سڄي جسم ۽ ڪپڙن تي اهڙي نموني وجهي ٿو، جو

مٿي ڪان پيرن تائين وهنجي وڃي ٿو. اهڙي طرح رت سان گناهه ڌوپجي وڃن ٿا.

تاج صحرائي، جنهن کي دادو ضلعي ياڪير ٿر جبل جي قديم آثارن بابت جيتري ڄاڻ هئي انسائيڪلو پيڊيا چئي سگهجي ٿو، پنهنجي تحقيقي مضمون "خون جي قرباني" ۾ لکي ٿو ته، "مونکي گهڻو ڪري هر چشمي جي ڀرپاسي ۾ ڪيترن ورهين جا سڙيل ۽ ڳري ويل هڏا ڏسڻ ۾ آيا آهن...... مونکي ٻڌايو ويو ته جڏهن به چشمي مان گهٽ پاڻي نڪري واهيءَ ۾ گهٽ مقدار ۽ رفتار سان وهندو آهي، تڏهن راڄ طرفان هڪ بي داغ ۽ بي عيب ڇيلي يا ڳابي کي زبح ڪري ان جو گرم ڳرم رت ڪنهن ڪٿوري ۾ وجهي، چشمي جي پاڻيءَ ۾ ملايو ويندو آهي. هڪ نوجوان غسل ۽ وضو ڪري اهو ڪٿورو کڻي چشمي ۾ لهندو آهي ۽ رت ڀريل ڪٿوري کي ست ڀيرا سبتا ۽ ابتا ڦيرا ڏيئي، ڪٿوري جو رت آهستي آهستي پاڻيءَ سان ملائيندو ويندو جيستائين وٽو خالي نه ٿئي." تاج صحرائي عام ماڻهن جي روايت بيان ڪري ٿو ته ان رسم جي ادا ڪرڻ کانپوءِ چشمي جي پاڻيءَ ۾ اڀار به ايندو آهي ۽ پاڻيءَ جو مقدار به وڌي ويندو آهي. (سنڌو تهذيب، صفحو ۹۳) هن صاحب ان رسم بابت اَي سي براڻون جي ڪتاب ("سماج جي ارتقا" صفحو ۱٦) تان حوالو نقل ڪيو آهي، جنهن ۾ براڻون لکي ٿو ته: "اوائلي ماڻهن سان لاڳاپيل اها قربانيءَ واري رسم زرخيزي (Fertility) وارن عقيدن سان جڙيل آهي. ۽ ان اوائلي ماڻهوءَ جي خيال ۾ رت کي وڏي اهميت آهي ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪو ماڻهو زخمي ٿئي ٿو ته هن ۾ ڪمزوري پيدا ٿئي ٿي. ايستائين جو هن جي زندگيءَ کي خطرو ٿي پئي ٿو.

هوڏانهن ايڇ جي ويلس سندس ڪتاب "آئوٽ لائين آف هسٽري" ۾ لکي ٿو ته، "۱۰ هزار سال اڳ واري دنيا ۾ جڏهن به ٻج پوکڻ جو وقت آيو ٿي تڏهن انسان جي قرباني ڏني ٿي وئي. اها قرباني نوجوان ۽ اتم ذات واري ماڻهوءَ جي ڏني ٿي وئي." هو صاحب اهو به لکي ٿو ته جتي به انسان ابتدائي زرعي دور ۾ داخل ٿيو آهي انساني زندگيءَ جي قربانيءَ بابت رسمن جا اهڃاڻ ملن ٿا.
(صفحو ۱۰۵)

# هنگلاج مندر

هيءُ مندر بہ ڪالي مندر وانگر هڪ ڪناؤ ۾ آهي. پر هيءُ ڪجهہ وڏڙو ۽ بهتر آهي. ان ڪناءَ جي هڪ اوچي ڪنڊ ۾ اهو اهڃاڻ يا مجسمو آهي جنهن کي هنگلاج ماتا چئجي ٿو. هيءُ پٿر بيهڪ جي لحاظ کان ليٽيل ۽ ٽن چئن گوڙهن جي صورت ۾ آهي. هن وقت پٿر جي جيڪا صورت آهي، ان کي ڪابہ اک انساني شبيهہ قبول ڪري نہ ٿي سگهي. پر جيڪڏهن هروڀرو بہ ان پٿر مان تفصيل ڪڍڻ جي ڪوشش ڪجي تہ ائين ڪري سگهجي ٿو. اهو ممڪن آهي تہ اڳوڻن وقتن ۾ ڪنهن سنگتراش ان پٿر کي ڪا باقاعدي شڪل ڏني هجي، جيڪا پوءِ پٿر جي وارياسي هئڻ، موسمي اثرن ۽ ياترين جي سيوا سبب ڊهي وئي هجي. بهرحال، هن وقت ان کي باقاعدي مسجمو چئي نٿو سگهجي.

هن وقت مندر جي ظاهري حالت ۾ ڪابہ خاص ڳالهہ نہ آهي. ڏيڍ ٻہ سؤ فٽ جابلو ڪناؤ ۾ هڪ طرف کان ڏاڪڻيون ٺاهيل آهن جن تان هنگلاج ديوي جي مسجمي ڏانهن وڃجي ٿو. مجسمي کي هشرادو چبوترو ٺاهي ڏنو ويو آهي ۽ ٻن طرفن کان ديوارون ڪڍي مندرجي چوڌيواري مڪمل ڪئي وئي آهي. ان چؤ ديواري اندر ٻہ ڪمرا بہ ٺاهيا ويا آهن. مندر جون ڏاڪڻيون چڙهڻ مهل دروازي تي گھمنڊ نظر ايندو، جنهن کي وڃائجي ٿو. اندر داخل ٿيڻ سان آڏو چبوترو نظر ايندو جنهن تي هنگلاج ديويءَ جو اهڃاڻي مجسمو



آهي. مجسمي جي چوڌاري پلنگ وانگر ڪٺهڙي آڏو دونهين (اگني ڪنڊ) آهي. هڪ طرف ست اٺ لنگر رکيل آهن ۽ چبوتري کان هيٺ هڪ ڪنڊ ۾ زمين ۾ هڪ فوٽ ڪن اڀو لنگر آهي. جنهن کي "

سداشوا" سڏجي ٿو. جنهن پٿر تي هنگلاج ديويءَ جو مجسمو آهي ان جو هڪ چيڙو جبل جي پٽ سان اهڙي طرح ڳنڍيل آهي جو هڪ سرنگهه جهڙو ننڍڙو لنگهه ٺهي پيو آهي جنهن مان ٻانبڙا پائي لنگهي سگهبو. هن وقت هٿرادو اڏاوت سان ان سرنگهه کي چبوتري هيٺيان ڍڪهو ڪيو ويو آهي.



هيءَ سرنگهه اٽڪل ٣٠-فٽ اڌ گولائيءَ ۾ آهي، جنهن جي اوچائي فقط ٣-فٽ آهي. هتي طواف کي "ماتا جو شرڻ" چئجي ٿو. "شرڻ" لاءِ ضروري آهي ته اڳ ۾ شنان ڪجي ۽ ٻه ٽيون ٽلاءَ ۾ هٿي. شرڻ لاءِ هڪ هڪ ٿي يا ڪنهن ٻئي ياتريءَ کي "ياءُ" ٺاهي وڃي سگهجي ٿو. هر ياتري کي شرڻا لاءِ ٣٣-رپيا في ماڻهو (١٩٩٠ع ۾) نذراني طور اڳوي کي ڏيڻا پون ٿا. غار ۾ گهڙڻ لاءِ جيڪي ٻه رسمون ڪيون وڃن ٿيون، انهن کي گڏي "ماتا هنگلاج اشنان ود .ويسا کي اشنان" چئي ٿو. غار کي "ماتا جو گرڀ" چئجي ٿو. گرڀ مان نڪرڻ ڪانپوءِ وات مٺو ڪبو. يا ماکي چٽبي. ڪي ماڻهو غار مان نڪرڻ مهل ٻار وانگر آڏن اوڻان به ڪن ته چڙيون به هڻن. غار ۾ داخل ٿي نڪرڻ ۾ ٣ - منٽ لڳن ٿا.

"ماتا جي گرڀ" مان نڪري نئون سئون يا معصوم ٻالڪ نڪرڻ" نئين جنم واري فلسفي Theory of Re-incarnation جو حصو به لڳي ٿو، جنهن موجب، ماڻهو پنهنجي عملن موجب نئين جنم ۾ ڪنهن نئين روپ ۾ جنم وٺندو. هڪ روايت موجب رشي ڌڌيچ جي پنجن کتري شاگردن جيڪي ٻاڻ ۾ ٻائر هئا، کي شري پرشرام جي سراپ (پٽ) کان ڇوٽڪاري لاءِ نئون جنم وٺڻ

ضروري ٿي پيو، جنهن ڪري هنن هنگلاج ماتا جي اِن گرڀ ۾ داخل ٿي "نئون جنم" ورتو. (اهي پنجئي پاڻ سنڌ جي راجا رتن سين جا پنجن رائين مان پٽ هئا، جن جي راڄڌاني "ڪبس" هئي. وڏي پاءُ جئسين راڄ پاٽ سنڀاليو ۽ مارواڙ جي راجا وجيسين پنهنجين پنجن ڌيئرن جو وهانءُ هنن پنجن شهزادن سان ڪيو. هنن جو اولاد برهم - ڪتري سڏيو ويندو آهي. ديوي ماتا جي گرڀ مان نڪرڻ ڪانپوءِ ديويءَ ڪين هٿيارن جي استعمال جو منتر ۽ هٿيار ڏنا ۽ ڪين ڪلا، رنگائي، ڇپائي ۽ هنر سان گڏ هڪ منتر به ڏنو) هتي ديويءَ کي راضي ڪرڻ لاءِ جيڪو منتر پڙهيو ويجي ٿو، سو هن ريت آهي:

هِنگُلي پَرَمَ هِنگُلي آمبرت رويڻي ۱

تن شُڪتِ مَنَ، شري هِنگلايہ نَمہَ سواها ۱۱

(حوالو شري هنگلاج درشن)

بهرحال، ماتا جي گرڀ مان چڪر لڳائڻ سان هتي گناهه ڌوپجن ٿا. گناهه ڌوپجن ٿا. گناهه ڌوئارڻ جي گنجائش ۽ طريقو دنيا جي هر عقيدن ۾ موجود آهي. گناهه ڌوپجڻ جو عمل عيسائين ۾ پادريءَ آڏو ڪيل ڏوهن جي اعترف ڪرڻ سان ۽ مسلمانن ۾ حج بيت الله جي قبوليت جي شرط سان گناهه ڌوپجن ٿا. لاهوت لامڪان ۾ هڪ اندرين غار جو نالو ماءُ جو پيٽ، آهي، جتان ٿي ايندڙ معصوم پاڪ ٿي نڪري ٿو. طواف / چڪر پائڻ جو سلسلو سنڌ ۾ به اڪثر پيرن / ولين جي درگاهن تي نظر اچي ٿو.

ڪعبت الله شريف جو طوافان جو سڀ کان سهڻو مثال آهي. يهودين به جڏهن حضرت موسيٰ جي خدا کان منڪر ٿي، سوني گابي جو بت ٺاهيو هو تہ ان جي چوگرد ڦيرا پائڻ رواج ۾ آندو. چوگرد ڦيرا پائڻ جو رواج مٺيءَ ۾ راڌا ڪرشن مندر ۽ ڪارونجهر واري جين مت جي قديم مندر ۾ بہ نظر آيو.

غار کان ٻاهر چشمي جي تلاءَ کي تمام گهرو ۽ نہ ماپي سگهڻ جهڙو سمجهيو ويجي ٿو، جڏهن تہ حقيقت اها نہ آهي. هتي ناريل چاڙهيا وڃن ٿا ۽ ڪالي مندر آڏو تلاءَ وانگر هتي بہ ناريل جا کوپا ۽ ڏيئا ٽڙيل پکڙيل نظر ايندا.

رامچند کتري پنهنجي سڏي مشاهدي هيٺ لکي ٿو تہ، آساپورا ۾ ترسڻ ڪانپوءِ صبح سان سڀ اچي ديويءَ جي مندر وٽ پهتا. اڳوو، هنگلاج ديويءَ جي مندر ۾ ويو ۽ ياتري ٻاهر رهيا. ٻئي

ڏينهن صبح جو سڀ ياتري اٿيا ۽ گيڙو ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪيا ۽ سنان پاڻي ڪري ۵ -والن جي ڪوري ڪپڙي ۾ پاڻ کي ويڙهي انهيءَ ڪپڙي سان سنان ڪري سڀ ٻه ٻه ڄڻا ٿي درشن ڪرڻ واسطي مندر ۾ داخل ٿيندا رهيا. اِها رسم قديم زماني کان هلندي اچي. جڏهن مندر مان ٻاهر نڪرندا آهن ته اهو ڪپڙو لاهي ڦٽو ڪندا آهن ۽ آس پاس جا غريب ماڻهو کڻي ويندا آهن. ڪورو ڪپڙو پائي هنگلاج مندر ۾ ديويءَ جي چوڌاري ڦيرو ڪرڻ، مسلمانن جي احرام ٻڌڻ ۽ طواف ڪرڻ سان ملندڙ رسم آهي.

هنگلاج جون رسمون حيرت جي حد تائين اسلامي حج جي رسمن سان ميل کائين ٿيون. هنگلاج ڪرڻ لاءِ باقائدي نيت ٻڌي ويندي آهي، جيئن مسلمان حج لاءِ نيت ٻڌندا آهن. هنگلاج جا پانڌي هنگلاج جي رسمن دوران مٿو ڪوڙائي ڇڏيندا آهن، حاجي به طواف بعد مٿو ڪوڙائين ٿا. حاجي حج لاءِ احرام ٻڌن ٿا، جيڪو هنگلاج ۾ ديويءَ جي چوڌاري ڦيرو ڪرڻ (طواف) لاءِ به بنيادي شرط آهي. هنگلاج ۾ ڪالي مندر وٽ ٻڪر جي قرباني هڪ وڏيڪ هڪجهڙائي آهي. ياتري هنگلاج ڪرڻ دوران ۽ پوءِ تيرٿن جي ياترا به ڪندا آهن. ساڳي طرح حاجي پڻ مقدس ماڳن جي زيارت ڪن ٿا. پچاڙيءَ ۾ نديءَ جو پاڻي مقدس پاڻي بوتلن ۾ ڀري ياتري پنهنجي گهرن ڏانهن موٽن ٿا، جيئن حاجي آب زم زم کڻي گهر موٽندا آهن. هوائي رستن جي سهوليت کان اڳ مسمان به ائين ئي قافلن جي صورت ۾ ڪعبت الله شريف ڏانهن حج لاءِ روانا ٿيندا هئا.

ديوي تي کير هارڻ جي رسم پٺائيءَ جي حوالي سان ٻڌڻ ۾ آئي آهي. هوڏانهن ڪاڪو ڀيرومل پنهنجي مشاهدي موجب لکي ٿو ته، "ديويءَ تي هنگلو (سنڌر) لڳل هو، ۽ هنگلاج جا جاتي توڙي فقير ديويءَ مٿان کير پيا اوتيندا آهن ۽ اهو سڪڻ نه ڏيندا آهن. چون ٿا ته ان ۾ سنڌن چڱائي آهي."

هنگلاج مندر ۾ ريمن جي شروعات ڪيئن ٿي ٿئي؟ ان بابت (سنڌ ايڪسپلوريشن اينڊ ايڊونچر سوسائٽيءَ) جو هڪ ميمبر منير شاهه جنهن اپريل ۱۹۹۰ ۾ ميلي دوران شرڪت ڪئي، لکي ٿو ته، "مندر تي پهچڻ سان مختلف پوڄاپاٺ شروع ٿي. "منڊپ" جوڙيو ويو. جنهن ۾ تقريبن ۳X۳ فٽ زمين هموار ڪري ان تي مختلف شڪليون ناهي، جانورن سان ليڪا ڪڍي نڏيريون نڏيريون

هاريون لاٿاهي انهن ۾ مختلف شيون رکيون ويون. جهڙوڪ: ڪافور، ڪيسر، سنڌور، چانور، ڳڙ، ڪجور، ميوات، چتريءَ، چوڙيون، بنديا، ناريل، خوشبوء، اگربتيون، ٽوپ ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون شيون. سامهون لوهه جو ترشول کوڙيو ويو ۽ پڙ ۾ ننڍڙو اگيڙو جهنبڙو. پاسي ۾ "هون" ٻاريو ويو. اٿين پوڄا پاٺ ۽ ڀڄن هلندا رهيا. آخر ۾ آرتيءَ سان پڄاڻي ڪري، جهول جهليو ويو. ٻيئي جهوليون جهليون ۽ مهراج پرارٿنا ڪئي. اسرويل ٻئي ياترين اٿيا، هيو مندر جي سامهون واري تلاءَ ۾ سنسان ڪري ماتا جي گرڀ مان گذرڻ لاءِ تيار ٿيا...." (هنن لڏو هنگلاج ۾ منير شاهه - هلال پاڪستان ١٧ ۽ ٢٣ مئي ١٩٩٠)

هنگلاج ديويءَ آڏو "منڊپ" جوڙڻ ۾ جيڪي شيون استعمال ٿيون، انهن بابت ڇيو وڃي ٿو ته اهو ديويءَ کي ريجهائڻ جو جتن آهي. پڄنن جو جواز به ساڳيو آهي. جيڪڏهن منڊپ ۾ استعمال ٿيل شين تي اجا به غور ڪجي ته اهي سڀ ان، ميوات ۽ خوشبوءَ تي ٻڌل آهن ۽ انهن سان ڪنهن به ديويءَ کي نه، پر "ڌرتي ماتا" يا "زرخيزيءَ جي ديويءَ" کي ريجهائڻ جو جتن محسوس ٿئي ٿو، جيڪا هنگلاج ديويءَ جي اصل حقيقت آهي.

هنگلاج مندر ڪان اڳتي ڏهن ڏهن منٽن جي پنڌ تي چار پنج تلاءَ آهن، جيڪي وهندڙ چشمي ۾ هنڌ هنڌ ٺهي بيٺا آهن. انهن جا نالا تر (تل) ڪنڊ، برهم ڪنڊ، کير ڪنڊ ۽ ڪالي ڪنڊ وغيره آهن. اهي تلاءَ مختلف ماپن ۽ شڪلين جا آهن. هر هڪ تلاءَ (ڪن يا ڪنڊ) سان مختلف روايتون منسوب آهن. مثال طور ڪالي ديوي، ڪالي ڪن وٽ ئي ۽ اتي رهائش اختيار ڪئي. هڪ روايت موجب انهن تلائن مان هڪ هزار سال اڳ ڪيڙ وهندو هو، جيڪو پوءِ ڌرتيءَ تي ظلمن سبب بند ٿي ويو. مسلمانن جي هڪ روايت موجب بهشت مان تڙجڻ ڪانپوءِ ڏاڏي حوا هتي لٿي هئي جيڪا پوءِ "هنگلاج" جي نالي سان سڏي وئي.

# انيل ڪن

انيل ڪن هنگلاج مندر آڏو "چوراسي جبل" تي آهي. انيل، هوا ديوتا جو ٻيو نالو آهي، جڏهن ته ڪن جي معنيٰ آهي، تلاءُ. ان ريت انيل ڪن جي معنيٰ ٿي "هوا ديوتا جو تلاءُ." هن ماڳ تي انهيءَ

نالي پوڻ جو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ سبب ڪونهي تہ پاڻيءَ جو اهو تلاءُ جبل تي مٿانهينءَ تي آهي. ٻيا سڀ تلاءَ هيٺانهن هنڌن تي، مختلف اوچاين تي آهن. هن ڪن ڏانهن وڃڻ جو رستو آساپورا وٽان آهي. ميل ڪن چڙهائيءَ کانپوءِ لهڻو پوي ٿو، جتي ميدان آهي. ٿورو اڳتي گرونانڪ ڏانهن منسوب چاڪڙيون يا پيرن جا نشان آهن. جن جي ڏيگهہ ويڪر عام پير جيتري آهي. اڳوو، هتي اڌ ڪلاڪ ڪن ترسي ٿو ۽ ياتري ڀڄن پڙهن ٿا. هتان اڌ فرلانگ تي گورک ناٿ جي ڌوڻي آهي. هتي بہ ياتري ترسن ٿا ۽ پٿرن جا ننڍڙا ننڍڙا گهر ٺاهين ٿا. عقيدي موجب جيڪو هتي گهرڙو ٺاهيندو، هن کي سرڳ ۾ محل ملندو. اڳتي ٽي وڏا ڪوهہ (تلاءَ) آهن جن کي انيل ڪن چئجي ٿو. تلاءَ جي گولائي ١٢-فٽ ڪن آهي ۽ انهن مان پاڻي ٻُڙ ڪي نڪري ٿو. ساڳيو پاڻي چئن ميلن جي ظاهر توڙي زمين دوز وهڪري کانپوءِ هنگلاج ديويءَ جي مندر وٽان لنگهي ٿو. ياتري هن تلاءُ جو پاڻي پيئندا بہ آهن تہ بوتلن ۾ ڀري گهر بہ کڻي ويندا آهن. هن ڪوهہ تي ياتري هٿ منهن ڌوئي پاڪائي ڪندا آهن،




جيڪي ٽري چاٺن سي هڪ ڇپ مٿان بيهي ان ۾ ٽپو ڏيندا آهن ۽ وڻنگ جهڙي هڪ لنگهہ مان ٻئي پاسي پهچندا آهن. ائين ڪرڻ سان سمجهيو ويندو آهي تہ انِ مٿان گناهہ ڌوپجي وڃن ٿا ۽ ماڻهو پاڪ پوتر ٿئي ٿو. هڪ عقيدي موجب انيل ڪن ۾ سنسان ڪرڻ سان انسان چوراسي لک جنمن جي چڪر کان مڪتي حاصل ڪري ٿو. شايد ان ڪري ئي هن جبل جو نالو "چوراسي" آهي. لسبيلہ گزيٽر موجب: هن هنڌ بہ پاڻيءَ ۾ زور سان ناريل اڇلائين ٿا. جيڪڏهن

پاڻيءَ جا ٻڙڪا چڱي مقدار ۾ اپريا تہ اهو فرد سمجهندو تہ سندس گناهہ معاف ڪيا ويا. (تازين رسمن ۾ ناريل اڇلڻ جو مشاهدو نہ ٿيو)






انيل ڪن جا تنصيل
کهرائي- 15 -فٽ
لنگهہ- 6 -فٽ

انيل ڪن ڏانهن ويندي گورک ناٿ جي ڏوٿي اچي ٿي. گورک سان منسوب جبل سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي آهن، خاص ڪري جوهيءَ لڳ هڪ جبل پنهنجي تذڪار ۽ اوچائيءَ سبب گهڻو مشهور آهي. هيو جبل لاهوت لا مڪان وٽ آهي. شري گورک جو هڪ جدا پنٿ آهي ۽ هن ان پنٿ جو بنياد وڌو هو. سندس مول متو هو تہ دنيا ۾ ڪو بہ اوچ نيچ ناهي، سڀ برابر آهن. هن بنيادي طور تي ڪشترين ۽ راجائن کي برابر ڪرڻ ٿي چاهيو ،ڇاڪاڻ تہ ان وقت حڪومتون برهمڻن جي هٿن ۾ هيون. شري گورک ناٿ وڏي هشمت وارو ماڻهو هو. هو پنهنجي پنٿ سان گڏو گڏ هنگلاج ديوي جو بہ وڏو پرچارڪ هو. (ياد رهي تہ هنگلاج ديويءَ سان لاڳاپيل هڪ قصي ۾ رشي دڌيچ جي ڪشتري شاگردن جو سماجي طبقو بہ بدلائي براهمڻ - ڪتري ڪيو ويو هو) هنگلاج ديوي برهمڻ ڪشتري ذات جي

ڪل ديوي آهي. جنهن جو مول منتر هيءَ آهي: "او هنگلي پرَم هنگلي امر تروپٽي - تنشڪت مَن شوي شري هنگلايہ نمہ سواها."

گورک ناٿ پاڻ، راجا گوپيچند ۽ راجا هري پرٿري سڀئي هڪ گروءَ شري مڇندر ناٿ جا چيلا هئا، پر گورکناٿ جاڻ ۾ استاد کان اڳتي نڪري ويو. هن پنهنجو وڏو مرڪز سيوستان کي ٺاهيو ۽ ٻيا مرڪز شاهہ لاهوت، ڪراچي ۽ ماري پور جي وچ ۾ اڄوڪي گورک مڙهي يا آمري تلاءُ ۽ هنگلاج وٽ ٺاهيا. هنگلاج وارو انيل ڪوهہ، گورک ناٿ سان منسوب ڪيو ويچي ٿو. (راجا پرٿري اڄين نگري (جهونا ڳڙهہ) جي راجا گندرو سين جو ٽيون نمبر پٽ هو. تنهي پڻ هڪ ٻئي پويان اڄين جي گادي سنڀالي پر هڪ ٻئي پويان سنياس ورتائون: ڪتابڙو راجا پرٿري، سندر شيوا منڊل)

گورکناٿ جي ڏوٺي جي پر ۾ ٺي پٿرن جو هڪ قدرتي سوراخ آهي، جنهن کي "حرامي حلاليءَ جي دريءَ" سڏين ٿا. جنهن مان عام ماڻهو ڏکيو سگهيو لنگهي ٿو. اهڙو ئي هڪ لنگهہ لاهوت ۾ بہ آهي.

## هنگلاج ڪيترو پراڻو ماڳ آهي؟

هنگول پراڻ موجب هنگلاج مندر سري رامچندر واري زماني کان بہ اڳ جو آهي. رامچندر جو دور تريت يگ آهي جنهن کي مارڌاڙ وارو زمانو ۽ آرين جي آمد کان پوءِ ابتدائي فتحن جو زمانو چئي سگهجي ٿو. هيءُ زمانو عيسوي سن کان هزار\سوا هزار سال اڳ جو آهي.

ڪررشنا ديويءَ سان صفتي لاڳاپي سبب نانيا ديوي پنج هزار سال قديم آهي.

ڪالي آرين جي آمد کان اڳ بہ سنڌ ۾ پوڄي ويندي هئي، ڇاڪاڻ تہ شِو ۽ ڪالي ٻئي دراوڙي ديوتا آهن.

ڌرتي ماتا جو تصور مهن جي دڙي مان بہ مليو آهي جڏهن تہ خوشحاليءَ جي سگن واري ڏيوي ڪوٽڏيجيءَ مان لڌي وئي آهي. مهن جو دڙو سادا چار هزار سال ۽ ڪوٽڏيجي لڳ ڀڳ پنج هزار سال قديم آهي.

بليموريا پنهجي ايپاس ۾ مطالعي مان هن ماڳ جي اهميت

ڪيہ هاٿوڪي صورتحال واري اهميت ۾ سڪندر اعظم جي واپسيءَ واري دوري ڪان بہ اڳ ڪان جاري محسوس ڪري ٿو. سڪندر ٣٢٣ ق-م ۾ سنڌ مان موٽ ڪاڏي هئي.

چاڪاڻ تہ هنگلاج ديويءَ جو نالو "ڌرتي ماتا" تي پيو، تنهنڪري اها ڳالهہ چٽي آهي تہ جگن ماتا يا ديوي ماءُ يا ڌرتي ماتا جو تصور بنيادي آهي، جيڪو مهن جي دڙي ڪان بہ اڳ ڪان هلندو اچي ٿو. اهو نظريو ڪهڙي سن ڪان شروع ٿيو؟ ڪجهہ بہ چٽي ٿو سگهجي، پر اهو ضرور چٽي سگهجي ٿو تہ مهن جي دڙي واري "ديوي ماءُ" جي هڪ صورت هنگلاج ماتا آهي. فرق رڳو اهو آهي تہ مهن جي دڙي واري "ماتا ديوي" پورهيت عوام جي ديوي هئي. جڏهن تہ هنگلاج ديويءَ ڪي ڪشترين پنهنجي ديوي بنايو.

مهاديو جي پوڄا جو مخصوص انداز جنهن مان يوگا جو عنصر بکي ٿو.

هنگلاج جو ياتري سنک وڄائي رهيو آهي، محققن جي توريل تڪيل راءِ آهي تہ سنک ويدڪ دور کان اڳ گڏيل پوڄا لاءِ سڏ جي لاءِ استعمال ٿيندو هو.

# لاهوت ڪٿي آهي؟

بلوچستان جي ضلعي لسٻيلي ۾ لاهوت واري ماڳ جي تمام گهڻي اهميت آهي ۽ اوائلي وقتن کان ماڻهو هتي روحاني تسڪين لاءِ اچن ٿا. هتي علائقي جي ٻن سڃاڻپ. شاهه بلاول يا شاهه نوراني وارو باغ آهي. هي ماڳ ٢٥-٤٨ اتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ ٦٧-٥ اوڀر ويڪرائي ڦاڪ تي خضدار ضلعي جي ديهه سارونا ويجهو آهي. اهو علائقو حب نديءَ جي مٿين ندي، ويراحب، يا ويراب جي الهندي پاسي ڪراچيءَ کان اٽڪل ١٣٠ ڪلوميٽر اتر طرف ٻڀ جبل ۾ آهي. هن لاءِ ڪراچيءَ کان منگهي پير وارو رستو وٺي حب ڊئم جي ويجهو کان لنگهي، بند مراد کان اڳتي وڃبو آهي. منگهي پير کان اڳتي سڄو پڪو ۽ باقي سڄو پنڌ ڪچو آهي. واٽ ۾ ڪن هنڌن تي ڪجهه ننڍڙا ڳوٺ پون ٿا، باقي سڄو حصو ويران جابلو سلسلو آهي. ان واٽ تي منگهي پير کانپوءِ بند مراد خان، لنگهه لوهار (حب ندي) ايندو. (بند مراد ۽ لنگهه لوهار جي وچ ۾ هڪ هنڌان سنسيءَ جي قبر ڏانهن واٽ ڦٽي ٿي جيڪا ٻيٽي ۾ آهي.) لنگهه لوهار کان پوءِ ٽڪاڻ لڪ تائين وچ ۾ حسن هوٽل ۽ جانو بروهي ڳوٺ آهن، جن کانپوءِ نئه ويراب يا ويراحب اچي ٿي. هتي نئه جي ڪناري ڪڏهن هتي پر ته ڪڏهن هن پر سفر ڪرڻو پوي ٿو، جتي ڪري نئه ١٢-ٻيرا ٽپڻي پوي ٿي. ويراب کان پوءِ لڪو چڙهو هٽ (پراڻو ناڪو)، نئون ٿاڻو، نم جو هوٽل، ڳاڙهو جو هوٽل، آمو بروهي هوٽل وغيره ننڍا ننڍا اسٽاپ آهن. انهن هوٽلن کان پاسيرو ساڳين نالن جا ڳوٺڙا آهن. انهن ننڍن ننڍن اسٽاپن کان پوءِ لاهوت ڏورو ۽ پوءِ محبت فقير اچن ٿا. محبت فقير کانپوءِ اها جابلو وادي آهي، جنهن ۾ شاهه نوراني وارو ماڳ آهي. هيءُ مکيه رستو سيوهڻ کان اختيار ڪيو وڃي ٿو جيڪو تمام اٿانگو ۽ صرف پنڌ ذريعي ممڪن

آهي. فقير اهو رستو قلندر شهباز جي ميلي جي پڄاڻي سان شروع ڪندا آهن ۽ ١٠،٩ ۽ ١١ رمضان تي هتي پهچي ساليانې ميلي (عرس) ۾ شرڪت ڪن ٿا. هتي بہ قلندر جي درگاهہ وانگر ڌمال جي روايت آهي.

## سيوهڻ ڪان لاهوت جو رستو

سيوهڻ جي لال باغ کان روايتي سفر شروع ڪيو ويجي ٿو. جتان ١٦ - ميل اڳتي جهانگارن باجارن ڏانهن پنڌ وڃجي ٿو، جيڪو سفر اٽڪل ٥ - ڪلاڪن ۾ طئہ ٿئي ٿو. جنهن ڪانپوءِ اڳتي حاجي شاهہ جو مقبرو ايندو. ٻن ڪلاڪن جي پنڌ ڪانپوءِ جهانگارا ندي آهي جيڪا ڏاٽ جبل جي پاڙ کان ڏکڻ طرف وهي ٿي جنهن ۾ شفاف پاڻي پيئڻ لاءِ ملي ٿو. ان کان اڳتي نوري ندي آهي جنهن کي اڪرڻ ڪانپوءِ ڏاٽ جبل تي احمد شاهہ جي مزار ۽ پڪي ڪافي (مڪان) آهي جتي ڪوسو گدڙاني فقير آهي. لاهوتي فقير هتي ڪجهہ گهڙيون ترسي سفر جاري رکن ٿا. هن ماڳ کان اڳتي ننڍيون ننڍيون ماٿريون آهن جنهن ڪانپوءِ هڪ هنڌ برساتي نئہ جبو وسيع پيٽ آهي ۽ ان ۾ پاڻي جا دها آهن. جن ۾ مڇيون بہ ملن.

ان ڪانپوءِ مڪيہ ماڳ مولا عليءَ جو باغ آهي. اهو باغ دراصل هڪ طاقتور قدرتي چشمي سبب آهي جيڪو ڪوهہ وانگر آهي ۽ پاڻي ان مان آبشار جي صورت ۾ نڪري تالي وانگر وهي ٿو. هتي نوحائي رهن ٿا. هيءَ ماڳ عام طور ڪاٺي سڏجي ٿو، جتي قديم آثارن جون ڪجهہ وسنديون آهن ۽ پٿر جي دور جا ست غار آهن. ٻن ماڳ کان اتر طرف نئين منزل ننڱ شريف آهي. ننڱ اصل ۾ فارسي لفظ نهنگ آهي جنهن جي معنيٰ "مانگر" آهي. ڪنسائيز پرشين انگلش ڊڪشنريءَ ۾ ان جي معنيٰ وهيل (Whale) لکيل آهي. جيڪا لاهوتين لاءِ تمام آهي. هن ڳوٺ جي اتر ۾ "پنجن تنن جا باغ" ۽ ڪوهہ آبشار نما آهي. هن کي علي سائينءَ جي ڪچهريءَ وارو باغ بہ چون ٿا. ڪاٺي توڙي نهنگ وارن چشمن بابت روايت آهي تہ اتي "ياعلي" ۽ "نعره حيدري" جا نعرا هڻڻ سان پاڻي مٿي چڙهي ٿو. انهن ٻي چشمن جو ذڪر تاج صحرائي سندس مضمون "رت جي قربانيءَ" ۾ ڪيو آهي. نهنگ وٽ ٻي ڪوهہ جي چوٽي پاسي

لکمير ڪافر جا پٿرن جا ڍير آهن جيڪي روايت موجب هن مولا عليءَ تي حملي لاءِ منجنيقن ذريعي استعمال ڪرڻ لاءِ گڏ ڪيا هئا. پر حضرت علي سائين ڪافرن جو لشڪر نابود ڪيو هو. هتان ٿي ٿوري فاصلي تي "مائي روهيءَ جي مزار" آهي. قبر سان لڳو لڳ پٿر جي تختي آهي جيڪا قبر جي اولهه ۾ آهي. روضي ڪان ٻاهر هڪ پٿر"لنگر" زمين ۾ کتل آهي. جتي ٻڪر جي قربانيءَ جو رت نظر ايندو. ماڻهو هتي ٻاس پوري ٿيڻ بعد ٻڪر ڪهائي اُن جو رت اِن پٿر تي هاريندا آهن. لاهوتي هن پٿر جي تختيءَ کي عورت جو بت سمجهن ٿا ۽ اتي روئڻ ڏين ٿا. تاج صحرائي ان ٿي تختيءَ بابت خيال ڏيکاريو آهي تہ اها "حمورابيءَ" جي قانون وارين تختين مان هڪ آهي، جيڪي "حمورابيءَ" پنهنجين ڏورانهين سرحدن تي اجنبين جي ڄاڻ لاءِ هڻايون هيون. انهن کان سواءِ هتي ٻي ڏند ڪٿائي شئي اهو سفيد رنگ جو پٽ جبل ۾ نظر ايندڙ دائري وانگر نشان آهي جيڪو پنجن تنن جي باغ کان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان کي "مولا عليءَ جي تري" سڏيو وڃي ٿو ۽ راويت موجب حضرت عليءَ ان جبل ۾ ڪافر کي لنبي ڇڏيو هو. جبل جي ان حصي کي ڍال جبل چئجي ٿو. جيڪو ان هنڌ کان ڏهاڪو کن ميل آهي.

ايندڙ منزل "بگا شير" آهي، جيڪا اڙانگن پيچرن، لاهين، چاڙهين، ٻنين ٻارن ۽ ڪجين جا باغ ٽپڻ کان پوءِ ايندي. رستي ۾ ڪجھ رنگ برنگي جابلو ماٽريون آهن. اهو پنڌ ٻن اڍائي ڪلاڪن جو آهي. جنهن جي پڇاڙي کان اڳ جابلو نئہ، گهاٽو ٻيلو ۽ پوءِ هڪ باغ نظر ايندو جيڪو بگا شير (ولي الله) جو باغ آهي. باغ جي اوپر ۾ بلند بالا جابلو قطار آهي جيڪو هاهوت وارو جبل آهي. باغ ۽ جبل جي وچ ۾ باراني ٻنيون آهن. هيءَ تمام اوچو جبل آهي جنهن ۾ پيچرو ناهي. جبل جون چپون هڪ ٻئي مٿان اٿين مٿيل آهن جڻ اِجهو ڪريون. مٿي، پير پير ۾ ڏيئي چڙهڻو پوي ٿو، چوٽيءَ وٽ هڪ سوڙهو ۽ اونهو غار آهي. جنهن کي هاهوت چئجي ٿو.

هاهوت وارو غار: لاهوت ڪندڙن لاءِ ضروري آهي تہ اڳ ۾ هاهوت ڪجي. روايت موجب جيستائين ان مرحلي مان نہ لنگهبو تيستائين لاهوت ڪرڻ درست نہ آهي. ان غار بابت غلام محمد

لاهوتي ستدس سفر نامي (هاهوت ۾ لاهوت جا ڪرڙا ڏونگر، قسط -٣- روزانه مهراڻ ٧ جنوري ١٩٨٩) ۾ لکي ٿو ته: "اسان کي هڪ هنڌ هڪ سوڙهي ۾ اونهي غار نظر آئي، جنهن کي پرڪ جي دڙي يا ماءُ جو پيٽ ڪري چوندا آهن. اسان پوءِ غار ۾ قدم رکيا. هڪ گز مٿي پيو ڪڪڙ اونداهه. اسان هڪ ٻئي جي ڪلهن تي هٿ رکي اندر وانگر هلندا پئي وياسون. پر تنهن هونديئه ڏاڍي ڏکيائي ٿي رهي هئي. ڇاڪاڻ ته اسان جو اڳوڻ گولو فقير آسيرا پاسيرا غار جا گهٽ گهيڙ وٺيو پئي هليو. غار جي آخري ڇيڙي تي سوڙهي منهن وانگر هڪ دري نظر آئي جنهن مان نوشين ۾ گوڏن ڀر هلي ٻاهر اچڻو ٿي پيو. آخر ڪار اها منزل به اسان خير خوبيءَ سان طئه ڪئي..... هاڻي هڪ ٻي غار جنهن کي بازار مصطفيٰ ۾ خريدار خدا ڪري چيو ٿي ويو، تنهن کي سرڪرٿو هو. هن غار جو نمونو به پهرين کان مختلف نه هو، البت اندر گرمي محسوس نه پئي ٿي. هوا هن ٿڌي هير وانگر پئي لڳي، حالانڪ هوا جو گذر ڪٿان به نظر ڪو نه ٿي آيو. ان کي به سر ڪري هاهوت واري جبل جي چوٽيءَ تي اچي رسياسين، جتي هڪ پير جو وڻ هو. اها به حيرت جي ڳالهه هئي جو هتي زمين ڪچي نه هئي ۾ نه وري پاڻي يا جابلو چشمو."

اڳين منزل پٽ جبل ڏانهن آهي. ٻگا شير کان پوءِ هاهوت جبل جي پاڙ کان اولهه طرف هڪ پيچرو آهي، جيڪو اهڙي ماڳ ڏانهن وٺي وڃي ٿو جتي ٻير ۾ ڪنڊين جو ٻيلو آهي، جنهن کي ڪي فقير "مولا علي جا ڪنڊا" چون، ته ڪي وري "شاهه جا ڪنڊا" سڏين. پوءِ واريا سو پٽ آهي. اها سچ لڳ ڀڳ ٻگا شير کان شروع ٿئي ٿي. آڏو پٽ جبل ۾ ان کان پوءِ چنگڻ جبل آهي. هن علائقي ۾ پاڻي اٿليل آهي. سواءِ ان خشڪ واهيءَ جي جيڪا ٻنهي جبلن جي وچ ۾ اچي ٿي ۾ نور واهي يا نوري ندي سڏجي ٿي. پٽ جبل (٢٥٠٠ فٽ اوچائي) هن وٽ ۾ هاهوت کان پوءِ ٻيو نمبر اوچو ۾ سڏي چڙهائي وارو پر ان کان به خطرناڪ جبل آهي. جبل جي چوٽيءَ تائين پهچڻ ۾ ڏيڍ ڪلاڪ ڪن لڳي ٿو وڃي. هن نديءَ جي پيٽ ۾ وڏيون ڇپون آهن، پر هڪ هنڌ نديءَ جي پيٽ ۾ ٽيهه فٽ هيٺ ڦاٽ ۾ پاڻي جو چشمو آهي جنهن کي "نوري نديءَ وارو چشمو"، "جنت الفردوس" ۾ "واڳون ڏر" به سڏين ٿا. چشمي جي اتر ۾ ڇُتا ۾ مري قبيلن جا ماڻهو آهن اڪثر لاهوتي هت منزل ڪندا آهن.

اڳتي چونگڻ جبل (ڪيرٿر جو ڪرنگهو) جو مرحلو آهي، جيڪو ٿڪل ۽ پرديسي ماڻهن لاءِ موت جهڙي دهشت رکي ٿو. اڪثر لاهوتين جون قبرون هن جبل جي پاڙ ۾ آهن جن اچ ۽ بک وگهي هن هنڌ دم ڏنو. ستن چاڙهين واري هن جبل تي چڙهڻ ۾ ٽي ڪلاڪ ڪن لڳن ٿا. جبل تان لهڻ ڪانپوءِ مائي ڪنڙي واري چشمي جي سامهون "خدابخش چوٽي" ايندي. ايندڙ منزل بهلول يا بهلول ديواني جي آهي، جنهن بابت مشهور آهي ته هو منيءَ مان گهر ٺاهي جنت ۾ جاءِ ڏيڻ جي دعويٰ ڪندو هو. هي بلوچستان جون حدون آهن. لاهوتين کي اڪثر هتي رات پوندي آهي.

اڳين منزل ٽڪيو مل واڻي جو دڪان آهي، جيڪو هر لاهوتيءَ کي سوا پاءُ اٽو ۽ دال ڏيئي روانو ڪري ٿو. ان کان پوءِ ٥ - ڪلاڪن بعد پٿائيءَ جي مسجد يا انبن جو باغ ايندو. هتان ٥ - ڪلاڪن جي پنڌ تي حب ندي آهي پر ان وچ ۾ ٽڪر جبل، روهي جبل، صحرا ۽ هڪ گهاٽو ٻيلو اچن ٿا. لاهوتي حب ندي جي وهڪري مان نڪري حاجي صاحب جي ڳوٺ ۾ ترسن ٿا.

هتان اتر اولهه طرف شينهن لڪ ۽ لطيف لڪ آهن. لطيف واري جابلو ٽڪريءَ کي اوپر کان اولهه طرف هڪ ڪاهيءَ جي اندرين طرف کان مٿي چڙهي عبور ڪرڻو پوي ٿو. اڪثر لاهوتين کي شينهن لڪ وٽ رات پوندي آهي پر هتي رات جاڳي گذاريندا آهن ۽ مچ ٻاري شينهن توڙي ٻين جانورن کي پري رکندا آهن. اتان ٦ - ڪلاڪن جي پنڌ ڪانپوءِ پولا لڪ ۽ پٿائيءَ جي کوهي اچن ٿا. جنهن کان پوءِ محبت فقير ۽ شاهه نوراني واريون منزلون آهن. شاهه نورانيءَ کان ٽن ڪلاڪن جي پنڌ تي "مائيءَ جو ڳوٺ" ۽ پوءِ لاهوت لامڪان آهي. (اهي تفصيل غلام محمد لاهوتي جي، سفر نامي ۽ ٻين لاهوتين کان حاصل ڪيل معلومات تي ٻڌل آهن.)

جڏهن لاهوتي فقير سيوهڻ کان لاهوت لاءِ نڪرندا آهن، تڏهن پاڻ سان سيد سونهون ساڻ کڻندا آهن. جيڪو عَلَم هٿ ۾ کڻي اڳيان اڳيان هلندو آهي. علم - بردار سيد، هنگلاج واري قافلي جي اڳواڻي ڪندڙ "اڳووي" جي مسلمان صورت آهي.

# لاهوت ۾ ڇا آهي؟

هيءَ ماڳ ٽن ڇئن حصن تي مشتمل آهي. جيئن ئي لاهوتي منزل کي ويجهو ايندا، تيئن ئي کين ڪاهي پاسي وارن جبلن جي هڪ چوٽيءَ ۾ سوراخ نظر ايندو. ان سوراخ کي حضرت نوح جي ٻيڙيءَ جو نشان سمجهيو وڃي ٿو، جيڪا ڏند ڪٿائن موجب عظيم ساموندي ٻوڏ دوران ايترو مٿي جبل جي ان چوٽيءَ سان وڃي لڳي، ۽ چوٽيءَ ۾ آرپار سوراخ ٿي پيو هو. ان سوراخ کان ڪجهه هيٺ هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو آهي، جنهن کي مائيءَ جو ڳوٺ چون ٿا. مائيءَ جي عمر هن وقت ١٠٠-سال کن چئي وڃي ٿي. ڳوٺڙي ۾ هڪ چشمي جو وهڪرو آهي، جيڪو اتان ٿيڻ ڪانپوءِ لاهوت وارن غارن ۾ سمندو نامعلوم جاءِ تي گم ٿي وڃي ٿو.

لاهوت لامڪان، حضرت نوح واري چوٽيءَ کان هزار سوا فٽ هيٺ ۽ ميدان جي سطح کان ٧-٨ سئو فٽ مٿي، هڪ اهڙي وچولي ماپ جي گهري وٽيءَ ۾ آهي جنهن جا ٽي پاسا اڀن جبلن سان بند آهن. جڏهن ته چوٿون سوڙهو پاسو يا لنگهه برساتي پاڻيءَ جي تيز وهڪري سبب وجود ۾ آيو آهي. لاهوت پهچڻ جا ٻه رستا آهن. هڪ ته اهوئي آهي جيڪو برساتي وهڪري ٺاهيو آهي ۽ نسبتن آسان آهي. پر ڇاڪاڻ ته اهو رستو ويرانيءَ ڏانهن نڪري ٿو ان ڪري ماڻهو آباديءَ واري پاسي يعني نوراني باغ وٽان مائي واري ڳوٺ کان جبل ٽپي لاهوت پهچندا آهن. هيءُ تمام اٿاگو پنڌ آهي. ٤ميلن جو هيءُ پنڌ طئه ڪرڻ لاءِ عام شهري ماڻهوءَ کي ٣-٤ڪلاڪ گهرجن. هي پنڌ ميل ڏيڍ کن سنئون آهي جڏهن ته باقي چاڙهيون آهن. ان طرح نوراني باغ کان لاهوت ويندي ميل ڏيڍ سڌو پنڌ ڪرڻ ڪانپوءِ اڍائي ٽن ميلن جي پنڌ ۾ ١٨٠٠ سؤ فٽ مٿي چڙهي نوح نبيءَ واري نشان هيٺ پهچي، وري ڇهه ست سؤ فٽ بالڪل اڀي لاهي لهڻي پوي ٿي. هيءَ خطرناڪ لاهي لهڻ لاءِ ٻن ٽن هنڌن تي

سڄاري خاطر ۽ ڪنهن حادثي کان بچڻ لاءِ لوهي ڏاڪيون هنيون ويون آهن. لاهوت واري واديءَ ۾ تقدس سبب پيرين اگهاڙي هلڻ جي روايت آهي تنهن ڪري مائيءَ واري ڳوٺ وٽ جتيون لاهيون پون ٿيون ۽ اها خطرناڪ لاهي پيرين اگهاڙي لهڻي ۽ چڙهڻي پوي ٿي.

چاڪاڻ ته هيءَ چاڙهي لهڻ ۽ چڙهڻ ضعيف يا بيمار ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهه نه آهي تنهن ڪري اهي ماڻهو محبت فقير واري ماڳ وٽان وڏو وڪڙ ڪري برساتي لنگهه واري پاسي کان ايندا آهن يا محبت فقير وٽ بس مان لهڻ بدران نوح جبل ڏسڻ شرط لهي پوندا آهن. چاڪاڻ ته هي اهو هنڌ آهي جتان لاهوت وارو برساتي لنگهه شروع ٿئي ٿو. ڪي لاهوتي هن لنگهه ذريعي "لاهوت ڪرڻ" بعد ڏاڪڻين ذريعي اپيون چاڙهيون چڙهي مائيءَ جي ڳوٺ ۽ نوح نبيءَ جي ٻيڙيءَ واري نشان وٽان جبل ٽپي مور جوڙ واري چشمي کان ٿيندا نوراني باغ واري دڳ ۾ پوندا آهن. پر اهڙي طرح فقيرن جي اها روايت پڄي پوندي آهي، جنهن موجب ڪين اول محبت فقير وٽ سلامي ڏيڻي هوندي آهي. روايت موجب "محبت فقير" جو اصل نالو قمبر آهي ۽ هو حضرت عليءَ جو ٻانهو هو. چاڪاڻ ته علائقي ۾ شاهه نوراني ۽ حضرت عليءَ جون شخصيتون گڏ وچڙ ٿي ويون آهن تنهن ڪري فقير، حضرت علي ۽ شاهه نوراني وانگر قمبر ۽ محبت فقير ۾ فرق ٿا ڪن.

محبت فقير اهو ماڳ آهي جتي ڪراچيءَ کان نڪتل بس پڄندي ٿي. ان منزل کان نوراني باغ واري وادي شروع ٿئي ٿي. جيڪا اڌ گول ۾ چڪر ڪاٽيندي، حضرت عليءَ سان منسوب هڪ قدم ۽ دلدل جي سنب واري نشان وٽان ٿيندي، نورانيءَ جي مزار وٽان وڃي ان هنڌ ختم ٿئي ٿي. جنهن کي گوڪل ديو جو واٽ چيجي ٿو.

محبت فقير ۽ نوراني باغ جي وچ ۾ جتان وٿڪار جو سلسلو شروع ٿئي ٿو، پٿريلي زمين تي ٻه نشان آهن، جن جي چوڌاري دڪيون ۽ ڪچڙي پٽ ٺاهي باقاعدي زيارت جو روپ ڏنو ويو آهي. روايت موجب هڪ نشان حضرت عليءَ جي گهوڙي جي هڪ سنب جو آهي، جنهن هتي پير رکيو. ٻيو نشان جسماني توازن نه سنڀالي سگهيل ماڻهوءَ جي پير جهڙو آهي. بهرحال، اهو نشان انساني پير

جي مقابلي ۾ وڏو آهي. هن وقت اتي قبضو ڪري ويٺل مجاور ايندڙ ماڻهن کي ڏسي حضرت علي سائين ۽ پنجن تنن جا نعرا هڻي ڪين درود پڙهڻ جي هدايت سان گڏ نذرانو رکڻ لاءِ چوي ٿو. ڪي ماڻهو جهڪي ان نشاني کي چمن ٿا. هتان ئي اهو جابلو پيچرو ڦٽي ٿو جيڪو مور جوڙ ۽ شوح نبيءَ واري نشان وٽان ٿيندو لاهوت وڃي ٿو.

# نوراني باغ

هي باغ، نوعيت ۾ ديو مالائي آهي. باغ ڏسڻ سان گڏ جڏهن گوڪل ديو واري ڪهاڻي ٻڌجي ٿي ته هڪدم اهي آڪاٽيون ذهن ۾ ڦري وڃن ٿيون جن ۾ ڪن اهڙن باغن بابت ٻڌايو ويندو آهي، جيڪي ڪن ديون جون ملڪيتون هوندا هئا: جيڪي ڇهه مهينا سمهندا ۽ ڇهه مهينا جاڳندا هئا.

شاهه نورانيءَ وارو باغ هڪ مسلسل وهندڙ چشمي جي ڪري سلامت آهي. واديءَ ۾ گدامڙي، ڪجي، بادام ۽ ٻيا شاهي وڻ جام آهن. چشمي جو وهڪرو اڌائي ٽي ميل ڪن آهي. باغ جي مرڪز ۾ وڏن وڻن هيٺ چڱو خاصو قبرستان آهي ۽ اتي ئي جبل جي هڪ پٽ سان شاهه نورانيءَ واري درگاهه آهي، جتي روزانو شام جو ڌمال ٿيندي آهي. نوراني درگاهه جي پر ۾ قائم ڪيل مسجد جي ڏاکڻين وٽ هڪ ننڍڙو چوڪنڊو ٿل آهي. ان جي چوڌاري جهنگلو ٺاهيو ويو آهي. ان ٿل کي "ستو پنجوءَ" جي قبر چون ٿا. نورانيءَ جي مزار وٽ اڏاوتي توسيع ڪان پوءِ ان ٿل کي هاٿوڪي شڪل ملي آهي. پنج ڇهه سال اڳ اهو ٻه اڍائي فٽ اوچو گول پٿر هو ۽ ان جي چوٽي گولائيءَ ۾ هئي. بنيادي طور تي اهو شِو جو لنگهه هو جنهن جي بعد ۾ شڪل تبديل ڪئي وئي. پر هندو ياتري اڄ به ان کي مقدس سمجهن ٿا جڏهن ته مسلمان فقير ان ٿل کي شاهه نورانيءَ جي هڪ هندو معتقد "ستو پنجو" جي قبر قرار ڏين ٿا، جيڪو شاهه نورانيءَ جي حڪم تي زمين ڪوٽي ان ۾ اندر لهي ويو آهي. ته روايت موجب ڪيس قيامت تائين ان هنڌ رهڻ جي خواهش هئي.

معاملو پڌرو آهي ته شِو جي لنگم جي موجودگيءَ کي شاهه نورانيءَ جي مزار ويجهو برداشت نه ڪيو ويو. ۽ ان پٿر جي

موجودگيءَ کي نئون جوااز ڏيئي بعد ۾ ظاهري صورت ۾ تبديل ڪئي وئي آهي.

نورانيءَ جي درگاهه اڳيان موجود جبل کي "گورک" به سڏين ٿا. هيءُ علائقو گورک ناٿ پنٿ جو مرڪز به رهيو آهي ۽ انهيءَ سبب ڪري اهو نالو پيل آهي. گورک جي نالي هڪ جبل تعلقي جوهي ضلعي دادو ۾ آهي ۽ گهڻو ممڪن آهي ته اهو به گورک ناٿ جو مرڪز رهيو هجي.

پراڻا لاهوتي ٻڌائين ٿا ته هتي درگاهه ۾ اڳ قبر موجود نه هئي ۽ فقط هڪ ٿلهو هو. قبر تي هٿ ڪٽي دعا گهرڻ جي روايت به نه هئي. فقط جيل ۾ قائم هڪ قدرتي ڏرڙ کي وڃڻي سان هوا ڏني ويندي هئي. فقيرن جو ويساهه آهي ته ان ڏرڙ جو تعلق مڪي مديني سان آهي.

# گوڪل جو وات

هي دراصل اهو هنڌ آهي، جتان چشمو جبل جي ٻاڙ مان ڦٽي ٿو. هن هنڌ جبل ۾ ڏهي پيل آهي ۽ ڇپون اهڙي طرح هڪ ٻئي مٿان ڪريل آهن جو ائين سمجهي سگهجي ٿو ته ڄڻ ڪنهن وڏي قوت اهي ڇپون هڪ ٻئي مٿان سٽيون آهن. روايت موجب انهن ڇپن هيٺان گوڪل ديو قيد آهي جنهن کي شاهه نورانيءَ پنهنجي روحاني طاقت سان انهن هيٺيان قيد ڪيو آهي، جتي هو اڄ تائين جيئرو آهي ۽ سندس ذمي اهو ڪم رکيل آهي ته جيسين دنيا قائم آهي، ان وقت تائين ان قيد خاني ۾ ويهي چڪي هلائيندو رهي ته جيئن پاڻي جاري رهي ۽ باغ آباد هجي. سو، چڪي ڦيرائڻ جي نتيجي ۾ "گوڪل جي وات" مان پاڻي اڄا تائين جاري آهي. روايت آهي ته، جنهن ڏينهن گوڪل ديو مٿان پيل اهي ڇپون هٽي وينديون، تنهن ڏينهن هو آزاد ٿيندو ۽ يقينن ڪو وڏو ممڻ مچائيندو. ڪي ماڻهو گوڪل ديو کي قيد ڪرڻ جو ڪارنامو حضرت عليءَ سان منسوب ڪن ٿا.

# شاهه بلاول نوراني ڪير هو؟

لسبيله گزيٽئر موجب، شاهه نوراني سنڌ کان لاهوت وليءَ

واديءَ ۾ آيو ۽ ڪجھ سال رهيو. بعد ۾ هو ان هنڌ منتقل ٿيو جتي روايت موجب هينئر سندس مزار آهي. اهو باغ هن کان اڳ گوڪل نالي هڪ هندوءَ جي ملڪيت هو. لسبيلو گزيٽئر ٻڌائي ٿو ته هي ماڳ هندن ۽ مسلمانن لاءِ هڪ ئي وقت تقدس رکي ٿو ۽ هندو هن هنڌ پنهنجن ٻارن جي جهنڊ لاهڻ واري رسم ادا ڪندا آهن ۽ سڱا ٻڌندا آهن. اهڙي ئي رسم هنگور نديءَ تي آساپورا وٽ به ادا ڪئي ويندي آهي.

شاهه بلاول بابت لسبيلو گزيٽئر جي شاهديءَ جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته اهو سمن جي حڪمرانيءَ جو دور هو. سلمان رشيد. سندس مضمون ۾ ان کي سنه ۱۴۹۴ عيسوي ۽ ڄام نظام الدين جو زمانو لکيو آهي. ڪاڪي ڀيرو مل سندس ڪتاب "قديم سنڌ" جي هڪ حاشئي ۾ لکيو آهي ته، شاهه نوراني کي عام طور "پب جو پهلوان" سڏيو ٿي ويو. جڏهن ته ساڳئي مصنف لطيفي سئر ۾ عام روايتن جي حوالي سان چيو آهي ته هو قلندر لعل شهباز جو همعصر هو.

هڪ ٻي روايت موجب شاهه نوراني ايران ۽ مڪران کان ٿيندو لاهوت ۾ داخل ٿيو. تنهن وقت لاهوت ۾ ڪا به آبادي نه هئي، پر هڪ ديو جنهن جو نالو گوڪل هو، هڪ پريءَ تي عاشق ٿي پيو ۽ پريءَ کي ڪشمير جي وادين مان ڪئي اچي لاهوت واري وادي ۾ رهڻ لڳو. واديءَ کي آباد ڪرڻ لاءِ هن مٽيءَ جا چڪ ڪئي اچي وادي کي پرڻ شروع ڪيو. جڏهن وادي آباديءَ لائق ٿي، تڏهن ديو اتي هڪ کوهه کوٽيو ۽ وڻ پوکڻ شروع ڪيا ۽ ڪجھ وقت ۾ هيءَ وادي آباديءَ لائق ٿي وئي.

ساڳي روايت موجب، جڏهن شاهه نوراني هت آيو ته هن لاهوت واري غار ۾ رهائش اختيار ڪئي، ساڻس گڏ ۱۲-خادم هئا. هن ٻن ماڻهن کي کير وٺڻ لاءِ موڪليو. هنن هڪ ڌنار کان کير جي گهر ڪئي، جنهن کير ڏيڻ کان انڪار ڪيو. خادمن اهڙي حقيقت شاهه نوراني کي ٻڌائي ته هن دعا گهري جنهن ڪري جبل مان کير وهڻ لڳو ۽ ڌنار جون سڀ رڍون بيمار ٿي مرڻ لڳيون. ڌنار اچي معافي گهري ۽ روزانو کير پهچائيندو رهيو. اڄ به عام ماڻهن جو ويساهه آهي ته جبل مان اهو کير شاهه نورانيءَ جي وفات ڪانپوءِ به

وهندو هو، پر جڏهن ماڻهن ان کي وڪڻ شروع ڪيو ته اهو پاڻيءَ ۾ تبديل ٿي ويو، جيڪو اڄ تائين جبل مان نڪري ٿو.

ساڳي روايت موجب شاهه نورانيءَ جو شجرو حضرت عليءَ سان ملي ٿو. سندن وصال ٧-رمضان تي ٿيو، جنهن نسبت سان هر سال ٧-٨ ۽ ٩ رمضان تي شاهه نوراني جو ميلو لڳندو آهي. (حضرت شاهه بلاول نورانيءَ بابت روايتون. صوفي غلام مصطفيٰ هلال پاڪستان ٨-اپريل ١٩٩٠)

# لاهوت وارو ماڳ

لسبيلي گزيٽيئر ۾ لکيل آهي ته، "شاهه بلاول جي ڏکڻ ۾ اٽڪل ڇهن ميلن جي فاصلي تي واقع لاهوت لامڪان واري ماڳ تي سال جا ٻارنهن ئي مهينا هندوستان کان عقيدتمند اچن ٿا."

جيڪڏهن "لاهوت لامڪان" جي معنيٰ ڪڍجي ته اها نڪرندي ته، "جتي هستي ۽ مڪان ناهي" يا "جتي هستي ۽ مڪان جو وجود بي معنيٰ آهي." تصوف ۾ اهو هڪ روحاني منزل جو نالو به چيو وڃي ٿو. جنهن جون پهريون منزلون هاهوت، ناسوت، ملڪوت ۽ جبروت آهن. فقيرن جي تشريح موجب، هاهوت روح جي پهرين منزل آهي. انسان جو روح سڀ کان پهرين پيءُ جي پُٺيءَ ۾ اچي ٿو. ناسوت، ماءُ جو پيٽ. ملڪوت ٻالڪپڻ يا معصوميت واري منزل آهي. جبروت، بلوغت، عشق جو زمانو ۽ پنهنجي وجود کي نظر انداز ڪرڻ جي منزل آهي جڏهن ته لاهوت موت کان اڳ فنا ٿي وڃڻ جي منزل آهي.

سنڌ اطلاع کاتي پاران ڀٽائي جي ٢١٩-هين عرس جي موقعي تي ڇاپيل ڪتاب "پيام لطيف" ۾ ڇپيل مضمون "سنڌ جا جوڳي" (ليکڪ جو نالو ڄاڻايل ناهي پر ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي ٿورن سان ڇاپيل آهي. صفحو-٨٧) ۾ ڄاڻايل آهي ته، صوفي اصطلاح ۾ لاهوت لفظ جي معنيٰ آهي "ذات جو مرتبو." مضمون ۾ حوالي طور ڀٽائيءَ جو بيت ڏيندي "سلوڪ جي منزلن" بابت وضاحت ڪئي وئي آهي:

راهه شريعت هلڻا، تفڪر طريقٿون
حال حقيقت رسيا، معرفت ماڳٿون
ناسوت ملڪوت جبروت اِي انعام لڏائون
پس لاهوت لنگهئون، هاهوتا-ٿي هلڻا (رامڪلي)

مضمون ۾ ڄاڻايل تشريح موجب سلوڪ جي پهرين منزل ناسوت آهي. جيڪا شريعت جي متعلق آهي. ٻي منزل ملڪوت آهي جا طريقت جي برابر آهي. ٽين منزل جبروت چئني وڃي ٿي جنهن کي حقيقت جو درجو ڏنو ويو آهي.چوٿين منزل لاهوت لامڪان آهي جنهن کي معرفت چيو وڃي ٿو. ليکڪ چوي ٿو ته، "جيئن ته لاهوت اها منزل آهي جنهن ۾ الله تعاليٰ جو طالب قدم رکندي ئي حق ۾ ملحق ٿي وڃي ٿو ۽ ذات اقدس ۾ غرق ۽ فنا في الله جي منزل ماڻي ٿو، انڪري هن منزل تي پهچڻ ڪانپوءِ هو، هر چيز ۾ حق جي ذات جو جلوو پسي ٿو ۽ ماسواءِ الله جي، هن جي نظر ڪنهن تي به ڪا نه ٿي پوي." ليکڪ مولانا شمس تبريز جي شعر جو پڻ حوالو ڏنو آهي ته:

"مکانم لامکان باشد، نشانم بي نشان باشد
نه تن باشد نه جان باشد هيچ سا مانم
دوئي را چون بدر کرد م يکي ديدم دو عالم را
يکي بينم، يکي جويم يکي خوانم يکي دانم."

سلوڪ جي منزلن بابت هڪ بيت شاهه جي رسالي (غلام محمد شهوائي وارو) ۾ هن ريت ڏنل آهي:

نگنا ناسوتا، مٿيائون ملڪوت ڏي
جوڳي جبروتا / وڃائي وات ٿئا.

رسالي جو مرتب سلوڪن جي منزل جي تشريح ڪندي (صفحي ١١۴۵ تي حاشئي ۾) لکي ٿو ته، "ناسوت (سلوڪ جي پهرين منزل، شريعت) ملڪوت (ٻي منزل مطابق طريقت جي) جبروت (ٽين منزل مطابق حقيقت) هاهوت (چوٿين منزل مطابق معرفت) سالڪ لاءِ الله کي ملڻ جون منزلون آهن" جڏهن ته مرتب رسالي جي صفحي ١١١٠ تي لفظ "لاهوتي" جي تشريح ڪندي حاشئي ۾ هن ريت لکيو آهي ته، "لاهوت جي جوڳين، سالڪ لاءِ چار منزلون آهن: ناسوت، ملڪوت، لاهوت ۽ هاهوت، جنهن مان ٽين منزل تي پهتل درويش."

علامه آءِ آءِ قاضي سندس مرتب ڪيل شاهه جي رسالي ۾

"لامڪان" جي معنيٰ هن ريت لکي آهي، "مڪان يا جاءِ جي بند کان ٻاهر. هر جاءِ" (صفحو-٦٥٨). "علامہ لاهوت کي "سلوڪ جي چوٿين منزل" سڏي ٿو، (صفحو ٦٥٨)، جبروت کي "سلوڪ جي ٽين منزل" (صفحو ٨٣٦) ناسوت کي "سلوڪ جي پهرين منزل" ۽ ملڪوت کي "ملائڪن وارو درجو، سالڪن جي هڪ منزل" (صفحو ٨٦٢) سڏي ٿو.

لاهوت لامڪان واري ماڳ بابت روايت آهي تہ هتي سوا لک نبي سڳورا ۽ ولي الله عبادت ڪري چڪا آهن. هن مقدس ماڳ تي ڪنهن بہ انسان کي رات ترسڻ جي اجازت ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ عام خيال موجب هتي رات جو پهر روحن جي اچڻ ۽ عبادت ڪرڻ لاءِ مخصوص ٿيل آهي، ۽ اهي هتي لهندا آهن. ڏينهن جي پهر ۾ لاهوت واري واديءَ ۾ داخل ٿيڻ مهل لاهوتي آدم جي مچ وٽ ويٺل مچ سنڀاليندڙ فقير کي هڪ روٽ ڏيندا آهن. فقير ساڳئي روٽ جا ٻہ اڌ ڪري هڪ اڌ موٽائي ڏيندو آهي ۽ باقي ٻين فقيرن ۽ زائرين ۾ ورهائڻ لاءِ رکندو آهي.

لاهوت وارو مکيہ غار، گهپ اونداهو ۽ تمام وڏو خال آهي. جنهن ۾ زمين، ديوارون توڙي ڇت سڀ ڪجهہ ناهموار آهي. مکيہ غار ۾ اندر ننڍا ننڍا غار، چرون، هوديون ۽ کڏا آهن، جڏهن تہ پاڻيءَ جي وهڪري سبب گهڙ جي ويل پٿر ۽ ٺل مختلف ۽ اڻگيون صورتون وٺي بيٺا آهن. ڇت، زمين ۽ پٽين مان مختلف هنڌن تان پاڻي ڦڙو ڦڙو ٿي ٽمي يا سمي ٿو، جنهن ڪري سڄو غارگهميل ۽ آلو رهي ٿو. در اصل هيءُ غار چن جي پٿر ۽ پاڻي جي وهڪري جو شاهڪار آهي جنهن کي مقامي انسان ديو مالائي اهميت ڏيئي ڇڏي آهي.

هن مکيہ غار ۾ داخل ٿيڻ جو هڪ ئي لنگهہ آهي. پر ۾ هڪ ٻيو سوراخ بہ آهي جنهن کي "سٺي ناڪو" يا "حرامي حلالي" واري دري چيو وڃي ٿو. ننڍي سوراخ مان غار ۾ داخل ٿيڻ ممڪن نہ آهي. غار ۾ داخل ٿيڻ جو در زمين کان ڪافي مٿي اوچائيءَ تي آهي. دروازي تائين لوهي ڏاڪڻيون لڳايون ويون آهن. دروازي مان پاسيرو ٿي ۽ تمام خبرداريءَ سان لنگهڻو پوي ٿو. ٻئي طرف اندر هيٺ لهڻ لاءِ رسن جي مدد وٺڻي پوي ٿي، جيڪي اتي لڳل آهن. رسيءَ جي مدد سان جيئن ئي (اندر) لهبو، تہ جنهن پٿر تي پير

پونڊو اهو "حضرت عليءَ جو شينهن" آهي. پر ڀر ئي هڪ ٻيو پٿر به شينهن سڏجي ٿو ۽ روايت موجب اهي هن غار جي حفاظت ڪري رهيا آهن.

غار ۾ اندر لهي سڌ ۾ هليو وڃبو ته سامهون مٿاهينءَ تي پاڻيءَ جو هڪ ننڍڙو ڍڪو آهي جنهن ۾ جمع ٿيل پاڻي اکين تي هڻبو ته روايت موجب هن پوتر غار (جيڪو اونڌا هو آهي) ۾ سڀ ڪجهه ڏسي سگهبو. دراصل مٿاهينءَ تي وڃي، اکين تي پاڻي هڻي موٽي اچڻ وارو وقفو ايترو آهي جو اکيون اونداهيءَ جون عادي ٿي پنهنجو پاڻ اندريون منظر ڏسي سگهن ٿيون ۽ وڏيڪ اونداهيءَ مان گهٽ اونداهيءَ ۾ اچڻ ڪري، گهٽ اونداهيءَ وارو ماحول ڪجهه چٽو ٿي پوي ٿو.

غار جي ساڄي پاسي واري ديوار جي هڪ گهڙاوٽ ڪي امامن جو هندورو، ٻي گهڙاوٽ ڪي قيامت وارو ٽل، ٽين گهڙاوٽ کي حضرت علي جي ڏاچي ۽ زمين ۾ ڪجهه کڏن کي علي سائين جا قدم چيو وڃي ٿو. غار ۾ ڪاٻي پاسي دلدل جي بيهڻ جي جاءِ، جنڊ، ماءُ جو پيٽ ۽ صابڻ جي چڪي آهن.

مکيه غار (لاهوت) جي ٻاهرين پاسي قلندر جي ڪشتي، پٽائيءَ جو چلو ۽ مسجد پڻ پاڻيءَ جي وهڪري سبب ٺهيل بي ترتيب پراسرار ۽ عجيب ننڍا وڏا روشن غار آهن. هڪ روايت موجب هتي هڪ لک چوويهه هزار نبي ۽ اولياءَ عبادت ڪري ويا آهن.

لاهوت جي در وٽ ٻاهرين پاسي چار اهم شيون آهن "ڳئونءَ جا ٿڻ" (جبل جي ڇت ۾ ڳئون جي ٿڻن وانگر پٿرن جا ڳوڙها ٺهيل آهن. روايت آهي ته انهن ٿڻن مان ڪنهن وقت ۾ کير وهندو هو، پر پوءِ زماني جي خرابيءَ سبب هاڻي انهن مان ڪن ڪن هنڌان فقط پاڻي ڦڙا ڦڙا ٿي ٽمي ٿو.) "آدم جو مچ" "آدم جو ڏنڊو" ۽ "ازدها." ازدها، ديو جيڏي نانگ جي هڪ قدرتي شبيهه آهي، جنهن جي ڦڻ به کنيل آهي. نانگ جي ڦڻ ايتري وڏي آهي جو ان تي به ماڻهو آرام سان ويهي سگهن ٿا، جڏهن ته نانگ جو باقي جسم ڪچونءَ جي پٺيءَ وانگر آهي پر ان جسم ۾ به وڪڙ نمايان آهن ۽ جسامت جي لحاظ کان اهو نانگ ڪچونءَ جهڙو پٿر جو ڊڙو لڳي ٿو. ڦڻ جي اندرين پاسي ڳچي يا نڙ گهٽ تي غور ڪرڻ سان

ان جو امڪان نظر اچي ٿو تہ انساني هٿن ان قدرتي شبيهہ ۾ حقيقي رنگ ڀرڻ لاءِ ان کي تراشيو آهي. هندو ان کي نانگ بابا چوندا هئا.

## عقيدي جي تبديلي

نانگ هندو مت ۾ وڏي اهميت رکندڙ آهي. مهمن جي ڏاڍي مان لڏل ڪيترين ئي مهرن تي نانگ جي شبيهہ آهي، جيڪي يقيني طور تي آرين جي آمد کان اڳ جون آهن. شو ديوتا جي هر مورتيءَ ۾ نانگ سندس ڳچي يا جسم سان وڪوڙيل نظر اچي ٿو. نانگ قديم عقيدن موجب طاقت، افزائش نسل ۽ اقتدار جي علامت آهي. اهڙا مثال يوناني، مصري ۽ هين ديو مالائن ۾ موجود آهن. مسلمان لاهوتي نانگ جي ان شبيهہ کي جيئي شاهہ جي ڪرامت سمجهن ٿا. هڪ ڪٿا موجب "جڏهن شاهہ بلاول نورانيءَ لاهوت ۾ ترسيو هو تڏهن گوڪل ديو جيڪو نوراني باغ جو اصل وارث هو ۽ جنهن جي تابع سوا لک ديو هئا. تنهن شاهہ نورانيءَ کي هتان هٽائڻ لاءِ حيلا هلايا هئا. هڪ ڀيري هن شينهن جو روپ ڌاري شاهہ نورانيءَ تي حملو ڪري ڏيڇاريو پر شاهہ صاحب پنهنجي روحاني ڄاڻ سبب صحيح ڪيو تہ اهو گوڪل ديو آهي. جيئي شاهہ کيس واديءَ مان ڊوڙائي ڪڍيو هو. ٻئي ڀيري جڏهن اها جنگ جاري هئي تہ گوڪل ديو هڪ وڏو طلسمي اژدها لاهوت ڏانهن موڪليو تہ جيئن اهو شاهہ نورانيءَ کي نقصان پهچائي پر شاهہ صاحب ڪجهہ پڙهي اژدها مٿان ڦوڪيو تہ اهو پنڊ پهڻ ٿي پيو، جيڪو اڄا تائين پنڊ پهڻ حالت ۾ اڄهو اتي آهي."

هڪ روايت موجب جڏهن حضرت آدم عليہ السلام کي نافرمانيءَ سبب بهشت مان نيڪالي ملي ۽ کيس ڌرتيءَ تي لاٿو ويو تہ هن ڌرتيءَ جي چپي چپي تي پنهنجي غلطي جي معافي گهري، جيڪا لاهوت واري ماڳ تي ان مهل قبول پئي جڏهن هن پنهنجي جسم جو اهو انگ جدا ڪري ڇڏيو جيڪو غلطيءَ لاءِ ذميوار هو. نانا ديويءَ جي پٽ اٽيس بہ ائين ئي ڪيو هو. حضرت آدم سان منسوب هيءَ روايت يقينن فضول آهي. پر بهرحال هتي موجود هڪ پٿر کي آدم جو ڏندو ڄاڻائي ساڳي روايت ٻڌائي وڃي ٿي. اهو پٿر اڄ بہ "نانگ بابا" جي هيٺان ۽ آدم جي مچ آڏو موجود آهي. ڪي عورتون پٿر جي ان ڏنڊي جي پُور ڦڪين ٿيون تہ جيئن اولاد ٿئي.

نانگ جو وجود، حضرت آدم سان منسوب روايت، لاهوت واري غار ۾ قيامت جو ٿنڀو، ستو پنجوءَ جي قبر، هندن جي عقيدت، پاٽي ۽ جبل اهڙيون شاهديون آهن جن جي بنياد تي پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته هيءُ ماڳ ڪنهن وقت شِو جو آستانو يا مندر هو، جيڪو پوءِ هن علائقي ۾ عقيدي جي تبديليءَ سبب سجاٿپ بدلائي ويٺو. پراڻين روايتن ڪي نئون روپ ۽ جواز ڏنو ويو ۽ نوان قصا ڪهاڻيون ناهي گوڪل ديو جي جاءِ تي شاهه نورانيءَ کي اختيار ڏنا ويا. شو جي آستاني واري خيال کي هٿي ڏيڻ لاءِ هندوستان کان ياترين جي آمد وارو حوالو اهم آهي. جڏهن تہ گورک جبل تي پيل نالو پڻ هندو پنٿ جي مرڪز کي ظاهر ڪري ٿو. يقيني طور تي، حضرت آدم سان منسوب پٿر، غار ۾ موجود قيامت وارو ٿل ۽ ستو پنجوءَ جي قبر، شوجا لنگم آهن.

## قيامت جو ٿنڀو

قيامت جي ٿنڀي بابت لاهوتي فقيرن جو چوڻ آهي تہ، جنهن ڏينهن اهو قدرتي ٿنڀو غار جي ڇت سان وڃي لڳندو، تنهن ڏينهن قيامت ايندي. فقيرن جي عقيدي موجب اهو ٿنڀو هوريان هوريان



قيامت جو ٿنڀو

وڻ وانگر وڌي رهيو آهي. ساڳئي ٿنڀي بابت جيڪڏهن پنڊتن کان پڇيا ڪبي ته اُهي ان کي "سويم پولنگم" سڏيندا، جنهن جي معنيٰ آهي (زمين مان) پاڻمرادو ظاهر ٿيل لنگم. شو پراڻ موجب سنسار ۾ لنگ جا پنج قسم آهن: ١- سويم پولنگ، ٢- بندو لنگ، ٣- پرت سٿت لنگ ۴- چرلنگ ۽ ۵- گرولنگ- انهن سڀني قسمن جي لنگن لاءِ جدا جدا تشريحون آهن. جڏهن ته سويم پولنگ لاءِ تشريح هن ريت ملي ٿي:

"ديو رشين جي پرارٿنا تي پرسن ٿي پڙم پتا ٻج جو روپ ڌاري ڌرتيءَ مان سلي وانگر پنهنجو پاڻ پرگهٽ ڪري تنهنکي گياني ۽ ڌياني سويم پولنگ چون ٿا، جنهنجي پوڄا جي ڄاڻ پنهنجو پاڻ اسانجي اندر ۾ جاڳي پوندي."

(شو پراڻ وديشور سنگهتا ص ٣۴ - سنڌي ايڊيشن)

ٻئي طرف نانگ، جيڪو هندن وٽ شِو جي حوالي سان شهرت رکي ٿو، اسلامي قصن ۾ ڌڪاريل جيت آهي، جنهن کي شيطان، ڪنهن ريت بهشت ۾ داخل ڪري حضرت آدم کي تخليق جو ميوو کاڻ لاءِ ورغلايو. هن ريت وري به نانگ جو ڪردار تخليقي عمل ڏانهن اهڃاڻي انداز ۾ ملي ٿو.

لنگم پوڄا جي صورت ۾ تبديليءَ جو هيو دلچسپ مثال ٺٽي ضلعي ۾ "ملان لٺر" وارو علامتي ڪردار آهي، جتي اولاد کان سڪايل عورتون اولاد پنڻ وينديون آهن. اهڙي طرح ملان لٺر سان منسوب عجيب غريب ۽ بي بنياد ڳالهيون به در حقيقت ان رواج جي تبديل ٿيل شڪل آهن، جيڪي اڳ شو ۽ تخليق جي حوالي سان هيون.

ويجهي ماضيءَ ۾ هندن جي قديم ماڳن کي نئون روپ ڏيڻ جو ڪم وڌيڪ تيزيءَ سان ٿيو آهي، پر اهو عمل ڊگهي عرصي کان جاري آهي. ننگ (نهنگ) ۾ جبل تي جتي هاڻي سيدن جا مقبرا آهن، اتي اڄ به شِو جو لنگم موجود آهي، جنهن تي رت هاريو ويندو آهي. (اهڙوئي هڪ وڏو لنگم تعلقي جو هيءَ ۾ سردار شهڪ خان جي مقبري آڏو ڪتل آهي، جنهن تي رت هاريو ويندو آهي. ننگ واري جبل کان ڏکڻ طرف پٽ جبل ۾ هڪ هنڌ اڄ به پير جي پن جهڙو تمام وڏو قدرتي نشان نظر ايندو آهي، جيڪو پاربتيءَ

جي علامت سمجهيو ويندو هو. پر اڄڪلهہ هن علائقي تي اثر رکندڙ ماڻهو ان نشان کي حضرت علي جي هٿ جو نشان ڄاڻائين ٿا.

تاج صحرائي "پاڪ و هند برصغير ۾ ولين جو ادارو" مضمون ۾ لکي ٿو تہ، "مسلم ولين جي مقبرن ۽ مزارن تي ڪي غير مسلم خاص ڪري هندو زيارت ۽ پوڄا لاءِ ويندا آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي پير ۽ فقير اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ ۾ هندو هئا. اسان جي تاريخي شهر سيوهڻ ۾ بہ ڪن اهڙن فقيرن جون مزارون موجود آهن. جهڙوڪ چنو آمراڻي ۽ شيخ ٽوپڻ. ڪن صوفين جي ڏرگاهن تي بہ هندو ويندا آهن ۽ انهن درگاهن جا خاص مريد هوندا آهن، جهڙوڪ شاهہ عنايت صوفي شهيد ۽ سچل سرمست يا وري ڪنهن بہ مسلم ولي جي مزار سنڌ ۽ هند ۾ اسلام جي اچڻ کان اڳ ڪنهن هندو يا ٻڌ ڌرم جي پوڄائڳ ۽ سادوءَ جو مندر يا مڙهي هئي. اهڙي قسم جون جڳهيون سنڌو ماٿريءَ ۾ ڪشمير کان ديبل تائين پکڙيل آهن." صحرائي صاحب ٻي هنڌ لکي ٿو تہ، "اهو شڪ ۽ گمان گذري ٿو تہ حضرت قلندر جو مقبرو شايد اصل ۾ شو جو مندر هو ۽ اهي ڪافيون مندر جي پروهتن ۽ داسين جي رهڻ جون جايون هيون...... انهن ڪافين ۾ هميشہ دونهيون دکنديون رهنديون هيون، جن کي مسلمان فقير حضرت عليءَ جو مچ ڪري سڏيندا هئا. ان ڪانسواءِ مکڻ، ماکي، گهنڊ، گهڙيال، نوبت نقارا، چڙا ۽ چمٽا، رکڙيون ۽ ڳانا ۽ روٽ، اهي سڀ هندن جون رسمون آهن، جي اڄ تائين مروج آهن." هو صاحب لکي ٿو تہ، "ڪجهہ وقت اڳ تائين بہ شيخ ٽوپڻ جي مزار ۽ قبرستان جي پريان ڏکڻ طرف ڪالي جو مندر هو. جو هن وقت کنڊرن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو."

صحرائي صاحب جي ان بحث کي اهي سرگوشيون بہ هٿي ڏين ٿيون جن موجب اڄ کان ١۵-٢٠ سال اڳ شهباز جي درگاهہ وٽ پٿر جي هڪ تختيءَ تي "شوباز" لکيل هو ۽ هتي باز پاليو ويندو هو يا ان جا بيدا رکيا ويندا هئا، اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ باز جي علامت شو سان نسبت رکي ٿي. خود سيوهڻ جو نالو شو واهڻ يا شوستان وغيرهہ رهيو آهي، جنهن ڪري هن شهر کي اوائلي وقتن ۾ شو پوڄين جو مرڪز سمجهڻ ۾ شڪ جي گنجائش نٿي رهي.

مختلف شين کي بنا ڪنهن تصديق ۽ سوچڻ سمجهڻ جي حضرت عليءَ سان منسوب ڪري ڇڏڻ سنڌ ۽ بلوچستان ۾ تمام عام آهي. جيتوڻيڪ تاريخ پڙهندڙ هر ننڍيو وڏو چڱي طرح ڄاڻي ٿو ته حضرت علي ڪڏهن به سنڌ يا بلوچستان نه آيو هو.

نوراني واري باغ بابت هڪ ڳالهه به ٻڌڻ ۾ آئي ته گوڪل ديو اهو باغ ڪاٺيءَ کان ڇورايو هو. ڪاٺيءَ سان لاهوت جو لاڳاپو هڪ نئون بحث کولي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪاٺي جي ماٿري قديم ترين تهذيب جو مرڪز هئي. اتي پٿر جي دور جا ست غار موجود آهن. ان ماٿريءَ ۾ به اوائلي وقتن کان هڪ مستقل ۽ طاقتور چشمو جاري آهي. جنهن بابت پڻ دلچسپ روايتون آهن. هڪ روايت موجب جڏهن چشمي جو پاڻي گهٽبو آهي ته ان ۾ جانور جو رت هاربو (قرباني ڏبي) آهي ته پاڻي وڌي ويندو آهي. ڪي ماڻهو وري "ياعلي" جو نعرو هڻڻ سان پاڻي چڙهڻ جي دعويٰ ڪن ٿا. ساڳي دعويٰ سيوهڻ شهر کان لاهوت واري واٽ تي ننڱ لڳ چشمي بابت به ڪئي ويچي ٿي. ان ريت روايتن جي هڪجهڙائي لاهوت سان ڪاٺي توڙي ننڱ جي قديم لاڳاپي جي سبب کان به ٿي سگهي ٿي ته اهو به ممڪن آهي ته ڪن ٻين مفادن جي پورائي لاءِ ويجهي ماضيءَ ۾ اهڙيون روايتون هلايون ويون هجن، ڇاڪاڻ ته ننهي ماڳن تي هڪ ئي ڪٽنب جو ضابطو آهي. پر ان جي باوجود اها حقيقت آهي ته اهي ٽيئي ماڳ جيڪي اڄ به ٿوري گهڻي فرق سان نوعيت ۾ هڪ جهڙا آهن، ماضيءَ ۾ به ويجهڙائي رکندڙ هئا.

باوجود ان جي ته گوڪل ديو واري قصي جا وڌيڪ تفصيل ٿا ملن پر اهو محسوس ٿئي ٿو ته شاهه نورانيءَ هٿان زبردست شڪست کائڻ جي باوجود گوڪل ديو جي سياسي قوت مڪمل ختم نه ٿي هئي. اهوئي سبب آهي جو اڄ به گوڪل کي "مئل" نٿو سمجهيو وڃي ۽ روايت موجب نوراني باغ کان اڳتي چشمو ڦٽڻ واري هنڌ ڇپن هيٺان قيد آهي.

فقيرن شاهه نوراني ۽ حضرت عليءَ جون هستيون هڪٻئي سان ملائي ايتريون ته گڏوچڙ ڪري ڇڏيون آهن جو هر ڏند ڪٿا ٻنهي سان منسوب ڪئي وڃي ٿي. پر جڏهن سڀني ڪٿائن کي جوڙي هڪ مڪمل ڪٿا جوڙجي ته اها هن ريت سامهون ايندي:

"پب جبل جي هن باغ ۾ گوڪل ديو ۽ سندس زال رهندا هئا.

شاهه نورانيءَ کي تن ڏينهن ۾ ڪجهه امداد جي ضرورت هئي جنهن علي سائينءَ کان مدد طلبي، جنهن تي علي سائينءَ شاهه نورانيءَ کي چيو تہ هو گوڪل ديو کان مدد جي گهر ڪري ۽ جيڪڏهن ان جي بدلي ۾ ڪيس ڪنهن غلام جي ضرورت هجي تہ سندس پاڻهن آڇي. شاهه نورانيءَ علي سائين جي زور پرڻ تي اها ڳالهه قبول ڪئي. گوڪل ديو ضرورت جي پورائيءَ لاءِ تي شرط رکيا ۽ چيو تہ هو غلام کي ساهميءَ ۾ توري وزن مطابق امداد ڏيندو، پر اهو ڪيس تن مصيبتن کان آجو ڪري. سندس پهريون مسئلو "بربر ندي" هئي جيڪا هر پيري اٿلي سندس باغ ۽ فصل لوڙهي ويندي هئي. ٻيو مسئلو هڪ اژدها هو، جيڪو جبل مان اوچتو ظاهر ٿي جنهن طرف ڦوڪ هڻندو هو ان طرف باهه لڳي ويندي هئي ۽ فصل توڙي باغ سڙي ٿي ويو. گوڪل جو ٽيون مسئلو ملڪ عرب ۾ هڪ اهڙو بهادر (حضرت علي) هو، جيڪو ڪافرن جو جاني دشمن هو. بهرحال حضرت عليءَ بربر نديءَ جو رستو روڪڻ لاءِ پٽ (جبل) پيدا ڪئي ۽ نانگ کي بہ اڌ ڪيو.

حضرت علي ۽ قمبر جي اصل ڪهاڻي بلوچستان جي اپرندي علائقي ۾ ڪافي عام ٿي لڳي. اهو قصو پنهنجي بلوچي شڪل ۾ ڳايو ويو آهي جيڪو لاهوت واري ڏند ڪٿا ۾ گڏو چڙ ۽ ترميم ڪري شامل ڪيو ويو آهي. اها سوچيل سمجهيل ڪارروائي هجي يا نہ هجي پر سنڌ ۽ بلوچستان ۾ لاتعلق ۽ ناممڪن ڳالهين کي ملائڻ ۽ ناهڻ ڏائي هٿ جي راند آهي. ١٨٨۴ ۾ اتر، اوڀر بلوچستان ۾ بلوچي شاعري گڏ ڪندي هڪ انگريز پوليٽيڪل ايجنٽ لانگ ورٿ ڊيمز هڪ نظم قلمبند ڪيو هو جنهن جي شاعر جو نالو احمد ولد شوارن آهي. جسٽس مير خدابخش بجاراڻي مري بلوچ گڏ ٿيل شاعريءَ جي ان مجموعي جو ترجمو ن شايع ڪيو آهي، جنهن موجب اصل قصو هن ريت آهي تہ:

"هڪ پيرو هڪ سوالي وڏيون اميدون ڪئي حضرت علي وٽ آيو ۽ چيو تہ "مونکي ڪجهه رقم ڏي جو تہ ستن ڌيئن جي شادي ڪرڻي اٿم جيڪي جوان ٿي چڪيون آهن. مون وٽ دولت ناهي ۽ ماڻٽ مدد ٿا ڪن". حضرت عليءَ پنهنجي غلام قمبر کي صبح سوير گهرايو ۽ حڪم ڏنو تہ هن ٻڍي جي مٿي تي هڪ (نئين) اڇي پڳ ٻڌي ۽ هن کي چيو تہ "چاڪاڻ تہ مان شهر بدر آهيان تنهن ڪري

رپيا ڪٽان آٿيا. مون وٽ رپيا ناهن جو توکي ڏيان. تنهن ڪري منهنجو هٽ جهل ۽ مونکي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ وڪڻي ڇڏ. آئون سؤ ماڻهن جي قيمت ڏياريندس" قصو اِڳتي هلي ٿو جنهن موجب هڪ مالدار گبر (ڪافر) عورت ڪيس سؤ ماڻهن جي مله ۾ خريد ڪري ٿي ۽ پوءِ مسلمان ٿئي ٿي. (صفحہ ٢٢٧-٢٢٨).

گوڪل ديو جي ٽنهي شرطن ۾ ٽي مختلف "ڪردار" آهن: ٻربر ندي، ازدها ۽ حضرت علي. ٻربر نالي ڪا به ندي هن علائقي ۾ نه آهي. پر لفظ "ٻربر" جي بنياد ٻربريت (Barbarian) آهي. دنيا جي جنهن ٻولي ۾ به اهو لفظ استعمال ٿيو آهي اتي ان جي معنيٰ وحشي ۽ بي رحم طور ورتي وئي آهي. اهو عين ممڪن آهي. ته علائقي ۾ ڪا اهڙي برساتي نئي موجود رهي هجي، جيڪا پنهنجي طبيعت ۾ وحشي ۽ بي رحم هجي ۽ پوءِ اها ڪن جاگرافيائي تبديلين سبب ختم ٿي وئي هجي. ٻيو ڪردار ازدها آهي جيڪو لاهوت وٽ موجود آهي ٽيون ڪردار حضرت علي شاهه بلاول پاڻ آهي. جنهن گوڪل جي (سياسي، سماجي ۽ ڌرمي) قوت ختم ڪئي ۽ مسلمان ماڻهن شاهه بلاول جي حضرت عليءَ سان عقيدت سبب اِن ڪارنامي کي حضرت عليءَ سان منسوب ڪيو ۽ "سوالي ۽ آقا" کي ملائي ڇڏيو. اڪثر فقير شاهه نوراني سان منسوب واقعا شهباز قلندر سان منسوب ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪانئن وضاحت گهربي ته بنا ڪجهه وڌيڪ سوچڻ جي جواب ڏين ٿا ته، "سڀ هستيون هڪ ئي ڳالهه آهن."

لاهوت وٽ ئي وضوءَ واري جاءِ (ٽمندڙ پاڻيءَ جو ڏهو) تي ٽڙيل پکڙيل پٿرن جا دال جهڙا داڻا، روايت موجب اصل ۾ ڳاڙهي دال هئي، جيڪا بي بي سگهوريءَ ڪنهن ٿانءَ ۾ صاف پئي ڪئي ته ڪافر ظاهر ٿي کيس ورغلائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن تي بي بي سگهوريءَ اها دال ئي هاري ڇڏي. اڄڪله انهن داڻن کي شفا ۽ اولاد جي حصول لاءِ پائوڊر ڪري استعمال ڪيو وڃي ٿو. اناج جا داڻا تخليق واري فلسفي ۾ ڪافي اهميت رکن ٿا. حضرت آدم ۽ بي بي حوا وارو قصو، توڙي مڪليءَ جي ٽڪري ۽ هنگول نديءَ وٽان ليندڙ اَن جهڙيون ڪنڪريون به ساڳي طرح اهميت رکن ٿيون. روايتن موجب مڪلي ۽ هنگور واريون ڪنڪريون ديوتائن تخليق جي يادگيري ڏيارڻ لاءِ پٿر جي صورت ۾ محفوظ ڪيون آهن.

لاهوتي، پب جبل جي هنن وادين ۾ "جيئي شاهه جبل ۾ شاهه" ۽ "نوراني نور - هر بلا دور" جا نعرا هنندا رهندا آهن ته جيئن گوڪل جي ديوٺي، جيڪا اڄ تائين جبلن ۾ پنڪندي وتندي آهي، خوف کان ويجهو نه اچي.

ان کان اڳ جو اسان وڏيڪ بحث ۾ وڃون. هن مهل تائين ٿيل بحث مان به نتيجا ڪڍندا هلون. پهريون نتيجو اهو ٿو نڪري ته هنگلاج واري ماڳ تي موجود عقيدو "ماتا ديويءَ" وارو آهي، جنهن جا بنياد گهڻو اڳ کان سنڌ ۾ هئا پر مڪيه شاهراه تي هئڻ ڪري مٿس پاهريان اثر پوندا رهيا ۽ ان عقيدي ۾ ملاوٽ ٿيندي وئي ۽ اها نيٺ "درگا" جي صفتن واري ۽ "ناني" ديوي جي سڃاڻپ وٺي سامهون آئي. ٻيو نتيجو اهو نڪتو ته لاهوت واري ماڳ تي جيڪو فڪر پروان چڙهيو سو تخليق لاءِ مذڪر قوت کي ذميوار سمجهندڙ هو ۽ هتي ڪنهن به ديوي يا مونث سگهه جي ڪا به علامت نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن هن علائقي ۾ عقيدي جي تبديلي آئي، تڏهن به هن هنڌ ڪنهن مونث سگهه کي جاءِ نه ملي ۽ وري به هن ماڳ کي شِو جي جاءِ تي حضرت آدم سان منسوب ڪيو ويو.

## تخليق بابت اوائلي نظريا

هندو ڌرم جي اها خاص ڳالهه آهي ته ڪو به فرد پنهنجي مرضيءَ سان ڪو به ديوتا چونڊي ان جي پوڄا ڪري سگهي ٿو. هڪ ئي گهر جا ڀاتي مختلف ديوين يا ديوتائن جا پوڄاري ٿي سگهن ٿا ۽ ڪو به هڪٻئي جي عقيدي ۾ مداخلت ٿو ڪري. ان ڪري سماج ۾ ماڻهن مختلف ديوين ۽ ديوتائن جا جدا جدا مندر ٺاهيا، بالڪل ائين جيئن قديم يونان جي ديوين ۽ ديوتائن جا ٺهيا. اهو صحيح آهي ته يوناني يا هندي ديو مالائن ۾ ديوتائن جا هڪٻئي سان تڪرار ۽ جنگيون ڏيکاريون ويون آهن. پر اهو ديوتائن جو پنهنجو معاملو آهي جنهن سان پوڄارين جو واسطو نه آهي. هڪ طرف ديويون ۽ ديوتا انساني سماج جي مٿين طبقي مان ڪنيل ڪردار آهن، جن جا پاڻ ۾ تضاد به هوندا آهن ته ٻئي طرف پوڄاري عوام هئڻ جي ناتي انهن جي محلاتي/ ذاتي معاملن کان لاتعلق آهن.

مختلف ديويون يا ديوتا جيئن ته هڪ ئي وڏي قوت

(Absolute) جا مختلف مظهر سمجھيا وڃن ٿا تنھن ڪري اھي سڀ ڪنھن نہ ڪنھن طرح ڪائنات ۽ زندگيءَ جي تخليق، حفاظت ۽ تباھيءَ وارن عملن سان جڙيل آھن. اھي ٽي بنيادي عمل آھن جن کي اسان جديد فلسفي ۾ "جدليات" چئون ٿا. جنھن موجب پچ ڊاھ ۽ نئين سرجوڙجڪ جو عمل جاري آھي. پچ ڊاھ ۽ جوڙجڪ جو عمل ڇو ٿو ٿئي؟ ان عمل ۾ ڪير ڪير شريڪ آھن؟ اھي ٽي سوال فلسفي جا پھريان سوال آھن، جن تخليق، حفاظت ۽ تباھيءَ بابت عقيدن کي جنم ڏنو.

اوائلي انساني ذھنن ڪائنات ۽ زندگيءَ جي تخليق بابت ٽي نظريا قائم ڪيا. ١-ڪنھن مونث سگھہ (ماتا ديوي) ڪائنات خلقي آھي. ٢-ڪنھن عظيم پيءُ ڪائنات خلقي آھي. ٣-ڪنھن عظيم قوت پاڻ کي مذڪر ۽ مونث سگھن (+۽-) ۾ وري وري تقسيم ڪيو آھي ۽ باھمي ميلاپ ڪيو آھي. جنھن ڪري اھو سڀ ڪجھہ وجود ۾ آيو آھي،جنھن کي اسان جا حواس محسوس ڪن ٿا ياڻا ڪن.

دنيا جي مختلف ڇيڙن تي رھندڙ ماڻھن جڏھن ڪائنات جي وجود ۽ پنھنجي موجودگيءَ بابت پاڻ کان ۽ ھڪٻئي کان سوال ڪيا تہ انھن جي ذھنن ۾ ڏاڍا عجيب غريب جواب نھندا ويا. موسمي ۽ جاگرافيائي تبديلين سان گڏ حيوانن ۽ نباتيات مان پھچندڙ فائدن ۽ نقصانن کين سوچڻ تي مجبور ڪيو تہ پوءِ دليل ڊوڙايائون ۽ ڪي نہ ڪي نتيجا ڪڍي پاڻ کي مطمئن ڪندا رھيا. ان فطرت کي فلسفي ۾ "پاڻ پرچائڻ" چئجي. انسان جي فطرت آھي تہ جيستائين سندس ذھن ۾ پيدا ٿيل سوال جو ڪيس تسلي بخش جواب نہ ملندو آھي تيستائين بي چين رھندو آھي. ھي ڇا آھي؟ ھي ڇو آھي؟ اتي ڇا آھي. مختلف شين جو پاڻ ۾ ڪھڙو تعلق آھي؟ مختلف شين جو پاڻ ۾ ڪھڙو تعلق آھي؟ ڇا اھو پنھنجو پاڻ آھي. يا ڪنھن ٻئي ان کي تخليق ڪيو آھي؟ ھيءُ سڀ سوال اوائلي انسان جي سمجھہ کان تمام گھڻو مٿي ھئا. ظاھر آھي تہ کين ڪو بہ سائنسي جواب نہ ٿي ملي سگھيو. جڏھن انسان کي ڪنھن ڳالھہ جو سائنسي جواب نہ ملندو آھي تڏھن ھو ان جو پنھنجي سمجھہ موجب جواز ڳولھيندو آھي ۽ مطمئن ٿي ويندو آھي.

دنيا جي مختلف چيزن تي رهندڙ اوائلي انسانن بہ ڪائنات ۽ انسانن جي باهمي رشتي، جوڙجڪ ۽ تخليق بابت نظريا قائم ڪيا، جيڪي هڪ ٻئي کان مختلف هوندي بہ هڪجهڙا ٿي رکندڙ هئا. قديم سنڌ ۾ تخليق جي عقيدي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ دنيا جي ٻين قديم تهذيبن جي عقيدن ۽ اوائلي نظرين تي نظر وجهجي ۽ تقابلي جائزو وٺجي.

# قديم مصر جو عقيدو

" سڀ کان پهرين پاڻي هو، تڏهن ان تي هڪ بيدو يا ڪنول جو گل ٽڙيو. عرصي تائين اهو بيدو يا گل پاڻيءَ تي ترندو رهيو، تڏهن ان مان "آنوم" نڪتو. هن جا چار ٻار ٿيا. شُو ۽ طفنوت ۽ گيب ۽ نُوط. پوءِ شِو ۽ طفنوت پاڻ کي گيب ۽ نوط ۾ داخل ڪيو. گيب کي پنهنجي پيرن هيٺيان دٻائي نوط کي مٿي ڪيو اهڙي طرح زمين ۽ آسمان جيڪي پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا جدا جدا ٿي ويا."

"ماضي کي مزار" ۾ سبط حسن قديم مصر جو اهو نظريو جاڻائيندي ٻڌايو آهي تہ مصر جي تخليق واري ٻئي داستان ۾ "پتاح" نالي هڪ ديوتا جو ذڪر آهي، جيڪو قاهره کان ١٥- ميل ڏکڻ ۾ هڪ قديم شهر ممفس جو ديوتا هو. پتاح جي معنيٰ آهي "پاڻيءَ مان ظاهر ٿيل زمين" يعني پتاح آنوم جو ٻيو نالو آهي.

هڪ يا ٻہ هزار ق- م تائين مصر ۾ بهتر فصل حاصل ڪرڻ لاءِ پوکيءَ وقت انساني قرباني ڏني ٿي وئي. جيڪا دراصل وقت جي بادشاهہ جي قربانيءَ سان شروع ڪئي وئي ۽ پوءِ هوريان هوريان (فرعونن جي وقت ۾) بادشاهہ بدران سندس ڪو نمائندو قربان ڪيو ويندو هو. مصري آثارن مان (٤٤١٧-٤٥١٤ ق-م) لڌل هڪ تصوير ۾ قربان ٿيندڙ شخص کي ڪهڻ بدران نانگ کان ڏنگائي ان جا آنڊا گجيون ۽ جسم جا ٻيا حصا ٻنين ۾ دفن ڪيا ٿي ويا. ٻئي طرف مدينتہ الحبو جي آثارن ۾ هڪ پٿري تصوير ۾ فرعون راميسس ٽيون (٢٢٠٢ق-م) زمين کيڙيندو نظر ٿو اچي.

هندوستان ۾ پڻ اڄ کان اڍائي ٽي هزار سال اڳ تائين ساڳئي قسم جو تصور ملي ٿو. رامائڻ ۾ مٿرا جي مهاراجا جنڪ واري اها ڪٿا جنهن ۾ کيس زمين کيڙيندي " سيتا" ملي ٿي، ساڳئي عقيدي جي

پنهنجي جي ساٿ سان گڏ، مهاراجا زراعت جي ديوي/ديوتا جو زمين تي نمائندو سمجهيو ٿي ويو ۽ بادشاهه جي هر ڪيڙڻ سان ڏڪار جي ختم ٿيڻ جي اميد رکي ٿي وئي. ڪٿا موجب هڪ ڀيري مٿرا ۾ سخت ڏڪار پيو، ڏڪار ٽارڻ لاءِ مٿرا جي راجا جنڪ ٻنيءَ ۾ هر ڪيڙڻ جي رسم ادا ڪئي. زمين ڪيڙيندي هر هڪ هنڌ ڪنهن شيءِ ۾ ڦاسي پيو ته ان کي ڇڏائڻ لاءِ زمين کوٽي وئي. زمين کوٽڻ ڪانپوءِ ڏٺو ويو ته هر، ڪاٺ جي هڪ پيٽيءَ ۾ اٽڪي پيو هو. جڏهن اها پيٽي کولي وئي ته ان مان هڪ سهڻي ٻارڙي نڪتي، جيڪا گهري ننڊ ۾ هئي. راجا جنڪ ان ٻارڙيءَ کي پنهنجي ڌيءَ بڻائي پاليو ۽ هن جو نالو ”سيتا“ رکيو، ڇاڪاڻ ته اها هر ڪيڙيندي ملي هئي. سنسڪرت ۾ هر کي ”سيت“ چيو ويندو آهي.

سبط حسن، مصري ديوتائن حوريس ۽ ازريس جي تفصيلي ذڪر ۾ ڄاڻايو آهي ته، اٽڪل پوڻا پنج هزار سال ق-م ۾ ”ڳجهه“ قوم جا ماڻهو طاقتور ٿي ويا. جيڪي مصر جي وچين حصي ۾ آباد هئا. انهن جو مرڪز عبيدوز هو جيڪو ٿيز وٽ قائم هو. هتي حوريس ديوتا جو سڀ کان مقدس مندر هو. ۴۷۷۷ ق-م ۾ عبيدوز جي بادشاهه نارمر مينس اتر مصر جي ڊيلٽا ۾ ”نانگ“ قوم تي حملو ڪري سندن بادشاهه ساتت کي ماري وڌو. اهڙي طرح حوريس نانگ کي شڪست ڏني. سبط حسن ٻڌائي ٿو ته ڊيلٽا جي فتح کان اڳ مينس جي بادشاهه جي تاج ۾ باز جي شڪل هوندي هئي پر بادشاهت وٺڻ کانپوءِ ان ۾ نانگ جو اضافو ڪيو ويو. سبط، حسن باز ۽ نانگ قومن جي ميلاپ جو تفصيليٰ ذڪر ڪرڻ بعد سندن ڏند ڪٿائن ۾ ترميم جو تفصيلي ڏنو آهي، جيڪو اسانجي موضوع کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو. هو چوي ٿو ته جڏهن هوريان هوريان ننڍيون ننڍيون رياستون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿينديون ويون ۽ جيڪڏهن انهن جو اتحاد پرامن طريقي سان آيو ته قبيلن جي ديوتائن جو انهن جو عمرين ۽ درجي بندين جي حساب سان رشتو قائم ڪيو ويو. جيڪڏهن هڪ قبيلي جو ديوتا ۽ ٻئي قبيلي جي ديوي، عمر ۾ هڪ جيترا هئا ته انهن کي زال مڙس بڻايو ٿي ويو. جيڪڏهن عمر ۾ ننڍا وڏا هئا ته پيءُ پٽ وغيره بڻايو ٿي ويو. پر جيڪڏهن الحاق جنگ جي نتيجي ۾ عمل ۾ ٿي آيو ته هارايل قوم جو ديوتا شيطان يا نفرت ولوڙي هستي بڻجي ٿي ويو.

سو جڏهن ترميم ڪانپوءِ ديوتائن جو شجرو ٺاهيو ويو ته ان ۾ ساتت (بديءَ جي قوت) کي سندس ڀاءُ ازريس جو قاتل قرار ڏئي، اُزريس جي پٽ حوريس کان شڪست ڪارائي وئي. (بعد ۾ فرعونن پاڻ کي حوريس جا پٽ يا اوتار سڏائڻ شروع ڪيو) ان شجري جي تفصيل موجب سڀ کان اول اتوم (ٽڪنڊو دڙو) آهي جنهن مان شُو (هوا جو ديوتا) ۽ طفنوت (شُو جي زال ۽ نميءَ جي ديوي) پيدا ٿيا انهن مان گيب (زمين جو ديوتا) ۽ نوط (آسمان جي ديوي) پيدا ٿيا. انهن مان اُزريس، اِزيس، سانت ۽ نفتيس پيدا ٿيا. جڏهن ته ازريس ۽ ازيس مان حوريس ڄائو.

# ڪنعاني عقيدو

قديم عرب ۾، ملڪ ڪنعان (شام لبنان اردن ۽ فلسطين جا علائقا جنهن جو تهذيبي مرڪز هاٺوڪي شام واري علائقي ۾ يوگارت هو) جو ديوتا "بعل" فصل جي واڌاري جو ديوتا سمجهيو ٿي ويو. سبط حسن (حتيٰ تاريخ عرب ۽ انسائيڪلوپيڊيا آف مذهب و اخلاق جي حوالي سان) لکي ٿو ته، بعل ان ايراضيءَ کي به چئبو آهي جنهن کي برسات يا آبپاشيءَ جي ضرورت نه هجي پر ان کي زمين هيٺ وهندڙ چشما آباد ڪندا هجن ۽ جنهن مان ڪجهيءَ جو سڀ کان سٺو فصل لهي. "بعل" جي لفظي معنيٰ آقا به آهي. ڪنعاني ڪٿائن موجب بعل سمنڊ تي فتح حاصل ڪئي پر سندس سڀ کان وڏو طاقتور دشمن موت ديوتا هو. ايترو طاقتور جو بعل جو پيءُ ۽ ڪنعان جو قديم ترين ديوتا "ايل" (ابو الايل يا باب ايل يا بابل) به هن کان ڏنل هجي ٿو. ايل پاڻ به بعل کان اڳ تخليق ۽ افزائش جو ديوتا سمجهيو ٿي ويو. راس شمرا مان کوٽائي ڪانپوءِ مليل تختين مان جيڪا معلومات ملي ٿي تنهن مان ظاهر آهي ته هر سال گرميءَ جي مند جي ابتدا ۾ لڳندڙ ميلي ۾ جيڪو تخليق بابت ناٽڪ رچايو ويندو هو ان جو مرڪزي ڪردار "ايل" هو ۽ سندس لڪن "ايل" جي تخليق واري صلاحيت جي علامت بڻبو هو.

# يهودين جو عقيدو

هر عقيدو يا نظريو وقت سان بدلجندو آهي ۽ بين عقيدن ۽ نظرين سان واسطو پوڻ ڪانپوءِ ان ۾ ترميم ٿيندي آهي. سڄي دنيا ۾

تخليق جا نظريا ائين ئي تبديل ٿيندا آيا آهن. يهودي قوم وٽ ان نظرئي ۾ به پيرا ترميم ٿي ۽ خود يهودين جي سياسي برتريءَ سبب ڪنعان جو بعل ڏنڏلو ٿي ويو. اها ٻي ڳالهه آهي ته سندن خدا "يهوا" ڪنعان پهچڻ ڪانپوءِ ڪنعاني معاشري جي اثر سبب بعل جهڙو ڪردار ادا ڪرڻ لڳو ۽ برساتن، جهڙ ۽ ڪنوڻ جا واقعا هن سان منسوب ٿيا ۽ فصلن جي واڌاري جو ديوتا بڻجي ويو.

پراڻي عهدنامي يعني توريت ۾ پيدائش واري پهرين ۽ ٻئي باب ۾ لکيل آهي ته:

"خدا شروعات ۾ زمين ۽ آسمان کي پيدا ڪيو ۽ زمين بي ترتيب ۽ ويران هئي ۽ اونهائيءَ جي مٿان اونداهي هئي ۽ خدا جي روح پاڻيءَ مٿان آرو ڪيو. خدا چيو سوجهرو ٿئي ۽ سوجهرو ٿي پيو. خدا سوجهري کي اونداهيءَ کان جدا ڪيو. ۽ خدا سوجهري کي ڏينهن ۽ اونداهي کي رات سڏيو ۽ پهريون ڏينهن ۽ رات ٿيا. ٻئي ڏينهن خدا آسمان جوڙيو. ٽئين ڏينهن خشڪ زمين ۽ سمنڊ، گاهه ۽ ٻوٽا پيدا ڪيا. چوٿين ڏينهن رات ۽ ڏينهن جي حڪمرانيءَ لاءِ سج، چنڊ ۽ تارا خلقيا. پنجين ڏينهن پکي ۽ پاڻيءَ جي مخلوق خلقي. ڇهين ڏينهن خشڪيءَ جا جانور جيت جنتو ۽ ڍور پيدا ڪيا ۽ ستين ڏينهن خدا پنهنجي صورت تي انسان کي پيدا ڪيو ۽ نر ۽ ناري پيدا ڪيا." (تفصيل: پدائش ۱، کان ۲۷)

"هيءُ آسمان ۽ زمين جي پيدائش جو بيان آهي يعني جنهن ڏينهن خداوند زمين ۽ آسمان جوڙيو، اڃا تائين زمين تي ڪا به نباتيات ڪو نه هئي جو خداوند زمين تي مينهن نه وسايو هو ۽ نڪو انسان هو جو پوک ڪري. پر زمين مان ڪوهيڙو نڪرندو هو جنهن سان ساري زمين کي ريج ٿيندو هو ۽ خداوندا زمين جي مٽيءَ مان هڪ ماڻهو جوڙيو ۽ انهيءَ جي ناسن ۾ زندگي جا ساهه ڦوڪائين ته هو جيئرو انسان ٿي پيو ۽ خداوندا پرندي ڏانهن عدن ۾ هڪڙو باغ بڻايو ۽ ان ۾ انسان کي رکيو. عدن مان هڪ ندي نڪري چئن ڀاڱن ۾ ورهائجي وئي، فيسون، جيحون، دجله ۽ فرات، پوءِ خدا آدم لاءِ سندس جهڙو ٻانهن ٻيلي ڳولهڻ لاءِ سوچيو ۽ آدم تي گهري ننڊ موڪلي سندس پاسرين مان هڪڙي پاسري ڪڍي ۽ ان جي جاءِ تي گوشت ڀريو ۽ پاسريءَ مان هڪ عورت جوڙي آدم وٽ وٺي آيو. آدم چيو ته اها منهنجي هڏن مان هڏو ۽ ماس مان ماس

آهي تنهن ڪري هيءَ ناري سڌبي جو مان نر آهيان. انهيءَ ڪري مرد پنهنجي ماءُ پيءُ کي ڇڏي پنهنجي زال سان گڏجي رهندو ۽ اهي هڪ بدن ٿيندا (تفصيل پيدائش ٢)

سبط حسن "ماضي ڪي مزار" ۾ لفظ عدن بابت لکي ٿو ته اهو عڪادي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ چراگاهه آهي. عدن جي ڏنل نقشي مان ظاهر آهي ته اهو عراق جي دريا هن جو ذڪر آهي. آدم جي زال "حوا" جي لفظي معنيٰ عبرانيءَ ۾ "زندگي" آهي ۽ ساڳئي ڪتب جا ٻيا لفظ "حئي" ۽ "حيات" آهن. اهڙي طرح قديم يهودي ذهن ۾ به عورت زندگي جو سرچشمو بڻجي ٿي. پر تڏهن به يهودي معاشري ۾ عورت کي سدائين ثانوي حيثيت رهي آهي. سبط حسن حوا کي "نن تي" جي عبراني صورت سمجهي ٿو، جنهن جي معنيٰ آهي "زندگي جي عورت" "نن تي" جو ذڪر ناني هنگلاج تي بحث دوران اچي چڪو آهي.

# چينين جو عقيدو

٣٠-صدي ق - م جي هڪ داستان موجب تخليق، انتشار مان وجود ۾ آئي. اتر واري سمنڊ جو بادشاهه "هو" ۽ ڏاکڻي سمنڊ جو بادشاهه "شو" وچين سمنڊ جي بادشاهه "هون تون" جي علائقي ۾ وقت به وقت ملندا هئا. "هون تون" ڏسڻ، ڪائڻ ۽ ساهه کڻڻ کان معذور پر ڏاڍو مهمان نواز هو. هو ۽ شو ڪائنس خوش ٿي فيصلو ڪيو ته "هون تون "جي مٿي ۾ سوراخ ڪيا وڃن ته جيئن هو نيڪ ٿي وڃي. هنن ڇهن ڏينهن تائين روزانو هڪ سوراخ ڪيو پر ستين ڏينهن "هون تون" مري ويو "هون تون" جي معنيٰ انتشار آهي، ۽ "هو" "شو" جي گڏيل معنيٰ ڪنوڻ جو ڪڙڪو ۽ مکو آهي. هون تون جي مرڻ سان انتشار ختم ٿيو ۽ ڪائنات وجود ۾ آئي، جنهن لاءِ ڪنوڻ يا برساتي نظام ذميوار ٿيو.

بعد واري زماني ۾ پيدا ٿيل هڪ ٻئي نظرئي موجب : شروع ۾ "هون تون" ڪڪڙ جي بيدي وانگر هو ۽ ان وقت زمين ۽ آسمان جو وجود ڪونه هو. "هون تون" جي پيٽ ۾ "پان ڪو" هو. ١٨ هزار سالن ڪانپوءِ بيدو ڦٽو ۽ ان جي اندر جو هلڪو ۽ چمڪندڙ حصو آسمان ۽ ڳرو اونداهو حصو زمين بڻجي ويو. پوءِ ١٨- هزار سالن تائين آسمان روزانو ١٠ فٽ مٿي ٿيندو ويو ۽ زمين

جو ته روزانو ١٠ فٽ ٿلهو ٿيندو ويو ۽ "پان ڪو" جيڪو ٻنهي جي وچ ۾ هو روزانو ١٠ فٽ وڌندو ويو. انڪري آسمان ۽ زمين جي وچ وارو فاصلو ٩٠ - هزار لي يا ٣٠ - هزار ميل ٿي ويو.

"پان ڪو" جي مرڻ بعد سندس جسم جا مختلف حصا ڪائناتي مظهرن ۾ تبديل ٿي ويا. سندس مٿي مان جبل، ساڄي اک مان سج، کابي اک مان چنڊ، ساهه مان هوا ۽ جهڙ، آواز مان گوڙ ۽ ڪڙڪو، رت مان درياهه ۽ سمنڊ، گوشت مان مٽيءَ جا تهه ۽ ساوڪ، وارن مان تارا ۽ گرهه، ڏندن ۽ هڏين مان پٿر ۽ ڌاتو، پگهر مان برسات ۽ سندس جسم سان چنبڙيل جوئن مان انساني نسل شروع ٿيو.( نيو هسٽري: اين اينڊ وي راجندرا، باب قديم چين جي ڪهاڻي)

سبط حسن ٻڌائي ٿو ته "نوڪوا" ديوي انساني تخليق جو عمل اڪيلي سر ڪري ٿي پر پوءِ جڏهن مادري نظام جي جاءِ تي پدري نظام رائج ٿيو، تڏهن فوهسي (Fu-hsi) به ڪم ۾ شريڪ ٿيو. پر جڏهن پدري نظام گرفت مڪمل ڪئي ته تخليق جي عمل مان عورت بنهه غائب ٿي. هڪ وڌيڪ روايت موجب "پان ڪو" ڪائنات ۾ موجود شين جي استعمال ۽ انهن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ مرد ۽ عورت جا بت ٺاهيا ۽ ان عمل ۾ هڪ ڏينهن لڳو. جيئن ئي بت سڪا ته انهن ۾ يين (yin) ۽ يانگ(yang) جي قوت اچي وئي. دراصل قديم چيني فڪر ۾ يين ۽ يانگ ڪائنات جي جدلياتي تشريح آهن جيڪي هڪبئي جي ابتڙ صفتن جا مالڪ آهن ۽ انهن جي پاڻ ۾ تعلق سبب تبديليون اچن ٿيون. يانگ، مثبت فاعل ۽ مذڪر قوت آهي ۽ يين، منفي مفعول ۽ مونث قوت آهي. هڪ ٻي مختصر ڪٿا موجب: خدا بيدي جي روپ ۾ هو جنهن جي ڦاٽڻ سان زمين ۽ آسمان ٺهيا. هي ٻئي پوءِ مرد ۽ عورت هئا، يعني يانگ ۽ يين.

قديم جپانين جي خيال ۾: هڪ آسمانيءَ مرد ۽ آسماني عورت، آسمان جي ست رنگي انڊلٺ کي پل بنائي زمين تي لٿا هئا. ان وقت زمين صرف پاڻيءَ جي صورت ۾ هئي. ان مان هڪ پاڙ ايري جيڪا وڌي ٻيٽ ٿي پئي.

## آرين جو عقيدو

آريا قبيلي جو اباڻو وطن وولگا درياهه ۽ سردريا جي وچ

وارو علائقو هو. هندي آرين جو سڀ کان مقدس ڪتاب رگ ويد (۱۵۰۰ کان ۱۰۰۰ ق م ) سنڌ ۾ مرتب ڪيو ويو. ان ۾ موجود ۱۰۱۸ پڇنن ۾ باھ ، سج ، هوا ، اندر ھين ديوتائن جون تعريفون ڪيل آهن. ان ۾ تخليق بابت ٻہ ٽي نظريا ڏنل آهن. هڪ واقعي موجب جنهن لاءِ سبط حسن چوي ٿو تہ اهو سنڌو ماٿري سان تعلق رکندڙ آهي، جنهن ۾ آرين کي مقامي ماڻهن سان وڙهڻو پيو هو. ان نظرئي موجب هتي هڪ قوم "اسر" رهندي هئي. اسر جي معنيٰ آهي جيئري قوت. ان قوم جي سردار جو نالو "ورتر" هو جيڪو هڪ خطرناڪ راڪاس هو. هن جي ماءُ جو نالو "دانو" (ضبط ۽ تحمل) هو. اسر قوم جو ٻيو سردار "ادتيا" نيڪ هو ۽ اهو اديتي (آزادي) جو پٽ هو. سبط حسن لکي ٿو تہ ، تڏهن سنڌو ماٿري ۾ مادري نظام رائج هو تنهن ڪري رگ ويد ۾ ورتر ۽ ادتي جو پيئرن جو ذڪر ناهي. ورتر ۽ ادتيا پاڻ ۾ وڙهندا ٿي رهيا. هڪ ڀيري جڏهن ادتيا هار کائڻ لڳو تہ اندر (طاقت) کي سڏيائين . اندر ڌرتي ۽ آسمان جو پٽ هو. هو ان وقت پيدا ٿيو هو جڏهن زمين ۽ آسمان ڳنڍيل هئا. اندر جو سوم رس پيتل هو جيڪو ڌرتيءَ جي ڇاتيءَ مان نڪرندو هو جنهن ڪري منجهس ايتري قوت اچي وئي هئي جو آسمان ڌڪي زمين کان پري هليو ويو هو ۽ زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ اندر جو راڄ ٿي ويو هو. نظريو چوي ٿو تہ اندر پاڻ کي آقا مڃائڻ جي شرط بعد بجليءَ جو ڀالو (وجر) کڻي ورتر سان وڙهڻ نڪتو پر ورتر هڪ وڏي نانگ جو روپ ڌارڻ ڪيو پر اندر ڪيس سچاتو ۽ وجر هڻي سندس پيٽ ڦاڙي وڌو ،جنهن مان هڪ ڏکي ڳئون نڪتي ۽ ان ڳئونءَ سج کي جنم ڏنو.

رگ ويد موجب جڏهن عدم وجود مان وجود ٿي چڪو تہ آسمان جي ڇت ۾ سج لاءِ رستو ٺاهيو ويو ۽ پاڻيءَ بہ آسمان جو رستو ورتو. هر شيءِ جو قانون مقرر ٿيو ۽ اهڙي طرح ورونا تخت تي ويٺو ، هو ادتيائن (وجود) جو سردار هو ، پوءِ اندر ۽ ٻين ديوتائن تخليق جو جشن ملهايو ۽ رقص ڪيو ۽ پهريون ماڻهو پيدا ٿيو.

رگ ويد ۾ ڄاڻايل ٻئي فلسفي موجب نارائڻ هڪ هزار سالن تائين بيدي تي ليٽيل رهيو ۽ اهو بيدو سمنڊ تي ترندو ، رهيو. تڏهن نارائڻ جي دن مان ڪنول جو هڪ گل نڪتو جيڪو هزارين

سجن ڪان وڏيڪ چمڪيلو هو. اهو ايترو ته وڏو هو جو سڄي ڪائنات ان ۾ اچي وڃي. ان ڪنول مان برهما نڪتو جيڪو پنهنجو پاڻ پيدا ٿيو ۽ هن ۾ نارائڻ جي طاقت هئي ۽ انهيءَ طاقت سان برهما دنيا جون سڀ شيون پيدا ڪيون ۽ انهن کي شڪليون ۽ نالا ڏنا. ليڪ هڏائي ٿو ته رگ ويد ۾ ڪائنات جي خالق لاءِ پرجاپتي، وشو ڪرما، پوروش (پرش) ۽ برهما جا نالا استعمال ٿيا آهن. هڪ هنڌ لکيل آهي ته، "جڏهن ديوتائن قربانيءَ ۾ پرش جي پيٽ ڏني ۽ پرش جا ٽڪر ڪيا ته هن جي وات مان برهمڻ ٺهيا، هنهي ٻانهن ما ڪشتري، هنهي ڙانن مان وئش ۽ پيرن ما شودر ٺهيا. چنڊ، هن جي دماغ مان، سج اکين مان، وات مان اندر ۽ اگني ۽ ساهه مان وايو پيدا ٿيا. انهن هنهي نظرين جو تضاد پنهنجي جاءِ تي، پر پرش شڪتا يا "انسانن جو گيت" نالي هيءُ پويون پڇن بعد واري وقت ۾ شامل ڪيل سمجهيو وڃي ٿو.

# قديم ايرانين جو عقيدو

آرين جي پوئين نظرئي سان ملندڙ آهي. يعني: هرمزهڪ انسان نما جسم جا ٽڪر ڪيا. مٿي مان آسمان ٺاهيو، پيرن مان زمين، لڙڪن مان پاڻي، وارن مان نباتيات، ساڄي هٿ مان ڏاند ۽ دماغ مان باهه تخليق ٿي.

پر جامع نظرئي موجب: هرمز آسمان تي هو ۽ نقصان ڏيندڙ اهرمن ظلمت جي گهراين ۾ هو. سندن وچ ۾ خلا هئي. هرمز کي اهرمن جي وجود جي خبر هئي ۽ اهو به پتو هو ته اهو سندس وجود ۾ ضم ٿي ويندو. ڪيس اها به خبر هئي ته اهرمن ڪٿي ۽ ڪهڙو هٿيار استعمال ڪندو. هرمز اهڙي شيءَ تخليق ڪئي جيڪا بچاءُ لاءِ ضروري هئي. ٽن سالن تائين تخليق ان منزل ۾ رهي. تخريب پسند روح کي هرمز جي وجود جي خبر نه هئي، تڏهن هو پاتال مان نڪتو ۽ ان سرحد تي پهتو جتان روشنيون نظر اينديون آهن. هن هرمز جي نور کي ڏسي، نور کي مارڻ لاءِ الر ڪئي پر جڏهن ڪيس هرمز جي وڏيڪ سگهاري هئڻ جو احساس ٿيو ته وري پاتال ڏانهن ڀڄو ۽ اتي گهڻا ڀوت خلقيا، پر هرمز رتو چاڻ ڪان بچڻ لاءِ اهرمن سان ٩٠- هزار سالن تائين صلح ڪيو. ان دوران هن پهرين تمام وسيع ۽ روشن آسمان خلقيو جنهن جا چيڙا هڪهئي

ڪان گھٽو پري ھٺا. پوءِ ھن آسمان جي مسالي سان پاڻي خلقيو پوءِ پاڻيءَ مان زمين خلقي، جيڪا گول آھي ۽ آسمان جي وچ ۾ آھي. ھن زمين ۾ ڌاتو ۽ جبل پيدا ڪيا، جيڪي پوءِ ڌرتيءَ مان ظاھر ٿي اوچا ٿي ويا. ھن زمين ھيٺ ھرطرف پاڻي آھي. چوٿين تخليق ٻوٽا آھن، پنجين تخليق ڍڳو آھي ۽ ڇھين گايومرت پھريون ماڻھو آھي. ھن ڍڳو ۽ ماڻھو مٽيءَ مان پيدا ڪيا. ھن آسمان جي روشني ۽ تازگيءَ سان ماڻھن ۽ ڍڳن جو ٻج ٺاھيو ۽ سندن جسمن ۾ وڌو جيئن ماڻھن ۽ مال جي افزائش ٿيندي رھي.

## قديم سنڌو ماٿريءَ جي ديو مالا

قديم عراق ۾ سڀ کان پراڻيون مورتيون جرمو ۽ حلاف ۾ مليون آھن ۽ اھي زرعي ۽ مادي دور جون آھن. انھن مورتين جو اڀريل پيٽ ۽ ٻيون جسماني نشانيون ڪين گرڀ وتيون ظاھر ڪن ٿيون. سماج جي ارتقا واري علم جا ماھر ثابت ڪري چڪا آھن تہ زراعت جي دريافت عورت جو ڪارنامو آھي. تنھنڪري اوائلي انسان "تخليق" لاءِ عورت کي ذميوار سمجھيو ۽ ڇاڪاڻ تہ عورت ٻار پيدا ڪري ٿي تنھن ڪري تخليق جي ڪائناتي عمل سان ھڪجھڙائي محسوس ڪندي اھو نظريو قائم ڪيو ويو تہ عورت مرد کان وڌيڪ "تخليق" جي عمل بابت ڄاڻ رکي ٿي. جيمس فريزر سندس ڪتاب ۾ آمريڪا جي "نيڪو" قبيلي جو ذڪر ڪندي ان "نظرئي "جي تصديق ڪئي آھي. ھو چوي ٿو تہ، جڏھن ھڪ پادريءَ قبائلين کي اھو چوڻ چاھيو تہ عورتن کان سخت اس ۾ زرعي ڪم وٺڻ ۽ انھن کي مردن طرفان مدد نہ ملڻ ظلم آھي تہ قبائلين کيس چيو تہ، "توھان اھا ڳالھ نٿا سمجھو، ڇوتہ عورتون ٻار پيدا ڪنديون آھن ۽ مرد ٻار پيدا نہ ڪندا آھن. جڏھن عورتون ٻج پوکين ٿيون تہ ٻيٽي ۽ ٻيٽي پيداش ٿئي ٿي، توھان ٻڌايو تہ ائين ڇو آھي؟ انڪري جو عورت ٻار ڄڻڻ ڄاڻي ٿي - نيٺ بہ عورت کي پيداش متعلق مرد کان وڌيڪ ڄاڻ آھي."

دراصل ڌرتي ماتا جون مورتيون انساني سماج ۾ مادري دور ۽ ابتدائي زرعي دور ۾ ايجاد ٿيون آھن. مادري نظام تي پدري نظام ان وقت غالب ٿيو آھي جڏھن ھر ايجاد ٿيو ۽ زرعي دنيا ۾ انقلاب اچي ويو. ھر جي ايجاد سان زراعت جي شعبي تي مرد قابض ٿيو

جاڪاڻ تہ هر ڪيڙن لاءِ گهربل جسماني سگهہ عورت وٽ نہ هئي. انڪري اهو چئي سگهجي ٿو تہ مادري سماج ۾ عورت گهريلو معاملن ڪان زرعي پيداواري معاملن تائين اڳواڻي ڪندڙ هئي، جن مان پوئين شعبي جي اڳواڻي هر جي ايجاد کانپوءِ کسجي وئي. سرجان مارشل مهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان لڌل مورتين تي بحث ڪندي چيو تہ سنڌ ۽ بلوچستان مان لڌل اهڙيون مورتيون عراق، شام، فلسطين ۽ ٻين علائقن مان لڀجندڙ مورتين جهڙيون آهن. هو چوي ٿو تہ، "ديوي ماتا جي پوڄا سڄي الهندي ايشيا ۾ دوردور تائين عام جام هئي ۽ سنڌو تهذيب جي مختلف آبادين ۽ بستين مان نڪر جا نهيل بلڪل اگهاڙي عورت جا جيڪي ننڍا مجسا لڌا ويا آهن. سي شايدان ئي ديوي جي نمائندگي ڪن ٿا. پر هن خيال لاءِ ڪوبہ سبب ڪونهي تہ اهو مذهب الهندي طرف کان سنڌ ۾ درآمد ڪيو ويو هو، ڇاڪاڻ اهو ذري گهٽ سڄي هندوستان جي انسڊريل قومن ۾ اڄ تائين عام آهي. تنهن ڪري ان کي مقامي ... سمجهڻ گهرجي. ان جي برعڪس اسان ڪي ايئن سمجهڻ گهرجي تہ "ٻاهر" جي مٽانهن پٽن ڪان هتي وارد ٿيل "نئين" قوم ۽ هتان جي ميدانن ۾ اصل رهندڙ قديم قوم جي وچ ۾ سنڌن پهرين ٽڪراءِ کان گهڻو اڳ ۾ سنڌن مشترڪ پوڄا جي اها هڪ شيءِ موجود هئي. (سنڌو تهذيب،ان جو اسرڻ ۽ ڦهلجڻ - لئمبرڪ) مين . دي فالن ايپ (Man the fallen ape) جي ليکڪ برانڪو بوڪن سنڌو ماتريءَ جي تهذيب بابت پنهنجو خيال ظاهر ڪندي چيو آهي تہ جڏهن هڙپہ تهذيب پنهنجي عروج تي پهتي تڏهن (١٧٠٠-ق - م) (اهو سن درست نہ آهي. حقيقي دور ٢٣٠٠ق-م کان ١٧٠٠ ق-م تائين سمجهيو وڃي ٿو.) زندگيءَ جو وهنوار "عظيم ديوي" جي هٿ ۾ هو . ڇاڪاڻ تہ فقط مادري نظام واري سماج ۾ ئي ان حد تائين ڪم هلي سگهيو ٿي. فريزر ۽ سبط حسن ان جا قائل نظر اچن ٿا تہ اهي مورتيون پوڄيون تہ وينديون هيون پر انهن جو استعمال زرعي اپت وڌائڻ لاءِ سائن ۾ ٿي ٿيو. سبط، نڪوبار ٻيٽن جي ماڻهن جي اعتقاد جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن موجب جيڪڏهن ڪا گرڀ وتي ٻنيءَ ۾ ٻج پوکي تہ فصل تمام ڀلو ٿيندو آهي. هڪ ٻئي مثال ۾ ذڪر انليءَ ۾ ساڳيو عقيدو ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن تہ قديم يونان ۾ وهم پرست ماڻهو اناج ۽ زمين جي ديويءَ کي گرڀ

وتيءَ جي قرباني ڏيندا هئا. سبط حسن "مرڪنديه پوراڻ" ۾ پيداوار جي ديوي جا ٻول ڏنا آهن، جن ۾ هوءَ چوي ٿي ته، "ان کانپوءِ اي ديوتا آئون سڄي جڳ کي زندگي ڏيندڙ ٻاڄيون ڏينديسن. اهي ٻاڄيون تيز برسات ۾ منهنجي جسم مان ڦٽنديون ۽ مان زمين تي ساوڪ پيدا ڪندڙ سڏبيس." هيءَ اهو ساڳيو تصور آهي جيڪو ساڍا چار هزار سال اڳ واري سنڌو ماٿريءَ جي ٻن مهرن تي اڪريل آهي جنهن ۾ هڪ عورت کي مٿي پر ڏيکاريو ويو آهي ۽ هنجي ٻنهي ٽنگن جي وچ مان ٻوٽو ڦٽي رهيو آهي.

هڪ مهر تي هڪ مرد ۽ عورت جي تصوير آهي. جنهن ۾ مرد جي هٿ ۾ ڏاٽي جي شڪل وارو چاقو آهي ۽ عورت مرد کان زندگيءَ جي امان پنئي گهري. محققن ان تصوير مان اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته عورت کي ڌرتي ماتا جي اڳيان قربان ڪيو پيو وڃي.

موهن جي دڙي واري تهذيب مان لڌل مهرن جو گهوڙهو اڀياس ڪري سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب جا ڪي مکيه جزا لهي سگهجن ٿا. جيڪڏهن لڌل مهرن تي تفصيلي نظر وجهبي ته صاف نظر ايندو ته انهن ۾ گهڻائي انهن مهرن جي آهي جن تي جانور يا وڻ اُڪريل آهن.جانورن ۾ ڏاند سڀني کان واضح آهي، جيڪو سنڌ ۾ زراعت لاءِ انسان جو ٻانهه ٻيلي آهي ۽ اهو ٿي ٻهڻ جي دڙي جي ديوي توڙي ديوتا جي تاج ۾ مکيه جاءِ والاري ٿو. لڌل مهرن ۾ نظر ايندڙ ديوي ۽ ديوتا جي مٿي مان ڏاند جهڙا سڱ نڪتل ڏيکاريل آهن. ڏڳو، سڄي دنيا ۾، خاص ڪري سنڌ ۾ زراعت سان لاڳاپيل جانور آهي، جيڪو هر ڪيڙڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. ڏڳو شو مهاديو جي سواري به آهي. پاڪستان آرڪيالاجي کاتي جي مسٽرعبدالعزيز فاروق سنڌس ليڪچر(Development of Indian civilisation & its relation ship with brahmanical concepts) (8- مئي 1990 ڪراچي نيشنل ميوزم ) ڏڳي، شو ۽ مهن جي دڙي بابت تفصيلي بحث ۾ چيو آهي ته اڄ به شو جي مندرن ۾ ڏڳي جي پوڄا عام آهي ۽ ڏڳي جي اهميت زرعي ديوتا جهڙي آهي، جنهن جي مجسمن کي مندرن ۾ هار وڌا وڃن ٿا. سندس چوڻ آهي ته شو جي علامت "لنگم" هر سان مشابهت رکندڙ آهي، جڏهن ته لفظ "لنگم" سنسڪرت جي لنگولا (Langula) مان ورتل آهي. جنهن جي ٻي معنيٰ "هر" آهي. هو چوي ٿو ته شو جا ١٨- سئو نالا آهن، جن مان

مهيشورا، چندر سيڪرا، متن جاوا، سري ڪنتا ۽ ٻيا انيڪ نالا سنڌس زراعتي نالا آهن. هن پنهنجي ليڪچر ۾ "وڻ پوڄا" جو ذڪر به ڪيو، جيڪا اڄا تائين بنگال ۾ عام آهي. هن ديويءَ جي پوڄا لاءِ بهار جي منڊ واري وقت ڏانهن به ڌيان ڇڪايو، جيڪا اصل ۾ زراعت لاءِ مناسب ترين گهڙي آهي. انهيءَ ليڪچر مان ڪن تفصيلن جو ذڪر هن پنهنجي مضمون A note on Examukha_" "stone linga ۾ به ڪيو آهي، جيڪو جرنل آف سينٽرل ايشيا واليوم X1 نمبر - ٢ ڊسمبر ١٩٨٨ ۾ ڇپيو آهي.

هوڏانهن مهن جي دڙي وارين مهرن ۾ ڪي خيالي جانور به ڏيکاريل آهن، جيڪي يقيني طور تي مذهبي جاءِ وارين ٿا. عام جانورن ۾ سان، ڍڳو، هاٿي، شينهن، واڳون ۽ ٻڪر نظر اچن ٿا. جڏهن ته هڪ خيالي جانور جي نراڙ مان هڪ سڱ ڦٽل آهي. ساڳيو هڪ سڱو جانور هڪ وڏيڪ سهڻي مهر تي نظر ۾ اچي ٿو. ان مهر ۾ گهيٽي جي سڱن وانگر وريل سڱن جون نوڪون اهڙي طرح ڏيکاريل آهن جو ٻنهي سڱن تي جدا جدا هڪ سڱو جانور نظر اچي ٿو. هڪ مهر ۾ اهڙو جانور ڏيکاريل آهي جنهن کي ڏاند جهڙا سڱ، هاٿيءَ جهڙي سونڊ، اوڳاريندڙ جانور جهڙا کر ۽ جسم تي شينهن جهڙا پٽا آهن. هڪ مهر تي اهڙي ڍڳي جهڙو جانور آهي جنهن کي ٽي منڍيون آهن، جن مان هڪ منڍيءَ تي جابلو ٻڪر وانگر سڱ آهن، ٻي منڍيءَ جا سڱ اڳتي وريل آهن، جڏهن ته ٽين منڍي جا سڱ ڏاند جهڙا آهن. هڪ مهر ۾ به شينهن وڙهندا نظر پيا اچن جن مان هڪ ٻئي کي ڪيرائي وڌو آهي. هڪ مهر ۾ هڪ اهڙو خيالي جانور آهي جنهن جو اڳيون ڌڙ انسان جهڙو ۽ پويون شينهن جهڙو آهي. اهڙي شبيهه هندو ديومالا ۾ نرِاسنگها جي آهي، جيڪو وشنوءَ جو اوتار هو.

مختلف مهرن ۾ فصل جي ديويءَ کي ٻڪر جي پيٽا ڏيندي ڏيکاريو ويو آهي. ٻه اهڙيون مهرون به لڌيون ويون آهن. جن کي "دي روٽس آف اينشنٽ انڊيا" جو ليکڪ والٽر فيئر سروس ديوتا جهڙي سگهه رکندڙ يا جانورن جي روح کي ظاهر ڪندڙ چوي ٿو. انهن ۾ وڇونءَ يا ڪنهن جيت کي مرڪزي حيثيت آهي. انهن مان هڪ مهر ۾ شينهن، هاٿي، مينهن ۽ گينڊو وڇونءَ جي ٻنهي پاسن کان ڏيکاريل آهن.

انهن ۾ ڪي اهڙيون مهرون بہ آهن جن مان قربانيءَ جي رسمن جو پتو پوي ٿو. هڪ مهر ۾ هڪ ٻوٽو ڏيکاريل آهي. جنهن ۾ فصل جي ديوي ڏيکاريل آهي، ٻانهن ۾ ٻانهيون ۽ مٿي تي ڏاند جي سڱن وارو چٽ اٿس. ٻوٽي آڏو هڪ پوڄاري يا پوڄارڻ گوڏن ڀر جهڪيل آهي ۽ لڳي ٿو تہ اها ديويءَ کي قربانيءَ لاءِ آندل ٻڪر (جيڪو پوڄارڻ جي پويان بيٺل آهي) آڇي پئي. پوڄارڻ/ پوڄاريءَ کي پڻ ديويءَ جهڙو چٽ پاتل آهي، ان منظر آڏو هڪ مهر ۾ ست ۽ ٻئي ۾ ڇهہ عدد عورتون بيٺل آهن. (هڪ مهر ۾ عورتن کي چوٽيون بہ ڪيل آهن) ۽ اهي جانور آڇڻ واري رسم ڏسي رهيون آهن. ساڳيءَ طرح گم ٿيل درياهہ سرسوتيءَ جي ڪناري ڪالي بينگڻ (Kalibangan)ماڳ مان لڌل ڪيڪ جهڙي هڪ ٽڪر تي ٻڪر جي قربانيءَ جو نقش اڪريل آهي.

هڪ ٻي مهر ۾ هڪ وڻ، ڍڳي جي روپ ۾ ديوي ۽ هڪ شينهن اهڙي طرح ڏيکاريل آهن جنهن مان لڳي ٿو تہ اها ديوي (ڍڳي جهڙن) سڱن سان شينهن تي حملو ڪري رهي آهي ۽ شينهن مخالف رخ ۾ ڊنل حالت ۾ پيو وڃي. شينهن جو چهرو پوئتي، ديوي ڏانهن مڙيل آهي ۽ اڳيان پير هوا ۾ آهن. ديويءَ جي پويان بيٺل وڻ جون بہ ٽاريون ڪٽل آهن، جڏهن تہ شينهن جي مٿي سان بہ ٽاريون سڱن وانگر نظر اچن ٿيون. جنهن مان اهو خيال ذهن ۾ ابري ٿو تہ وڻن ۾ واسو ڪيل بديءَ جي قوت وڻ کي نقصان پهچايو آهي ۽ ديوي ان کي مارڻ چاهي ٿي. هڪ ٻي مهر ۾ ساڳي ديوي- فاتحاڻي انداز ۾ هڪ هٽ مٿي ڪٽي بيٺي آهي. ٻنهي مهرن ۾ نظر ايندڙ هيٺيون ڌڙ ڏاند جهڙو آهي. جڏهن تہ مٿي تي سڱ بہ اٿس. هڪ ٽين مهر ۾ هڪ طاقتور ڪردار (عورت يا مرد) ٻن شينهن کي نڙگهٽ مان جهلي بيٺو آهي ۽ ٻئي شينهن بي وس پيا ڏسجن. والٽر فيئر سروس ذڪر ڪيل پهرين ٻن مهرن ۾ نظرايندڙ عورت (ديوي) کي خول پاتل سمجهي ٿو، جڏهن تہ ٽين تصوير کي ميسوپوٽيما مان ظاهر ٿيل هڪ ڪردار گلگميش سان هڪ جهڙائي رکندڙ طاقتور ماڻهو جهڙو سمجهي ٿو. هڪ مهر ۾ ٻيلي جهڙو ماحول آهي. مهر جي کاٻي پاسي ديويءَ واري وڻ جهڙو نشان چٽيل آهي، ان جي پر ۾ هڪ شينهن آهي جيڪو پوئتي مڙي ٻن سگهارن ماڻهن وچ ۾ ٿيندڙ تڪرار (؟) ڏسي

رهيو آهي. ينهي ماٺهن وڻ پاڙئون پٺيءَ ڪلهن تي ڪتيا آهن ۽ الر واري انداز ۾ آهن. ٻنهي جي وچ ۾ ديوي بيٺل آهي ۽ ڪين وڙهڻ ڪان منع(؟) پئي ڪري. مهر تي وچ ۾ هڪ وڻ آهي جيڪو ٻيلي جو ماحول پيدا پيو ڪري.

مهرن تي ملندڙ ڏرتي ماتا ڪانسواءِ ٻي اهم مرداڻي مورتيءَ کي جان مارشل "شو" سان مشابهت رکندڙ قرار ڏئي ٿو. هن ديوتا کي لاڙي ڏِڳي جهڙا سڱ آهن. مٿي تي مهن جي دڙي مان لڌل ديوي ماتا جي نڪرائين مورتيءَ ۾ ڏيڪاريل چٽ جهڙو چٽ اٿس ۽ ٻنهي پاسن ۾ مڪمل ٻانهيون اٿس. اهڙي طرح ان راءِ کي هٿي ملي ٿي ته آرين جي آمد ڪان اڳ شِو، جنهن ديويءَ جو همعصر آهي، اها ڏرتي ماتا آهي، جنهن جو وجود مهن جي دڙي ۾ به هو ۽ جيڪا هنگلاج ۾ به آهي.

مهن جي دڙي مان لڌل هن مهر تي چيپل هيءَ ديوتا هڪ تلهي تي پلٿي هڻي ويٺل آهي. ويهڻ جو سچو انداز يوگ آسڻ وارو آهي. شو کي مها تپا ۽ مهايوگي به چيو وڃي ٿو. ان ڪانسواءِ ماهرن جي اها راءِ به آهي ته يوگ آرين کان اڳ جو تصور آهي جنهن سان اندر اجروتئي ٿو. مهن جي دڙي واري پوڄاريءَ جو مجسمو پڻ غور ۽ فڪر جي علامت آهي. هن ديوتا جي چوڌاري ڪيترائي جانور نظر اچن ٿا. جنهن مان ديوتا جي "جانورن جو ديوتا" هجڻ جو امڪان اپري ٿو. شِو جو هڪ لقب "پسو پتي" آهي. جنهن جي معنيٰ جانورن جو پالڻهار آهي. مهر تي شينهن، سانهه، گينڊو، هرڻ ۽ هاٿي ڏسي سگهجن ٿا. جڏهن ته جانورن سان گڏ انساني شبيهه به نظر اچي ٿي. پسو مان مراد حيوان آهي. بهرحال، شو جي هيءَ شبيهه ڪيس آرين کان اڳ چوپاين تي قدرت رکندڙ ديوتا ثابت ڪري ٿي. "قرون وسطيٰ ۾ هندوستاني تهذيب" نالي ڪتاب ۾ هيراچند اوجها سندس ليڪچر "مذهب ۽ معاشرت" واري باب ۾ چئن اکرن ۾ لکي ٿو ته "شِو فرقي جا ماڻهو مهاديو کي عالم جو خالق، رازق ۽ هلاڪ ڪندڙ سمجهن ٿا. يوگ، اپياس ۽ رڳن ملڻ کي ضروري سمجهن ٿا ۽ نجات جا قائل آهن." ساڳئي باب ۾ اوجها ڄاڻائي ٿو ته شو جي پوڄارين جا ڇهه نشان آهن. مالا، زيور، ڪنڊل، رتن، رک ۽ جڻيو. مهن جي دڙي مان لڌل مهر تي شِو جي تصوير مان اسانکي انهن مان اڪثر نشانيون نظر اچن ٿيون.

جڏهن تہ محترم تاج صحرائيءَ سندس ڪتاب "سنڌو تهذيب" ۾ ڪوٽڏيجيءَ جي ڪوٽائيءَ مان لڌل چٽن واري هڪ چاڏي تي چٽيل "سڱن واري ديويءَ" ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، جيڪا خوشحاليءَ جي خواهش کي ظاهر ڪري ٿي ۽ ڏڏ واري چاڏيءَ مان وڏيڪ مکڻ حاصل ڪرڻ لاءِ خوشحاليءَ واري "ديوي ماءُ" جي وجود کي پڌرو ڪري ٿي.

شو ۽ پاربتي جي زرخيزيءَ سان منسوب هڪڙ جو هڪ مثال جيمس فريزر "دي گولڊن بو" ۾ وڻن جي روح کي مارڻ واري باب ۾ ڄاڻايو آهي تہ "هندوستان جي ڪانگڙا ضلعي ۾ چيٽ جي منڊ (مارچ اپريل) ۾ هڪ رسم ملهائي ويندي آهي جنهن کي "رالي ڪاميلہ" سڏيو ويندو آهي. رالي، شو يا پاروتيءَ جو مٽيءَ مان ٺهيل ۽ چٽيل هڪ مجسمو هوندو آهي ۽ ڇوڪريون ان جا سوڻ ادا ڪنديون آهن. اها تقريب سڄو مهينو هلندي آهي . ان رسم ۾ واضح طور تي شو ۽ پاروتيءَ کي زرخيزيءَ جو ديوتا ۽ ديوي سمجهيو وڃي ٿو، جو سندن مجسمن کي سائي گاهہ، پنن ۽ ٽارين تي ويهاريو وڃي ٿو. ساڳي وقت هن رسم جو مقصد ڇوڪرين لاءِ مرضيءَ موجب مڙس ڳولڻ بہ هوندو آهي. ڦڳڻ( مارچ بهار ) جي مهيني ۾ "شو راتڙي" وارو تصوار زرخيزي سان شو جي نسبت جو بيو مثال آهي، جڏهن خاص شو جي پوڄا ٿئي ٿي.

مهاشو راتڙي ڏڻ تي شو جي پنهنجي مورتي جي پوڄا ڪئي ويندي آهي ۽ ان ڏينهن تي پوڄا کي وڏيڪ اتم سمجهيو ويندو آهي. خاص ڳالهہ اها آهي تہ ان ڏينهن شو جي مورتيءَ آڏو پنجا مرت يعني ڏڌ، کير، مکڻ، ماکي، کنڊ سان گڏ تلڪ، چانور، گل ڏوپ، ڏيئا، موسم جا ميوا، عطر عنبير وغيره پوڄا جا خاص سامان هوندا آهن.

"پسو پتي" ۽ "ڌرتي ماتا" جا اهي تصور اڄ بہ ڪجهہ مختلف صورتن ۾ برقرار آهن. قديم مصر جي نظرئي واري عنوان هيٺ چيو ويو آهي تہ جڏهن ٻن تهذيبن وچ ۾ رابطو قائم ٿيو، تڏهن جيڪڏهن رضا ڪارانو الحاق ٿيو تہ ديوي يا ديوتا جي اهميت ۽ فضيلت برقرار پئي رهي پر جنگ جي صورت ۾ هارائڻ ڪانپوءِ هڪ قوم جا ديوتا ٻي قوم جا شيطان پئي بڻيا ساڳيو مثال قديم سنڌ ۾ ديوتائن ۽ اسرن جي جنگ ڪانپوءِ جو آهي. جنهن ۾ هندن وٽ

"ديو" خدا آهن ۾ پارسين وٽ "شيطان" ٿيا. جڏهن تہ اسر، هندن وٽ شيطان ۽ پارسين وٽ اهر مزدا ٿيو. پر ڌرتي ماتا سان اهڙي صورتحال پيش نہ آئي ۽ هر قوم ۽ قبيلو جيڪو هنگلاج واري قديم ماڳ وٽان لنگهيو، ديويءَ کي پنهنجي پنهنجي عقيدي موجب نالو ڏنو ۽ ديوي وڌيڪ کان وڌيڪ مقبول ٿيندي وئي.

هوڏانهن شِو جيڪو بنيادي طور تي دراوڙن وٽ تخليق، جانورن ۽ جوڳ ۽ تپ جو ديوتا هو، تنهن آرين جي يلغار ۾ پاڻ بچائي رکيو، ڇاڪاڻ تہ آريا دراوڙن کي مڪمل طور تي زير ڪري نہ سگهيا. پر، شو پنهنجي اڳوان واري حيثيت قائم رکي نہ سگهيو ۽ اها برهما والاري. ساڳي طرح ديوي ماتا جا تخليق ۽ خوشحالي وارا ڪم سنتوشي ۽ لڪشمي ديوين سان منسوب ٿيا جيڪي اولاد ۽ قسمت جون ڏئي ٿيون ۽ ديوي ماتا درگا ۽ هنگلاج ديوي جي روپن ۾ ڪشترين جي ديوي بڻجي وئي.

هنگلاج ديويءَ واري ڪٿا ۾ ڄاڻايل دڪشيہ پرجاپتي ۽ مهاديو شو جي وچ ۾ لڳل جنگ واضح طور تي آريائي ۽ دراوڙي سماج واري اهم جنگ بابت نشاندهي ڪري ٿي، جنهن ۾ شو جي زال "اُما" يا "پاربتي" جو سر وڍجي وڃي ٿو. ائين ٿو لڳي تہ هي اهو ئي لمحو آهي جڏهن کان آرين سنڌو ماٿريءَ تي قبضو ڪيو ۽ "ديوي ماتا" جي پوڄا تي "پيءُ ديوتا" جي پوڄا غالب پئي. جيڪو آرين جو طور طريقو هو. ٻئي طرف شو مهاديو جيڪو هن کان اڳ تخليق جو ديوتا هو، دڪشيہ پرجاپتيءَ آڏو پنهنجي طاقت مڃائڻ کانپوءِ تخليق بدران جنگ جو ديوتا ٿي ويو.

مون سنڌو ماٿريءَ ۾ جن بہ قديم آستانن جو مشاهدو ڪيو آهي، اهي ٩٥ سيڪڙو شو مهاديو ۽ ڪالي ديويءَ سان منسوب ڏٺا آهن. اهڙن ماڳن جو ذڪر مان اڳ بہ ڪري چڪو آهيان مونکي سنڌ توڙي پنجاب ۾ جيڪي مندر شري رامچندر يا ڪرشن مهاراج جي حوالي سان مليا، اهي گهڻو پوءِ وارن وقتن جا آهن يا ائين کڻي چئجي تہ گذريلَ ٻن ٽن صدين جا هوندا. ٻي خاص ڳالهہ اها تہ سنڌو ماٿريءَ ۾ قائم مندرن ۾ وشنو سميت ٻين ننڍن وڏن ديوتائن جا مندر آهن ئي ڪونہ. جيئن هندوستان جي ٻين خطن ۾ آهن، اهڙن ديوتائن لاءِ اگني، وايو، اِندر وغيره جا مثال ڏئي سگهجن ٿا. مون سنڌو درياهہ ۾ ٻيڙين ذريعي اٽڪ کان ڪراچيءَ تائين تحقيقي سفر

دوران هنڌ هنڌ واقع قديم مندر بہ ڏٺا ، پر اهي بہ شو مهاديو جي ٻالڪپڻ سان منسوب هئا ، ان حد تائين جو پنجاب ۾ واقع قديم ماڳ " ٻڌوڻ شريف" جيڪو هاڻي سنڌو ماٿريءَ جي مسلمانن وٽ لاهوت وانگر ئي مقدس آهي ، شو مهاديو جو اسٿان ثابت ٿيو. اتي واقع قديم قبرستان ۾ سڀ کان مکيہ قبر تي نانگ ۽ لنگم اڄ تائين رکيل آهن ، جيڪي شو جا خاص نشان آهن.

والٽر فيئر سروس سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب بابت چوي ٿو تہ ان تهذيب مان ماڻهوءَ جي جسم کان موت تائين جا نشان ڳولي سگهجن ٿا. جن ۾ لنگم وارو اهڃاڻ ، هڙپہ مان لڌل ڳرڀ وتيءَ جي چٽساليءَ واري غير معمولي مهر جنهن تي ٻوٽي جو جسم ڏيکاريل آهي ، هڙپہ مان ئي هڪ مٽ مان لڌل لنگم ، عورتن ۽ ڏاندن جون شبيهون ، زرخيزيءَ جي ديويءَ کي جانورن ۽ انسانن جي قرباني ، پيهر جنم واري متي ڏانهن سختيءَ سان خيال اپارين ٿيون. پختگي واري دور ۾ گڏيل عبادت ، پروهت سرشتو ، عمارتن جا محلاتي ڍانچا ، نقابن جو استعمال ، سڱن وارا مٽي جا خول ، مورتين وارا عنصر جھڙوڪ ماڻهو - شينهن يا ماڻهو - ٻڪر واريون شبيهون ، وڻ واري ديوي ، گلگميش جو خاڪو ، مهرن تي چٽسالي ٿيل ۽ سينگاريل جانور ، ٿلهي تي ويٺل ماڻهو ، جنهن آڏو ماڻهو گوڏا کوڙيل حالت ۾ آهن وغيره ڳڻيل ڏند کٿائن ، Animim جشن ۽ مختلف سگهن سان تعلق رکندڙ ٻيون ريتون بنيادي شاهديون رکندڙ آهن. فيئر سروس تهذيب جي قدامت بابت چوي ٿو تہ تهذيب جي شروعاتي دور ۾ تدفين پراڻي نيو ليٿڪ طرح سان نظر اچي ٿي چو تہ ايچ آر اي واري علائقي جي هڪ گهر ۾ اندر هڪ قبر ملي آهي. لاش ڪاٻي پاسي ليٽايل هو ۽ منهن اوڀر ڏانهن هئس. هو چوي ٿو تہ ."هڙپہ تهذيب جو ڦهلاءُ آپڪنڌ جي اولهہ وارن پاسن ڏانهن تکڙو زوردار ۽ سڌو هو.تهذيب پنهنجي حقيقي جاگرافيائي حدن کان گهڻو ٻاهر تائين پکڙي. ان جو ڦهلاءُ مکيہ شاهراهن تي هو جن ۾ مڪران وارو ڪنارو ، بولان لڪ ۽ ڏکڻ شامل آهن. انهن علائقن تي هن تهذيب پنهنجا خاص اثر ڇڏيا ۽ مقامي ثقافتن سان گڏ جي سڏجي وئي. اهو ميلاپ مستحڪم دائري ۾ ٿيو ." هن اهو بہ ٻڌايو تہ اها صورتحال ٿوري وقت لاءِ رهي. هو ڏانهن سرايم. ويلر چوي ٿو تہ "سنڌو تهذيب ڪنهن بہ ٻي جاتل پري-

ڪلاسيڪل تهذيب کان وڏيڪ وڏي علائقي تي پکڙيل هئي."

# شِوُ سڀ کان قديم ديوتا

مهن جي دڙي واري تهذيب شو کي سنڌو ماٿريءَ جو پهريون ديوتا ثابت ڪري ٿي. پر ان راءِ جي حق ۾ هندن جون ڌرمي ڪتابون ۽ خاص طور تي شو پراڻ ۾ وڏي وضاحت موجود آهي. عام طور تي برهما کي اوليت ۽ فوقيت وارو ديوتا سمجهيو ويندو آهي. پر هيٺ ڏنل ڪجھ پئراگرافن ۾ برهما ۽ ڀڳوان شنڪر (شو) جي زباني ڪجھ جملا پيش ڪجن ٿا، جيڪي هندو ڌرم ۾ شو جي حيثيت متعين ڪن ٿا.

"برهما : اي رشيو جو سيني اندرين سان پهرين هن سنسار ۾ پر گهٽ ٿيو، اهو ديون جو ديو ۽ مها ديو آهي. برهما، وشنو ۽ ردر ۽ اندر ان ۾ سمايل آهن. هو سڄي برهمانڊ جو سوامي آهي"
(صفحو ١٠ - شو پراڻ)

"ڀڳوان شنڪر : اي ديوتائو مان توهانجي ڀڳتيءَ تي ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان. جنهن مها ديو جي روپ ۾ توهان منهنجو درشن ڪري رهيا آهيو. سوئي روپ سنسار ۾ منهنجي پوڄڻ لائق آهي. توهان ٻئي مون مان پرگهٽ ٿيا آهيو. توهانجي مون ۾ ٽي ڀڪي ردر (ڀڪي) ڀڳتي رهندي. مان ٽي سرشٽيءَ جو پيدا ڪندڙ، پالينڌڙ ۽ ناس ڪندڙ آهيان. نرگڻ سرگڻ آهيان. ڪم جي ورهاست لاءِ مون ٽي برهما، وشنو ۽ ردر جو الگ الگ روپ ڌارڻ ڪيو آهي. اي وشنو، تو ۽ برهما منهنجي اوتار بابت استوتي ڪئي آهي ۽ تنهنڪري توهانجي پرارٿنا ضروري پوري ڪندس. اي برهما تون سرشٽيءَ کي پيدا ڪرڻ وارو ٿيءُ ۽ هن اُما (پاروتي) جي انش ڀاڱي مان تون واڪ ديوي (سرسوتي) پر گهٽ ٿي تنهنجي مدد ڪندي. وشنو مان وري هن اُما (پاروتي) جو ٻيو انس ڀاڱو لڪشمي ديويءَ جو روپ ڌاري مدد ڪندي ۽ منهنجي ٽئين روپ ردر (شو) سان اُما ڪاليءَ جو روپ ڌاري اچي سنگهار ڪرتا ۾ مدد ڪندي. هائي توهان منهنجا انش (حصا) آهيو، عام جيڪلياڻ ۽ سک رهو. (شوپراڻ -ردر سنگهتا صفحو ٥٤)

# طاقتور هستين جو تصور

قديم دنيا ۾ ديوتا ڇو هئا، ڏوڻن ڦيڻن ۽ ساڻ سوڻن جي ضرورت ڇو هئي؟ ڪافي اهم سوال آهن جن تي جيمس فريزر ايتري تفصيل سان لکيو آهي جو هر ڪو حيرت جهڙو ڪم رواجي ٿو لڳي. دراصل، هڪ جواب ته اهوئي آهي ته انسان فطرت جي سمجهه ۾ نه ايندڙ پيچيدگين جا پنهنجي سمجهه ۽ مشاهدي آهر جواب تيار ڪري قدرت جي مختلف مظهرن کي انساني ۽ علامتي شڪليون ڏنيون. جڏهن ته ٻئي جواب ۾ هن ٻه ٽي اهم ڳالهيون ڪيون آهن. هو چوي ٿو ته مختلف ديوتا دراصل مختلف قبيلن جا ڪي طاقتور ماڻهو هئا، جيڪي روايتن جي ڏند ڪٿائن ۽ مبالغي سبب ايڏا قداور ٿي پيا آهن. فريزر ٻي اهم ڳالهه اها ڪري ٿو ته، "ٽوڻا ڦيڻا ۽ اهڙيون ٻيون ڪرتون ستل فطرت کي جاڳائي پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ آهي." جاڪاڻ ته اوائلي انسان جو عقيدو هو ته فطرتي رد عمل پيدا ڪرڻ لاءِ جنهن تي زندگيءَ جو دارو مدار هو، ڪيس فقط نقل ڪرڻو پوندو هو، جنهن ڪان هڪدم پوءِ ڪنهن خفيه تعلق يا هم آهنگيءَ سبب ڪائنات طاقتور هستيون سندس نبيڙي ناٽڪ جو، جيڪو هن ڌرتيءَ تي ڪنهن ٻيلي جي هڙي، جبل جي واديءَ، ريگستاني ميدان يا طوفاني ساحل تي ادا ڪيو، خود بخود وڏي ۽ وڌيڪ طاقتور سطح تي نقل ڪنديون ۽ گهربل مقصد حاصل ٿي ويندو.

طاقتور هستيءَ جو تصور ذهن ۾ ڪيئن ٿو اڀري؟ پڻ هڪ دلچسپ سوال آهي. هيءُ سڄو تخيل، خيال ۽ خواب جو ڪارنامو ۽ حقيقتن جو غير سائنسي دليل آهي. اوائلي شعور ۽ لاشعور ۾ ڪو خاص فرق نه هو، خواب پڻ ساڳئي ڪٽنب جي شيءِ آهن. جديد تحقيق موجب خواب ۾ نظر ايندڙ پيچيده ورلاپ جو محرڪ درحقيقت انسان جي اندر جا شديد خدشا، خواهشون ۽ ٻيون پيچيده سوچون هونديون آهن، جيڪي ننڊ واري حالت ۾ مختلف ذهني عملن مان گذرنديون شڪل بدلائي خواب جي صورت ۾ ظاهر ٿينديون آهن. انسان به جيئن ته منڍ کان ئي فطرت جي سگهن ۽ ماحول کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تنهنڪري چوگرد موجود خطرن، خطرناڪ جانورن، قبائلي تضادن، باهمي رشتن، فطرت جي

مهرباتين ۽ ناراضگين جو خوابن ۾ عجيب غريب شڪليون وٺي ظاهر ٿيڻ لازمي آهي. خوابن جو معاملو ڳوڙهي نفسيات جي دائري ۾ اچي ٿو، تنهن ڪري محسوس ڪري سگهجي ٿو ته اهو ڪيترو پيچيدو ۽ علامتي اظهار آهي. تعجب ناهي ته ديون ۽ ديوتائن جون عجيب غريب شڪليون ۽ خاڪا، اوائلي انسانن جي خوابن ۾ اپرندڙ شڪليون ۽ خاڪائي هجن، جن کي هنن جيئن جو تيئن، مورتي، تصوير، قصي ۽ ٻين صورتن ۾ منظر عام تي آندو آهي.

ائين به ٿي سگهي ٿو ته انسان پنهنجي تصور ۾ ناهيل وجود کي هٿرادو گهڙاوت بعد ۾ ڏني هجي ۽ سنگ تراشي کان اڳ هن اهڙين قدرتي گهڙاوتن کي اهميت ڏني هجي، جيڪي سندن ذهن ۾ اپريل تصور سان هڪجهڙائي رکندڙ هيون. مثال طور خود نانيءَ جي مجيسي کي ڪٺي سگهجي ٿو، يا لاهوت واري ماڳ تي نانگ، شو جو لنگم يا آدم جو ڏندو وغيره آهن. اهي سڀ گهڙاوتون قدرتي آهن ۽ انهن کي گهڙڻ جو سچو ڪريڊٽ جبلن ۾ اندر وهندڙ پاڻيءَ ڏانهن وڃي ٿو، جنهن چن جي پٿر کي هنڌ ان هنڌان ڳاري غار ۽ ٻيون عجيب غريب شڪليون گهڙيون آهن.

اهو به ممڪن آهي ته هنن ماڻهن کي ڪو ماهر سنگتراش نصيب نه ٿيو هجي، جنهن ڪري باقاعدي مجسمي سازي نه ڪئي وئي. يا اهو به ممڪن آهي ته هنن پوتر آستانن جي فطري صورت کي وڏيڪ تقدس جوڳو سمجهيو ويو. نيٺ به فطرت جي فنڪاريءَ سان انساني هٿن جو ڪهڙو مقابلو!

• "مين : دي فالن ايپ" جو ليکڪ برانڪو بو ڪن، ديوتائن جي وجود ۽ ميسو پوٽيما جي ڏند ڪٿائن تي بحث ڪندي لکي ٿو ته ناڪام ذهن اطاعت لاءِ هردم تيار هوندو آهي، انڪري ته ڪيس بحران مان نڪرڻ لاءِ ڪانه ڪا واٽ کپي ٿي. پوءِ هو هڪ تجريدي خيالي هستي ايجاد ڪري ٿو. هڪ پيءُ جيڪو مڪمل حاڪم هجي، جيڪو زندگي ۾ سندس رهنمائي ڪري ۽ ان جي بدلي ۾ هو ڪيس اها واحد شئي آڇي ٿو، جيڪا ڪو منجهيل ذهن ڏيئي سگهي ۽ اها شئي آهي، اطاعت.

صاف طرح ڏسجي ٿو ته سنڌ ۾ ماتا ديويءَ واري تصور تي پيءُ ديوتا جو تصور غالب پيو آهي. ان ڪانپوءِ ماتا ديوي ۽ پيءُ ديوتا گڏوگڏ موجود رهندا پيا هلن. هتي اها وضاحت وري به ٿيندي هلي

تہ آرين جي اچڻ کان بہ سنڌ ۾ پيءُ ديوتا جو تصوّر شو مهاديو جي صورت ۾ موجود هو، پر ڏند ڪٿائن جا هيڏا سارا تسلسل اڳ ۾ موجود ڪو نہ هئا، انهن تفصيلن آرين ڪانپوءِ جنم ورتو. بهرحال ايتري حقيقت ضرور آهي تہ آرين ڪانپوءِ سنڌ ۾ ديوي ماتا بنهہ ويچاري ٿي پئي ۽ پيءُ ديوتا کي وڌيڪ اهميت ملي، ۽ هاڻي سماج ۾ ديوي ماتا جي اهائي حيثيت آهي. جيئن سماج ۾ راڻيءَ جي هجي يا جيئن قبائلي سرشتي ۾ سردار جي زال هجي.

سوال آهي تہ هنگلاج ۾ ماتا ديوي جو مجسمو ۽ لاهوت ۾ شو جو اهڃاڻ ڇو ڪڙو ڪيو ويو؟ ائين ڇو نہ ٿيو تہ هنگلاج ۾ شو ۽ لاهوت ۾ ديوي ماتا جا اهڃاڻ هجن. واقعي منجهائيندڙ سوال آهي. ان جو صرف اهو جواب، ٿي سگهي ٿو تہ هنگلاج واري علائقي تي جيڪا قوم يا قومون اثر رکندڙ هيون، تن وٽ ماتا ديوي جو تصور موجود هو. جڏهن تہ لاهوت وارو ماڳ ان سوچ جي دخل اندازيءَ کان پري رهيو ۽ جڏهن مذڪر سگهہ جو خيال اڀريو تہ ان پڻ اوترو ئي مضبوطيءَ سان مختلف ماڳن تي پاڙون ڪيون. مهن جي دڙي واري تهذيب جي اثر جو مڪران واري ڪناري تائين وڌڻ ظاهر ڪري ٿو تہ اوائلي وقت ۾ مهن جي دڙي واري مکيہ ديويءَ هنگلاج واري علائقي ۾ بہ مقبوليت حاصل ڪئي. هڪ ٻئي امڪاني جواب موجب، جڏهن انسان ذات جي انهن اوائلي ويچار وستين ۾ ڪن اوئلي ڏاهن ڪائنات جي تخليق ۽ ٻين مکيہ سوالن تي ويچار ڪيو تہ جنهن ماڳ تي ڪنهن اوائلي ڏاهي جي ذهن ۾ ماتا ديويءَ بابت ابتدائي نظريو قائم ٿيو اتي ماڻهن ماتا ديويءَ جو اهڃاڻ ٺاهيو ۽ جتي پيءُ ديوتا جو ابتدائي تصور اڀريو، اتي ان جي مناسبت سان اهڃاڻ ٺهيو ۽ بعد وارن زمانن ۾ انهن ماڳن کي ان مخصوص ديوي يا ديوتا جو ماڳ قرار ڏنو ويو.

انسان هر اڻ ڄاتل شئي کي پنهنجي ڄاڻ جي آڌار تي پرکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. انسان کي يقينن ان وقت ان ڳالهہ جو احساس هو تہ ڪابہ شئي ٺاهڻ جو بهتر هنر صرف انسان وٽ آهي، تنهنڪري هر اهو وجود جيڪو ڪا شئي تخليق ڪري سگهي ٿو يا اهڙو عمل ڪري سگهي ٿو سو شڪل صورت ۽ بيهڪ ۾ انسان جهڙو هوندو. جيڪڏهن تخليق ٿيل شئي زبردست آهي تہ ان کي تخليق ڪندڙ بہ اوترو ئي زبردست ۽ مڪمل هوندو، پر

هن کي ماٺهوءَ وانگر هٿ پير، اکيون ۽ باقي جسم هوندو. هنگلاج ديويءَ جو تصور بہ عورت وارو آهي جڏهن تہ هر جاندار کي وجود ڏيڻ لاءِ شو جي لنگم جو تصور اڀريو آيو. پر انهن ٻن نظرين مان ماتا ديويءَ جو تصور وڌيڪ پراڻو ۽ وسيع رهيو آهي، ڇو تہ عورت ٻار پالي ٿي ۽ هن کي جنم بہ ڏئي ٿي. اهو آسان مشاهدو آهي. تخليق واري عمل ۾ مرد جي ملوث هئڻ جو احساس گهڻو پوءِ ٿيو.

اوائلي انسان، اوائلي پيداواري رشتن ۾ ٻڌل هو ۽ انهن پيداواري اوزارن جي صورت اجتماعي ۽ اهڙي هئي جو هر انسان جي شخصيت الڳ ٿلڳ ۽ انفرادي حيثيت حاصل ڪري نہ ٿي سگهي. ڇو تہ هر ماڻهوءَ جي پوکڻا ۽ خوشي اجتماعي نوعيت جي هئي ۽ تڏهو ڪو انسان اجتماع سان وڌيڪ ڳنڍيل هو. ٻين اکرن ۾ وٽس "مان ۽ منهنجو" واري سوچ بدران "اسان ۽ اسانجو" واري سوچ هئي. اهڙي صورت ۾ تڏهوڪي ماڻهوءَ جو هر قدم، هر سوچ ۽ هر عمل اجتماعي هو.

ڇاڪاڻ تہ اجتماع ئي وحدت هئي تنهنڪري معاشري گڏيل انداز ۾ تخليقون ڪيون آهن ۽ ابتدائي نظرين کي گڏيل انداز ۾ پچايو آهي. جهڙيءَ ريت اڄ ڪو ڪهاڻيڪار يا ناول نگار ڪي ڪردار تخليق ڪندو آهي. ساڳي طرح تڏهوڪا معاشرا بہ گڏيل تجربن جي بنياد تي ڪي اهڙا ڪردار تخليق ڪندا رهيا آهن، جيڪي تمام سگهارا هئا. سندن سگهاري هئڻ جا ڪارڻ بہ تمام ڇڻا آهن. پهريون تہ، اهي اجتماعي سوچ جا تخليق ڪيل هئا ۽ ٻيو تہ، اهي منڍ ۾ فطرت جي رحيم ۽ جابر قوتن جي صورتن ۾ هئا، جن پوءِ انساني صورت اختيار ڪئي ۽ انهن جي ذريعي انسان پنهنجن جذبن، روپن امنگن ۽ خواهشن کي نروار ڪيو. اهڙي طرح اهي تصوراتي ڪردار بالڪل انساني زندگيءَ ڀانڊڙ تي پيا ۽ فقط هوا ۾ بيٺل ۽ خيالي نہ رهيا.

اوائلي انسان جي ذهن ۾ اها ڳالهہ شدت سان اڀري هئي تہ فطرت جون مهربان ۽ ظالم قوتون انساني انداز ۾ نہ رڳو عمل ڪن ٿيون پر سوچين بہ ٿيون ۽ پرچن ۽ ناراض بہ ٿين ٿيون. اهوئي سبب هو جو اوائلي انسان پيڻائن، قربانين ۽ پوڄا جو رستو اختيار ڪيو تہ جيئن اهي قوتون ڪائنس راضي رهن. جابر

قوتن کي رت جي قرباني ڏني ٿي وئي، جيئن هندومت ۾ چنڊي ۽ ڪالي ديوين جو تصور آهي. جڏهن تہ مهربان ۽ تخليقي قوتن کي گل، شراب يا کير ۽ ان قسم جون پيشڪشون ڏنيون ٿي ويون، جيئن سنتوشي ماتا شو يا ٻيون ديويون / ديوتا آهن. يوناني ديو مالا ۾ وري چوپايو مال ۽ ٻيون ملڪيتون ديوتائن جي نالي ڪرڻ جو عمل گهڻو ڏسجي ٿو. ٿورو غور ڪجي تہ مهربان قوتن کي ڏنل پيشڪش واريون شيون اهي ئي آهن، جيڪي خود انسان کي فائدو يا خوشي ڏيندڙ آهن. جڏهن تہ جابر قوتن کي خوش ڪرڻ لاءِ رت استعمال ٿيو، ڇاڪاڻ تہ اهو ڪنهن زندگيءَ جي خاتمي ڪانپوءِ حاصل ٿئي ٿو. اوائلي ماڻهوءَ جو خيال هو تہ وحشي قوتون رت تي ريجهن ٿيون، جو انهن جي خوراڪ رت، ماس ۽ حياتي آهي.

دراصل، ديو مالائي ڪردار جتي ڪانہ ڪا واضح صفت رکن ٿا، اتي انهن سان ٻيا بہ عجيب غريب پهلو ڳنڍيل ٿين ٿا، جنهن ڪري ڪيئي مونجهارا پيدا ٿين ٿا. ان ڳالهہ جي بہ اهائي وضاحت آهي تہ جهڙي طرح خود هر انسان جي ڪانہ ڪا صفت نمايان هوندي آهي، اتي منجهس ٻيون بہ صفتون هونديون آهن. وحشي ماڻهن ۾ مهربانيءَ واري صفت يا مهربان ماڻهوءَ ۾ جبلي وحشت بہ ٿئي ٿي. اهڙي طرح انسان پنهنجون صلاحيتون ديوتائن کي ڏيئي دراصل پنهنجو پاڻ کي پڌرو Explain ڪيو آهي. اسان ڏسون ٿا تہ انسانن واريون سڀ صفتون فرشتن، جنن، ديئتن، راڪاسن، ديون ۽ ديوتائن ۾ آهن. انهن صفتن کي انتهائي حدن تائين وڌائي خدا کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

هوڏانهن هندو ديومالا ۾ برهما خالق آهي، شو تباهہ ڪندڙ ۽ وشنو قائم رکندڙ آهي. پر ساڳئي وقت شو جي لنگ پوڄا ڪيس تخليق لاءِ ذميوار ڪري ٿي ۽ وشنو بار بار اوتاري شڪل ۾ زمين تي لهي ڌرم قائم رکڻ لاءِ ظالم خلاف وڙهي ٿو، جيتوڻيڪ ظالم خلاف وڙهڻ کشترين جو ڪم آهي جن جو ديوتا "شو" آهي. ڪالي ۽ درگا بہ ساڳي نوعيت جا ڪردار آهن جنهن ۾ ٻئي ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ ذميوار آهن. هوڏانهن وشنو سان منسوب ديوي لڪشمي جو مجموعي ڪردار وري مڙس ڪان

مختلف آهي. مختصر اڪرن ۾ ديوين ۽ ديوتائن جي ڪردارن وارا صفتي تضاد خود ماڻهوءَ جا پنهنجي اندر ۾ صفتي تضاد آهن.

اهڙي طرح اجتماعي طور ڪردار تخليق ڪندي انسان پنهنجن جذبن جي آڌار تي ڪائنات جي مظهرن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ انهن کي مختلف نالا ڏنا آهن.

ماڻهو، پوءِ چاهي اهو اوائلي هجي يا جديد "ڄاڻ" چاهي ٿو. جيستائين ڪيس مظهرن جي حقيقت معلوم نه آهي، هو ڪائنات ڊڄي ٿو. جڏهن مشاهدي، ويچار ۽ تجربن ڪانپوءِ مظهرن جي حقيقت مٿس پڌرن لڳي ٿي تڏهن هو مختلف جذباتي ڪيفيت مان گذري ٿو ۽ جڏهن اها پڌري پوري ٿئي ٿي ۽ باقي اجنبي نه ٿي رهي ته پوءِ اها پر اسراريت بہ باقي نہ ٿي رهي، جيڪا هئي.

لاهوت ۽ هنگلاج سچ جي تلاش واري اهڙي ئي ڏکهي سفر جا نشان آهن، جن ڏانهن پڻائي جا پيرا بہ نظر اچن ٿا ۽ اهو تسليم ڪندو نظر اچي ٿو تہ هنگلاج واري ماڳ تي ڏيان گيان وارو سلسلو بہ درست آهي ڇاڪاڻ تہ بنيادي معاملو شعور حاصل ڪرڻ جو آهي. سوچ ويچار هر هنڌ ڪري سگهجي ٿو ۽ ساڳئي نتيجي (سچ) تي پهچي سگهجي ٿو.

* * * * * * * * * *

سوسا مان لڌل هڪ پليٽ تي نانيا
ديويءَ جي اڪريل شبيهہ جيڪا
سنڌو تهذيب مان لڌل ان مهر سان
مشابهہ آهي جنهن ۾ ديوي ٻوٽو
ڄڻي رهي آهي.

# حوالا


1. Hindu Mythology and Religion - John Dowson
2. Lasbella Gazetter.
3. Hinglaj - N.G. Bilimoria
4. Hinglaj - Ali Ahmed Brohi
5. Who is Who in Classical Mythology - Michael Grant & John Hazel
6. Hindu Mythology - W.J. Wilkins
7. Sind - Before Conquest of Muslims - H.T. Lambrick
8. Sind - A General Introduction - H.T. Lambrick
9. Encyclopedia of Archaeology - Larousse
10. Atlas of Pakistan - Directorate - Survey of Pakistan
11. Golden bow -James Frezer
12. The Roots of Ancient India _ walter A.Fairservice Jr.
13. Man : The Fallen Ape - Branko Bokun
14. IRAN - R. Grishman.
15. The Geographical Dictionary of Ancient and Mediaeval India - Nundolal Dey
16. A. Note on Eka-mukha Stone linga - Abdul Aziz Farooq - Journal of Central Asia, Vol XI, No: 2, DEC 1988

١٧. شري هنگلاج ماتا جي ياترا - رام چند ايس کتري
١٨. قديم سنڌ - ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي
١٩. سنڌو تهذيب - تاج صحرائي
٢٠. پکوان ٻڌ - ڏرمانند ڪوسمجي
٢١. لطيفي سئر - ڪاڪو ڀيرو مل مهرچند آڏواڻي
٢٢. پيام لطيف - محڪمه تعلقات عام سنڌ
٢٣. شري هنگلاج درشن - شريمان ڀنور لال کتري
٢٤. رامائڻ
٢٥. مهاڀارت
٢٦. هاهوت ۽ لاهوت جا ڪرڙا ڏونگر - غلام محمد لاهوتي (روزاني مهراڻ حيدرآباد، ٥ جولاءِ کان ١٢ جولاءِ ١٩٨٩ع)

٢٧. شريمد شو پراڻ - سنڌي ايڊيشن - الهاس نگر بمبئي
٢٨. هنن لٽو هنگلاج ۾ - منير شاهه (هلال پاڪستان)
٢٩. پاڪستان جون قوميتون - يوري گنڪو فسڪي
٣٠. دي ڪنسائيز پرشين انگلش ڊڪشنري
٣١. شاهه جو رسالو - علامه آءِ آءِ قاضي
٣٢. شاهه جو رسالو -غلام محمد شهواڻي
٣٣. قرون وسطيٰ ۾ هندستاني تهذيب - ليڪچرز - هيراچند اوجها
٣٤. ماضي ڪي مزار - سبط حسن
٣٥. دنيا ڪا قديم ترين ادب - ابن حنيف
٣٦. مختلف اخبارون رسالا، ڪتابڙا، پمفليٽ ، چوپڙيون.
٣٧. مقامي ماڻهن ڪان انٽرويو.
ءِ اکين ڏٺو مشاهدو .

* * * * * * * * *



جيئي شاهه نوراني ءِ واري واديءَ ۾ جبل تي قدرتي اُڪر.

# بدر ابڙي جا شايع ٿيل ڇپيا ڪتاب

* تنقيد نگاري
* رني ڪوٽ
* جيل جي ڊائري

# اشاعت هيٺ ڪتاب

* رني ڪوٽ (اردو)
* ٻوساٽ (ڪهاڻيون)
* سنڌ ۾ پٿر جو دور (تحقيق)
* ڀنائيءَ جي ڳولا (تحقيق)
* هيءَ سَين (ڇپيل ڪالم)
* زندگي جدوجهد اڻٿڪ سفر (ڇپيل ڪالم)
* ديبل جي ڳولا (تحقيق)
* سنڌ جا ڪنڊر، ماڳ ۽ مڪان (تحقيق)
* سنڌوءَ جا ڪنارا (تحقيقي سفر نامو)



هنگلاج مندر جو مڪمل ڏيک.



هنگلاج ديويءَ جي مورتي جنهن ۾ بظاهر ڪا به شبيهه ناهي پر انساني ذهن پٿرن جي ان ترتيب ۾ ديوي ڏٺي آهي. انهن ئي پٿرن سان پٿائيءَ واري وقت ۾ ڪير هارڻ جي روايت مشهورآهي.



هنگلاج مندر جون ڪجھ ڏاڪڻيون - در ۾ گھڻو تنگيل
آهي، جيڪو مندر ۾ گھڙڻ ڪان اڳ وڃائڻ ضروري سمجھيو
وڃي ٿو ته جيئن ستل هنگلاج ماتا (ناني) جاڳي پوي. هتي
آس پاس ناريل جا ڪوپا ۽ ڏيئا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، جيڪي
ديويءَ ڪي پيتا ڏيڻ لاءِ آندا وڃن ٿا.

مڪلي مندر ۾ هيءَ هنگلاج ديويءَ جي مورتي آهي جڏهن
تہ پر ۾ رکيل تصوير ۾ درگاه جي سواري شينهن نظر پيو
اچي.



درگا: طاقت جي ديوي "دسا ڀُڄا" ڏهن ٻانهن واري روپ ۾ - سندس نراڙ تي مهاديو وانگر ٽين اک ۽ ٽين تاريخ جو چنڊ ظاهر آهن.

ڪالي ديوي : ديوي ماتا جو ڪروڌ ڀريو روپ جنهن ۾ هوءَ راڪاسن جي منڍين جي مالها پائي بيٺي آهي، انهن جي ٻانهن کي چيلهه جي چوڌاري ويڙهيو اٿس - هڪ هٿ ۾ ترشول، ٻئي ۾ ڪٽارو، ٽئين ۾ راڪاس جي منڍي جنهن مان تازو رت ٽمي رهيو آهي جيڪو چوٿين هٿ ۾ جهليل ٿانءَ ۾ جمع پيو ٿئي. ديويءَ جي زبان ڳاڙهي ۽ ٻاهر نڪتل آهي، نراڙ تي ٽين اک ۽ مٿي تي ٽين تاريخ جو چنڊ نمايان آهن. هيءَ منظر هڪ واقعي ڪانپوءِ ڪاليءَ جي انتهائي ڪروڌ کي ظاهر ڪري ٿو جنهن ۾ هوءَ مهاديو جي ڇاتيءَ تي پير رکي بيٺي آهي.

هنگلاج واديءَ ۾ ڪالي ماتا جو تيرٿ جتي رت جي پيٽا
جا اهڃاڻ چٽيءَ طرح ڏسي سگهجن ٿا.



ڪالي مندر تي رت جو ٻليدان ڏيڻ ڪان اڳ ٻي عيب ٻڪر
کي تلاءَ ۾ وهنجاريو پيو وڃي.



ماتا جي گرڀ جا ٻہ منظر جنهن مان ياتري ٻانبڙا
پائي لنگهي ايندا آهن. جنهن ڪان پوءِ عقيدي موجب ياترين
جا گناهہ ڌوپجي وڃن ٿا ۽ ياتري نئين ڄاول وانگر
معصوم ٿي وڃي ٿو.



هنگلاج ديويءَ جي گرڀ مان نڪرڻ کان پوءِ هيءُ ياتري پٽ تي ليٽي تازي ڄاول ٻارن وانگر هٿ پير هڻي، چپ ڪڍي "اوئان اوئان" ڪري رهيو آهي، ڄڻڪ هن سچ پچ هاڻي جنم ورتو آهي.



هنگلاج مندر ۾ ياتري ٻه ٻه ٿي ديوي ماتا جي گرڀ ۾
داخل ٿي رهيا آهن، ڪين مسلمانن جي احرام جهڙي اٽسبيل
گوڏ ٻڌل آهي



هنگلاج جي پوتر پاڻيءَ ۾ ياترين جو اشنان.

هنگلاج مندر آذو پوجا پاٹ لاءِ جوڑیل "مندپ"



هنگلاج مندر ۾ شو جا لنگم



هنگلاج واديءَ جو سهڻو منظر.



ڪالي مندر جو مڪمل ڏيک.



هنگور نديءَ لگ مٿيءَ جا ھھڙا ڪيئي جبل آهن. اهڙي ئي
مٿي چندر ڪوپ واري جبل جي آهي جيڪا اتي زمين مان
ٻڙڪا ڏيئي اٿلي ٿي.



اگور يا هنگول نديءَ جو سهڻو منظر.



هنگلاج ڏانهن روانگيءَ کان اڳ لياريءَ وٽ قائم مندر ۾
سفر لاءِ آشيرواد ورتو ٿو وڃي.

جٽين جي رسم کان پوءِ هڪ ٻارڙو وڏڙن کان آشيرواد
وٺي ۽ خيرات پني رهيو آهي.

گرو گورک ناٹ سان منسوب پيرن جا نشان يا چاکڙيون.



چوراسي جبل تي ياترين هٿان ٺهيل ننڍڙا ننڍڙا گهر،
جيڪي سندن عقيدي موجب سرگ ۾ ماڙي تي ملندا.

انيل ڪن واري واٽ تي "حرامي حلاليءَ جي دري"

ڪاري ندي - جتي سمنڊ جي پوڄا ٿئي ٿي ۽ يڄن ڳاتا
وڃن ٿا.



چندر ڪوپ يا مٽي اوڳاڇيندڙ جوالا مکي.

چندر ڪوپ (پيڪناٿ) تي ياتري ٻڙڪندڙ ڳپ ۾
ناريل اڇلائي رهيا آهن.

چندر ڪوپ جي چوٽيءَ تي پيڪناٿ ڏانهن ويندڙ
ياترين جو قافلو.



لاهوت ڈانھن ويندڙ ہہ قافلا.



لاهوت لا مڪان جو ٻاهريون ڏيک، جتي هر شيءِ
پراسراريت پکيڙي ٿي. جبل جي ڇت ۾ ٽنگيل پٿر جا ڳوڙها
جن کي "ٿڻ" سڏيو وڃي ٿو. جن مان عقيدي موجب اڳي کير
ٽمندو هو.



لاهوت واري غار آڏو "ازدها" ۽ انجو ڦڻ. ازدها جي جسامت جو اندازو هڻڻ لاءِ ان تي وينل ماڻهو نوٽ ڪيو وڃي.

لاهوت لڳ هڪ قدرتي غار ۾ پائيءَ جو مختصر دٻو لاهوتي پنهنجي اڄ اتان لاهيندا آهن.

## مهاديو

سنڌو ماٿريءَ جي دراوڙ لوڪن جو سڀ کان مکيہ ۽ مقبول ديوتا مهاديو شو جنهن جي مورتيءَ ۾ ڏيکاريل سمورا تفصيل پوريءَ طرح سنڌ جي قديم سماج جي سوچ جي عڪاسي ڪن ٿا.

تصوير ۾ هيٺيان تفصيل نوٽ ڪري سگهجن ٿا :

١. يوگ آسڻ ٢. ڳچي ۽ ٻانهن ۾ ڪنٺ مالهائون ٣. ڪاريهر نانگ ۴. ڪنن ۾ واليون ٥. نراڙ تي ٽين اک ٦. وارن تي ٽين تاريخ جو چنڊ ٧. ٻڌل جٽائون ٨. چوٽيءَ مان پاڻي جي ڦٽندڙ ڌار ٩.جانور جي کل جو لباس ١٠.ترشول ١١. چيتي جي کل تي ويهڻ ١٢. ڪرمنڊل ١٣. ڇهري تي سادڙي مرڪ ١۴. ڊگڊگي



شاهہ نورانيءَ واري واديءَ ۾ اها جاءِ جتان چشمو ڦٽي ٿو
پر ڏند ڪٿا موجب اتي گوڪل ديو کي قيد ڪيو ويو آهي.



لاهوت ۾ ٿنائيءَ جي چلي وٽ هڪ غار کي قدرتي مسجد
سمجهيو وڃي ٿو. هڪ عورت ان ۾ چپ چاپ عبادت ڪندي
نظر اچي ٿي.

”نوح جو نوڪو“ پٻ جبل جي هڪ چوٽي، جنهن ۾ آرپار سوراخ آهي.



لاهوت لامڪان ۾ ”ماءُ جو پيٽ“ ۽ ”جنڊ“



# هنگلاج ۽ لاهوت

هنگلاج ۽ لاهوت لا مڪان انسانذات جا اهڙا ڪڏيل ورثا آهن جتي انسان پنهنجو پاڻ کي پرچايو آهي. اهي ماڳ صوفي فقيرن ۽ ويدانتي جوڳين لاءِ پسنديده ماڳ هئا. پر ان کان به اڳي، ڪهڙو اڳي جڏهن آريا سنڌو ماٿريءَ ۾ نه آيا هئا، تڏهن به اهي ماڳ اهميت رکندڙ هئا. اوائلي انسانن انهن ماڳن تي ديوين ۽ ديوتائن کي جنم ڏنو ۽ انهن کي لافاني ڪردارن ۾ بدلائي ڇڏيو. ديوين ۽ ديوتائن بابت عجيب غريب ڏند ڪٿائون ڪيئن ۽ ڇو وجود ۾ آيون ؟ انهن جي حقيقت ڇا آهي ؟ موهن جي دڙي مان لڌل قديم مهرن تي موجود اهڃاڻي نشانن جو لاهوت ۽ هنگلاج سان ڪهڙو تعلق ٿي سگهي ٿو؟ هي ڪتاب انهن ۽ اهڙن ٻين ڪيئي سوالن تي بحث ڪري ٿو.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَ‌ٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن ڪي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن ڪي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ ڪي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ ڪي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ ڪي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)